
سوجهرو
سينگار ريندڙ:
سائين رڪيو
قربان ٻگٽي
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نصير سومرو
نصير مرزا
امين چانڊيو
شيام ڪمار
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
پرويز
پروفيسر امر لغاري
ڊاڪٽر مرلي ڌر
پير عبيد راشدي
انور شيخ
حسيب ڪانهيو
پروفيسر شوڪت لوهار
منظور ڪلهوڙو
نائله صدف
ساٿي محبوب زنگيجو
ياسمين بلوچ
حنيف عاطر
اداسي جکراڻي
راڄن مڱريو
تاج بلوچ ۽ ٻيا
ادب جو لاڏلو ڪردار - نصير مرزا
سالگره مبارڪ
172
مهمان ايڊيٽر: ج.ع. منگهاڻي
قائم ٿيل: 1969. ماهنامه سوجهرو ڪراچي. سال: پندرهون. شمارو: 172 (جولاءِ 2013) رجسٽرڊ نمبر: MC-1004. مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ

سال:15. شمارو:172. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانې قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## ٽچ مي پليز...

**پڌوءِ** مون اوهان سان مخاطب ٿيڻ چاهيو ٿي- پر وچ ۾ آيل مصروفيتن، وقت جو ويڇو وجهي ڇڏيو.

سوجهرو قبيلو، منهنجو پنهنجو قبيلو آهي. اسان سڀن جو گڏيل قبيلو آهي. سنڌي ادب جو قبيلو آهي.

اسان جون محبتون/نفرتون انهيءَ هنڌ تي دنگ ڪن ٿيون، جتان ڪان، عشق جون سرحدون شروع ٿين ٿيون.

اسين سڀئي هڪ ٻي جا عاشق/معشوق آهيون. جي وڙهون وڇڙون ٿا ته به ان ۾ ڪا ميار ڪا اصلاح لڪل هوندي، جنهن ڪي اسين جذباتي حقارت ۾ ڏسي نه سگهندا آهيون. جنهن ڪانپوءِ ذاتي دشمني جي شروعات ڪري وجهندا آهيون جيڪا اسان سڀني جي زندگين لاءِ مضر هوندي آهي.

جي ڪنهن سان ٻي واجبي ٿئي ٿي ان ڪي حق آهي ته اهو پنهنجو دفاع ڪري. ۽ جڏهن ساڻس ٿيندڙ ٻي واجبيءَ جي تصديق ٿئي ته سچو سوجهرو قبيلو سندس نه رڳو ساٿ ڏئي. پر ٻي واجبي ڪندڙ ڪي ميار سان گڏ، سزا به ڏي.

اسان وٽ اڃا تائين ادبي ڪُٽم قبيلي جو بنياد پختو پئجي نه سگهيو آهي. هرڪو پنهنجون محبتون ۽ نفرتون ڏار پيو واپرائي. ۽ اڳيان هڪلي-اڪيلائيءَ وارو سفر سَڦل ٿيڻو ناهي. ساٿ ضروري آهي.

اٿن جو وڃايل وڳ، وڙول ڪرڻ سان تڪڙو ئي مليو وڃي. پر اڪيلو وڃايل اٺ گم ٿي ويندو آهي.

هوئن به اسان ڪي پنهنجون خاميون به خوبيون نظر ايندڻيون آهن، جنهن جو ڪو جواز ڪونهي. پر وڏ-ماڻهپيءَ جو اظهار به. جيئن ته هڪ ذهني بيماري آهي، جنهن مان پڻ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو، ڇو جو حقيقت، حقيقت آهي. سچ سچ آهي. خاميون، ڪڏهن به خوبيون نه ٿيون ٿي سگهن،

**وڪر وهائين لوڻ، رنگُ ڪٿوري گهرين؟**
**ڀُنگو تنهنجو ڀَرَ تي، جِمَ ڳالهائين ڪوڙ**
**جِمَ وڃائين مُور، ڪنيو تنهنجو گهوريو.**
*(شاهه)*

اهوئي سچ آهي ته جَوَ پوڪي ڪڻڪ ڪانه لڻبي.

منهنجي ذهن ۾ هن مهل ناليري فلاسافر سقراط جا اهي لفظ ديرو دمائي ويٺا آهن جيڪي هن پنهنجي موت جو فيصلو ٻُڌڻ ڪانپوءِ چيا هئا.

”آئون اڳڪتي ڪيان ٿو، منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ اوهان ڪي پڪ سان هن ڪان به وڏي ڳري سزا ڀوڳڻي پوندي. اوهين جي سمجهو ٿا ته، ٻين ڪي هٽائي، اوهين ان ڳالهه تان لاهي سگهو ٿا ته، اوهان ڪي اوهانجي براين ڪي گهٽ وڌ نه ڳالهائجي ۽ اوهان ڪي ننديو نه وڃي ته اوهين غلطيءَ تي آهيو. سٺو طريقو اهو ناهي ته ٻين ڪي ختم ڪيو وڃي. بلڪ درست ايئن آهي ته پاڻ ڪي سڌاريو وڃي. پنهنجي اصلاح ڪئي وڃي. ۽ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ گهرجي.“

پڌوءِ اسين پڪ سان سقراط ڪان گهڻو ۽ ٻيحد ننڍا آهيون. عقل ۽ رتبي ۾. پر عمل جي واٽ اڃا به وڃايل ناهي.

**ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون ميون**
**واٽون ويهه ٿيون، ڪُوه ڇاٽا ڪيهيءَ ويا.**
*(شاهه)*

**ج.ع.منگهاڻي**
**(مهمان ايڊيٽر)**

## سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

**نقطئہ نظر:**
شيخ اياز- منفرد قلمڪار (2) — ڊاڪٽر الانا
اياز جي شاعري (آخري قسط) — قربان بگٽي
چوٽيا تيل چنبيليا... — تاج بلوچ
ادب ۽ جماليات... — نصير سومرو
سماج ۽ ادب... — رضا لانگاهه

**نصير مرزا ڪارنر:**
سيلف پورٽريٽ.... — نصير مرزا
خوشبو خوشبو ماڻهو... — امين چانڊيو

**سنڌ پيهر ڳر موڙيا:**
حُر گوريلا جنگ (باب چوٿون)... — سائين رکيو

**آتم ڪٿا:**
پاتم جهاتي جهان ۾... (28) — شيام ڪمار

**نئون ناول:**
اسٽيل جا پنج گلاس (2)... — ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**ڪهاڻي:**
مُلهه مهانگو سپرين... — پرويز
خوف ۾ لڪل بڪ شيلف... — پروفيسر امر لغاري
در دونديءَ جو ديس... — ڊاڪٽر مرلي ڌر
ڪئنڊل جو ڏڪ.... — پير عبيد راشدي
سنڌ ۽ سياست.... — انور شيخ
نرالي بادشاهي... — حيسب ڪانهيو
انٽر لاڪ... — پروفيسر شوڪت لوهار
ڪاڏُڙ... — منظور ڪلهوڙو
رت جي ليڪ... — نائلہ صدف

**وائيون/نثري نظم:**
ساٿي محبوب زنگيجو ۽ ياسمين بلوچ.

**غزل:**
ج.ع.منگهاڻي، حنيف عاطر، امر ساحل، اداسي جکراڻي، عنايت لغاري، بلوچ صحبت ۽ نماڻو صديق مهيسر.

**نوان ڪتاب:**
ڪاپي اک جو خواب (رايو)... — راڄن مگريو

**جي مارن مونڏي موڪليا:**
سليم نورحسين، ياسمين بلوچ، پچن لال ۽ عنايت لغاري.

OFF: 0333_2013648
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail: tajbaloch2505@yahoo.com

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

**خريداريءَ جا اگهه:**
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

**آفيس ايڊريس:**
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 021_34019264_5

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# شيخ اياز
## هڪ منفرد قلمڪار



ڊاڪٽر غلام علي الانا

سرتيون جي مون
وسهو، ننڊ نه هيريو نيڻ

اڄ اها سٽ منهنجي آس نراس جي آرسي آهي، منهنجي ساري روحاني ڪشمڪش جي آئينه دار آهي. گويا اها سٽ هڪ هندورو آهي جنهن ۾ منهنجو هنئون جهولي رهيو آهي، ڪڏهن نه گوڙهن پري گوڙهائي آهي، ان ۾ ڪهڙو معنيٰ پريو ميناج."

(ب) گرامي صاحب پنهنجي هن مقالي ۾ اياز جي خط جو متن به ڏنو آهي، جيڪو ماهوار نئين زندگيءَ جي مئي 1963ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو. اهو خط 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات' جي مهاڳ واري حصي ۾ صفحي 32 تي ڇپيل آهي، جنهن ۾ شيخ صاحب اهو اعتراف ڪيو آهي ته:

"مون دنيا جي گهڻن ئي عظيم شاعرن جو مطالعو ڪيو آهي، پر مون تي ڪنهن به شاعر جو ايترو گهرو اثر نه پيو آهي، جيترو شاهه لطيف جو. مان هن کي پنهنجي دور جي عظيم شخصيت سمجهندو آهيان ۽ منهنجو هن جي ڪلام سان ايترو ته والهانه لڳاءُ آهي، جو مون راتين جون راتيون جاڳي، هن جي پوري رسالي جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي."

ان کان پوءِ شيخ صاحب، شاهه سائينءَ متعلق پنهنجا چيل بيت ڄاڻايا آهن، انهن مان فقط به هٽ پيش ڪريان ٿو:

**ڪٿا ڪنيم ڪيچ مان، ڪليا تنهنجا ڪيت،**
**مون وٽ مڙيئي بيت، تو وٽ آهن آيتون.**

-

**پرسان تنهنجي پيٽ ڏٺي، جهلي بينس جهول،**
**ڏنئي به - ٽي ٻول، سکي منهنجي ساهه کي.**

حيرانيءَ جي ڳالهه آهي ته 1963ع ۾ شيخ اياز، لطيف سائينءَ لاءِ اهڙا انتهائي عقيدت سان پريل بيت چيا آهن، پر 1990ع ۾، "پرک" رسالي کي، جنوري جي مهيني ۾، انٽرويو ڏيندي، پاڻ شاهه لطيف کان به وڏي شاعر هجڻ جي دعوا ڪئي اٿس. هيٺ مذڪور انٽرويو مان اهو حصو هوبهو نقل ڪري ڏجي ٿو: مثلاً:

**سوال:** ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ اوهان جي شاعريءَ ۾ ڪهڙو بنيادي فرق آهي؟

**اياز:** ڀٽائي مون کان اڍائي سو سال اڳ ۾ پيدا ٿيو هو، (ڪلنڊي) بس فرق اهوئي آهي. بنيادي فرق اهو آهي ته هُن ڇڙو بيت ۽ وائي لکي ۽ مون هر قسم جي صنف تي لکيو آهي. مون پنهنجي دور جي حالتن کان متاثر ٿي لکيو آهي، هُن پنهنجي دور جي حالتن کان متاثر ٿي لکيو آهي. مون ته اهڙو شعر به لکيو آهي ته 'آءٌ ڀٽائي ناهيان' جيڪو منهنجي تازي ڪتاب 'جهڙ نيٽان نه لهي' ۾ آيل آهي. هُن جي پنهنجي ڳالهه هئي، منهنجي پنهنجي ڳالهه آهي. هُن جي شاعري پنهنجي دور جي آئينه دار هئي، منهنجي پنهنجي دور جي آهي. هن جا ڪي بنيادي سچ هئا؛ ممڪن آهي ته هن جا ڪيترائي بنيادي سچ، منهنجي شاعريءَ ۾ به هجن. منهنجي پنهنجي به سمجهه آهي، ۽ ڪيترا منهنجا به بنيادي سچ آهن. اها ته اجائي ڳالهه آهي ته ٽي. ايس. ايليٽ کان پڇجي ته تو ۾ ۽ شيڪسپيئر ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**سوال:** تخليقي عمل وقت اوهان جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي آهي؟

**اياز:** شاعري مون تي الهام وانگر ايندي آهي. مان جڏهن تو کي ٻڌايو ته ٽن مهينن ۾ مون ايترو لکيو آهي جيترو ڀٽائيءَ اڌ زندگيءَ ۾ لکيو هو. اهو به بيماريءَ جي حالت ۾، بستري تي سمهي ڪري، ۽ رات جو ٻين کان ڇهين بجي صبح تائين. اها اهڙي ڪيفيت هوندي آهي جنهن کي ماڻهو جنون سان ڀيٽ ڪري سگهي ٿو.

"پرک" رسالي ۾ ڏنل انٽرويو جي انهن جوابن پڙهڻ کان پوءِ آءٌ ته هن نتيجي تي پهتو هوس ته شيخ اياز ڀيٽ ڪرڻ جي تلقين جي باوجود پاڻ کي شاهه لطيف کان وڏو شاعر هجڻ جي دعوا ڪندي چيو ته:

"ٽن مهينن ۾ مون ايترو لکيو آهي، جيترو ڀٽائيءَ پنهنجي اڌ زندگيءَ ۾ لکيو هو. اهو به بيماريءَ جي حالت ۾، بستري تي سمهي ڪري ۽ رات جو ٻين کان ڇهين بجي صبح تائين."

اهوئي سبب آهي جو مدعي سُست گواهه چست واريءَ چوڻيءَ مطابق قمر شهباز صاحب ائين فتوا ڏني ته:

"سٽن ڏينهن اندر شاهه جي رسالي کان بيٽو ڪلام چوڻ وارو اياز پنهنجي تخليق جي ڪا به تحسين (credit) وٺڻ لاءِ هرگز تيار ناهي."

آءٌ قمر شهباز صاحب جي هن حيران ڪندڙ راءِ تي، هن مقالي جيڏو مقالو لکي سگهان ٿو.

(ت) شيخ اياز جي وڏي شاعر هجڻ کان ڪو به شخص انڪاري ڪونهي. اياز لاءِ وڏي واڪي ۽ فخر سان چئي سگهجي ٿو ته هو ويهين صديءَ جي جديد ادب جو هڪ عظيم شاعر آهي، پر اها هام هڻڻ ته "هن سٽن ڏينهن اندر شاهه جي رسالي کان به بيٽو ڪلام چيو، اِن هام هڻڻ سان شيخ اياز جي عظمت نه، پر سندس خوشامد ڪري، سندس توهين ڪئي وئي هئي.

چو ته هن ته پاڻ جهول جهلي، شاهه سائينءَ کان شعر پنيا هئا، ڏات جي خيرات گهري هئي ۽ ڀٽائيءَ جي بيتن کي آيتون سڏيو هو.

(ث) ڀٽائي هر دور جو شاعر آهي. لطيف نه فقط اُن دور ۾، بلڪ اڄ به برصغير ۾، مڙني علمن جو شمس آهي. هو علم ادب جي دنيا تي اڄ به ڇانيل آهي. ڀارت جي برک سنڌي عالم ۽ نقاد، اُتم، "سهڻي اياز نمبر 2" ۾ صفحي 34 تي لکيو هو ته:

"هر ساهتڪار ۽ ڪلاڪار کي پنهنجو ادبي ورثو ٿيندو آهي. شاهه لطيف جي شاعري اسان لاءِ هڪ اهڙو ورثو آهي. نه رڳو اهو سنڀالڻو آهي، پر شاهه جي روايت کي اڳتي وٺي هلڻو آهي ۽ شيخ اياز، هن جي ٻوليءَ، ڪردار ۽ ماحول وغيره کي اڄ جي زماني مطابق ڪم آڻي، شاهه جي روايتن ۾ اضافو ڪيو آهي. شاهه جو اثر رڳو اياز تي ڪونهي، پر ٻئي وڏي شاعر نارائڻ شيام تي به آهي. هن به ڪيترا لفظ، ڪردار ۽ خيال ڪم آندا آهن. خود ٻين شاعرن به شاهه جو اثر جهٽيو آهي، ايم ڪمل سميت. اياز ته شاهه جي لفظن، متروڪ لفظن کي وري جيئاري، سنڌي ٻوليءَ جو ڀنڊار ڀريو آهي."

ساڳئي رسالي، "سهڻي اياز نمبر 2" ۾، صفحي 72 تي گوبند مالهيءَ لکيو ته:

"اياز، سنڌ جي ساعرِ اعظم، شاهه لطيف جي اَدَ پڪڙي ۽ هن کي سنڌ جي سڄاڳيءَ جو سڪاني ۽ پنهنجو ساٿي بنايو. هن شاهه جيان بيت چيا، وايون چيون، شاهه جا ويچار دُهرايا ئي نه، وقت جي تقاضا جا ترجمان بڻايا."

گوبند مالهي ساڳئي رسالي جي صفحي 30 لکيو هو ته:

"هُن لکيو به آهي ته مان ڀٽائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جو وارث آهيان."

**14**

(الف) اها هر هڪ سنڌيءَ کي خبر آهي ته شيخ اياز عالمي ادب ۽ ادب جي عالمي نظرين جي سلسلي ۾ وڏو مطالعو رکندو هو. هن مغربي ادب جو گهڻو مطالعو ڪيو هو. هو پنهنجي دور جو هڪ Legend هو. جنهن

شخص جو ايڏو وڏو مطالعو هجي، اُن کي ڊاڪٽر هليتءِ ڊاڪٽر هَڪڙي، ڏهن صفحن اندر بيان ڪري، ڪا ڪيپ ڪانه ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي ادب ۽ عالمي ادبي نظرين جي سلسلي ۾ انهن ٻنهي صاحبن جو اپترو مطالعو ئي نه آهي جو هو شيخ اياز جهڙي ادبي Legend جي فڪري لاڙن تي لکي سگهن. دراصل شيخ صاحب جي فڪري لاڙن جي سلسلي ۾ لکيل اهي ڏهه صفحا ڊاڪٽر هڪڙي جي Ph.D واري مقالي مان نقل ڪيا ويا آهن، جيڪي ايم - اي جي نوٽس جي معيار جا آهن. هن ڪتاب جي صفحي 35 ۽ 36 تي، محققن طرفان لکيل جملا، شيخ اياز جي انقلابي شاعر هجڻ جي ثبوت لاءِ ڪافي نه آهن، ڇاڪاڻ ته اياز جي هر مصرع، سندس انقلابي شاعر هجڻ جي دعوا لاءِ وڏي دليل طور پيش ڪري سگهجي ٿي. محققن، صفحي 35 تي لکيو آهي:

”اڄ روس جي انقلابي (مواد اندر انقلابي بدران انقلاب لکيل آهي) شاعر مايا ڪووسڪيءَ وانگر اياز جو ٻڌندڙ اياز جو عوام آهي. اياز جون علامتون به اُهي آهن، جن مان هن جو عوام چڱيءَ طرح آشنا آهي. انهن علامتن وسيلي هن قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جو اظهار ڪيو آهي، جنهن جدوجهد ۾ سندس ٻڌندڙ سنڌ جو سمورو عوام اڄ مصروف آهي.“

ساڳئي صفحي 35 تي محقق صاحبان اياز جي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ جويي صاحب جي سند پيش ڪن ٿا، پر پاڻ پنهنجي ڪا به راءِ نٿا ڏين، جيتوڻيڪ پروفيسر صاحب پاڻ به هن موضوع تي ڪافي ڪجهه لکي سگهن ها، پر هنن هن سڄي ڪتاب ۾ نقال جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ٻين جي راين کي پنهنجي هٿيار طور ڪم آندو اٿن، جيڪا ڳالهه تحقيق لاءِ مناسب ڪانهي. جويي صاحب جي راءِ هيءَ آهي:

”اياز جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ڪرشمو آهي. ٻولين جا اهڙا ڪرشما جُڳن ڪان پوءِ ظاهر ٿيندا آهن، ۽ جڏهن ٿيندا آهن، تڏهن اُهي ٻولين سان گڏ پنهنجي پنهنجي دور جي ڪاياپلٽ جا داعي ۽ اٿل سبب بڻبا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي هن ڪرشمي پاڻ سان گڏ پنهنجي دور کي ٻيا شاعر ۽ ٻيا اديب به ڏنا آهن. هن سرزمين تي انساني تاريخ جي عظيم انقلاب جي سج-اُڀار جا اُهي به داعي آهن ۽ سڀ گڏجي اُن جو سبب بڻيا. اسان جي سنڌي شعر ۽ ادب جو اڄ اهوئي مقصد آهي. اسان جي هر مادي ۽ روحاني ڪاوش جو سماجي ڪارج اهوئي آهي. اسان مان جيڪو به هن ڏس ۾ جيترو حصو ونڊو ۽ اُن جي پورائيءَ جي جيتري ڪوشش ڪندو، اوترو هو پنهنجي همعصر نسل ۽ آئنده نسلن جو معمار ۽ محسن شمار ٿيندو ۽ تاريخ به اوترائي ڳڻ ڳائيندي.“

اهي ته ٿيا محترم محمد ابراهيم جويي جا خيال، پر نقاد صاحبان پاڻ هن راءِ جي نقل ڪرڻ سان ڇا ٿا بيان ڪرڻ چاهين، اهو ته گهٽ ۾ گهٽ لکن ها.

هونئن به جويي صاحب جي اها راءِ فقط شيخ اياز جي شاعريءَ سان ڇو لڳائجي؟ سنڌ جي اوائلي شاعري به سنڌي ٻوليءَ جي ميدان ۾ ڪرشمي طور آهي. ٻوليءَ جا اهڙا ڪرشما هر دور ۾ نظر اچن ٿا. هن موضوع تي هڪ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. اُن لاءِ منهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ (جيڪو اڃا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سرد خاني ۾ پيل آهي) ۾ ڪافي مواد ڏنل آهي.

پر جويي صاحب جي سند طور ڏنل راءِ مان اياز جي فڪري لاڙن لاءِ ڪهڙو مواد آهي؟ اها ڳالهه ته سڄي ٻوليءَ جي باري ۾ آهي. هن پئراگراف ۾ اياز جي فڪري لاڙن لاءِ خود جويي صاحب به ڪجهه ڪونه فرمايو آهي، البت صفحي 36 تي، يارهن مصرعون ۽ صفحي 37 تي اياز جي غزل جي باري ۾ 8 مصرعون ڏيئي، محققن سمجهيو ته هنن اياز سان وڏو انصاف ڪيو آهي. انهن مصرعن مان هرهڪ مصرع بيشڪ وڏو مفهوم رکي ٿي. انهن مصرعن جي مطالعي جي آڌار تي اياز جي فڪري لاڙن جي باري ۾ ڪافي ڪجهه لکي سگهجي ٿو، پر ڇاڪاڻ ته ٻنهي محققن اياز جو مطالعو ئي نه ڪيو آهي، انهيءَ ڪري هو ڪجهه لکي نه سگهيا آهن. شيخ صاحب جي فڪري لاڙن جي سلسلي ۾ گرامي صاحب جي ڪتاب جو مطالعو ڪيو وڃي ها، ۽ اُن مان ڪي حوالا ڏنا وڃن ها، ته هن ڪتاب جي اهميت ڪجهه ٻي هجي ها، پر صفحي 38 تي عالمي ادب جي مفڪرن جا نالا ڏيئي پوءِ فقط هيئن چوڻ ته:

”هنن سمورن عالمن ۽ دانشورن جي پيغام ڪان شيخ صاحب گهڻو متاثر آهي.“

اِهو ڪو ثبوت ڪونهي. دراصل اِهي ۽ اهڙا ٻيا جملا، شاگردن کي جديد ادب جي مطالعي لاءِ نوٽس طور ڏنا ويندا آهن، ۽ ائين سمجهبو آهي ته شاگرد پاڻ وڃي وڌيڪ مطالعو ڪندا، پر اهڙن جملن جي تحقيقي ادب ۾ ڪا به حيثيت ڪانهي. اسان مان ڪيترن کي خبر آهي ته وڪٽرهيوگو ڪير هو ۽ اُن جا فڪري لاڙا ڪهڙا هئا؟ ڪير ۽ ڪيترا اُستاد ٻڌائي سگهندا، ته والٽيئر ۽ رابرٽ برنس ڪير هئا ۽ اُنهن جي فڪري لاڙن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ وڏا وڏا نالا ڏيئي ۽ عالمي ادب جي قداور شاعرن ۽ اديبن جا نالا لکي، هن ڪتاب ذريعي سنڌي ادب جي ڪهڙي خدمت ڪئي وَئي آهي؟ اسان جا نقاد ايمانداريءَ سان چئي سگهندا، ته انهن عالمي ادبي مفڪرن مان پاڻ ڪهڙن ڪهڙن مفڪرن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي؟

اهو لکڻ به متقدمين اديبن ۽ شاعرن جي توهين ڪرڻي آهي، جيئن صفحي 38 تي لکيو ويو آهي:

”...... هنن اڳئين زماني جي اديبن ۽ شاعرن جي خيالي ڪاڪ محلن کي ترڪ ڪري عام انسانن جي عملي جدوجهد ۾ شريڪ (ٿي) سموري انسانيت جي روشن مستقبل واسطي جدوجهد ڪئي. هنن سمورن عالمن، دانشورن جي پيغام ڪان شيخ اياز تمام گهڻو متاثر آهي.“

(ب) حيرانيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جي محقق صاحبان کي شيخ صاحب ڪان اڳ يا شيخ صاحب جي همعصر بزرگن ۽ مفڪرن مان برصغير جا ڪي دانشور نظر ئي نه آيا؟ اسان وٽ اسلام جي اچڻ واري زماني ڪان وٺي هر دور ۾ چوٽيءَ جا عالم ۽ مفڪر ٿي گذريا آهن، جن جو ذڪر عرب سياحن ۽ خاص ڪري بزرگ بن شهريار ۽ البيرونيءَ پنهنجن ڪتابن ۾ ڪيو آهي. ڏهين ۽ يارهين صديءَ ڪان وٺي بابا فريد گنج شڪر، خواجه معين الدين چشتي، شيخ بهاؤ الدين ذڪريا ملتاني، داتا گنج بخش، لال شهباز قلندر، شاهه شمس ملتاني، پير صدر الدين ۽ اُنهن ڪان پوءِ ماڌو لال شاهه حسين، بابا بلي شاهه، ڀڳت ڪبير، قاضي قادن، سلطان باهو، بابا گرونانڪ، انهن ڪان پوءِ شاهه ڪريم، مخدوم نوح سرور، شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنات، شاهه عنايت شهيد، سچل سرمست، روحل، سامي ۽ بيدل جي خيالن کي ڪاڪ محل سمجهيو آهي. محققن کي ويهين صديءَ ۾ فقط روس وارو انقلاب نظر آيو، پر اُن ڪان اڳ سيد احمد بريلويءَ جي تحريڪ ۽ حر تحريڪ ۾ ڪيل جدوجهد نظر ڪانه آئي. پنهنجي ديس جي هر شيءِ کي ديسي مال سمجهي نظرانداز ڪرڻ کي شايد اهي صاحب تحقيق سمجهن ٿا.

## 15

(الف) جيڪڏهن محقق صاحبان گرامي صاحب جو ڪتاب پڙهن ها، تقابلي اڀياس لاءِ ڪن چونڊ مفڪرن جي فڪري لاڙن جو حوالو ڏين ها ۽ اهو ٻڌائين ها ته انهن مفڪرن ڇا ڇا لکيو آهي، ۽ اُنهن جي ڪهڙن ڪهڙن فڪري لاڙن ڪان شيخ صاحب متاثر ٿيو آهي، ته سمجهجي ها ته اسان جي نقادن ڪجهه پڙهيو ضرور آهي، پر فقط شيخ صاحب جي ڪتابن ۾ ڏنل نالا نقل ڪري، اها دعوا ڪرڻ ته شيخ صاحب انهن مفڪرن ڪان گهڻو متاثر آهي، ڪو منطقي دليل ڪونهي.

(ٿ) مون کي انهن محققن جي مطالعي مان اهو معلوم ڪري تمام گهڻي حيراني ٿي، ته سنڌي ادب ۾ Ph.D. جي ڊگري رکندڙ ۽ سنڌي شعبي جا پروفيسر جيڪي M.Phil ۽ Ph.D ڊگرين جي شاگردن جا رهبر (Guide) به آهن، تن کي ’ترقي پسند تحريڪ‘ جي بنياد پوڻ ۽ اُن جي ارتقا جي تاريخ جي به ڄاڻ ڪانهي! مذڪوره ڪتاب جي صفحي 39 تي ڏنل سندن راءِ مان ائين ٿو ثابت ٿئي ته هو هن موضوع ڪان بلڪل اڻڄاڻ آهن.

صفحي 39 تي سندن راءِ مان اهو ٿو ثابت ٿئي ته شيخ اياز، ترقي پسند تحريڪ جو باني آهي، جيڪا دعوا بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهي ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. مثال طور لکن ٿا ته:

”شيخ اياز ترقي پسنديءَ جي مشعل ٻاري، ايندڙ نسل لاءِ سهائو ڪيو ۽ راهه ڏيکاري.“

(ب) ٻنهي ڊاڪٽر صاحبن جي اها راءِ بلڪل غلط، بي بنياد ۽ نه فقط نئين نسل کي گمراهه ڪندڙ آهي، پر اهو ثابت ٿو ٿئي ته اِهي ٻئي صاحب پاڻ به اڻڄاڻ آهن. شيخ اياز، ترقي پسنديءَ جي مشعل ٻاريندڙن مان نه هو، بلڪ هو ته جڏهن ادبي ميدان ۾ گهڙيو هو، اُن ڪان سالها سال اڳ، ترقي پسند تحريڪ جوان ٿي چڪي هئي. شيخ صاحب کي ته پاڻ هڪ نه پر ڪئين مشعلون ٻرندي نظر آيون هيون.

(ت) اسان جا محقق فقط هڪ دعوا ڪرڻ ڪان ڊنا آهن. اُها دعوا اها آهي ته سنڌ ۾ اسلام به شيخ صاحب جي والد مسلمان ٿيڻ ڪان پوءِ آندو، ته ته هر ڳالهه جي شروعات ڪندڙ لاءِ هو شيخ صاحب جو نالو اڳيان آڻين ٿا. هنن کي کپندو هو ته هن سلسلي ۾ ڇپيل ڪتاب پڙهن ها. هن سلسلي ۾ گوبند مالهيءَ جي ادبي خدمتن تي ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻيءَ جي ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل Ph.D ٿيسز پڙهن ها، جيڪا ٽي سال اڳ ڇپجي چڪي آهي.

ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي، پنهنجيءَ ٿيسز جي صفحي 322 تي، گوبند مالهيءَ جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”گوبند مالهيءَ جي چوڻ موجب، 1936ع ۾، پارٽي ساهتيه ۾ مارڪسواد جي اثر هيٺ، ترقي پسند ليکڪن جي آغاز ڪان اڳ ٿي جيئمل پرسرام گلراجاڻيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ کي ترقي پسند موڙ ڏيئي ڇڏيو هو. مرزا نادر بيگ، آسانند مامتورا ۽ امرلال

هگوراٽيءَ بہ اٽسڌيءَ طرح، ڄيئمل جي ترقي پسند نظرئي واري اثر کان آجا نہ رهيا. اها ساڳي ويچار ڌارا، گوبند مالهيءَ جي رچنائن ۾ بہ نظر اچي ٿي. 'اڳتي قدم'، 'رک چيتي' ۽ 'ناني سگهڙ سياڻي' ڪهاڻيون اهڙي حامي ڀرين ٿيون."

ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي اڳتي لکي ٿو تہ:

"گوبند مالهي ٻئي دور جو ڪهاڻيڪار آهي. هو 1942ع کان پوءِ سوشلسٽ ويچار ڌارا جي اثر هيٺ، هارين نارين ۽ مزدورن جي ويجهو آيو. سندس پهرين ڪهاڻي 'هاري حقدار' اُن اثر جي اُپج آهي. هيءَ ڪهاڻي 1946ع ۾ لکي وئي هئي ۽ جديد ڪهاڻيءَ جي دفعي ۾ داخل ٿي."

هن حوالي مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ ترقي پسند تحريڪ جي پهرين مشعل شيخ اياز صاحب هرگز ڪانہ ٻاري هئي. اها هڪ غلط بياني آهي، جيئن هنن محققن جي گمراهہ ڪندڙ ۽ غلط بيانيءَ جي باري ۾، هن کان اڳ بہ واضح طور عرض ڪري آيو آهيان.

(ث) جديد سنڌي ڪهاڻي جيئن تہ ترقي پسند دور جي پيداوار آهي ۽ نندي ڪنڌ ۾ ترقي پسند دور کان متاثر ٿيڻ ڪري، جديد سنڌي ڪهاڻي، پنهنجي شروعات واري دور کان وٺي، سنڌي ماڻهن جي جيوت جي عڪاسي آهي.

(ج) تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ هيءَ بہ آهي، تہ انهن ٻنهي محقق صاحبن، پنهنجي شعبي جي ساٿيءَ، محترم ڊاڪٽر نور افروز خواجہ جي Ph.D. ڊگريءَ لاءِ پيش ڪيل ۽ ڇپيل ٿيسز: "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر" جو بہ مطالعو نہ ڪيو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر نور افروز صاحبہ، پرم آنند ابيچنداڻيءَ جي 'سنڌي سار' رسالي ۾ ڇپيل مقالي مان حوالا ڏيئي، نندي ڪنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي شروع ٿيڻ" سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي اثر جي سلسلي ۾ ڀرپور طريقي سان، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

پروفيسر نور افروز صاحبہ جي ڪتاب جو باب پنجون، صفحي 236 کان وٺي صفحي 269 تائين، مختلف عالمي ادبي نظرين/ فلسفن، ۽ اُنهن نظرين جي سنڌي ناول ۾ عڪاسيءَ جي باري ۾ آهي. هن باب (باب پنجين) ۾، پروفيسر نور افروز صاحبہ، وجوديت واري نظرئي (ص 237 کان 256 تائين)، مارڪسي نظرئي (ص 256 کان 260 تائين) ۽ نفسياتي نظرئي (ص260) جي باري ۾، سنڌي ناولن مان حوالا ڏيئي وضاحت ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح هن صاحبہ صفحي 268 کان وٺي، ترقي پسند نظرئي جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي. پروفيسر نور افروز لکيو آهي تہ:

"ترقي پسند نظرئي جو ويچار، مارڪسي نظرئي جي بنياد تي ٻڌل نہ آهي، پر ترقي پسنديءَ جو ويچار بذات خود هڪ نسبتي ويچار آهي. تنهن کان سواءِ، ترقيءَ جا معيار ۽ ماپا، وقت جي مطابق ڦرندا گهرندا رهن ٿا. انسان پنهنجي ابتدا کان وٺي بتدريج ترقي ڪندو رهيو آهي."

پروفيسر نور افروز صاحبہ، ترقي پسند رجحان جي شروع ٿيڻ جي سلسلي ۾، پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي 261 تي لکي ٿي تہ:

"دراصل علم ادب ۾ ترقي پسند رجحان، هڪ ليفٽسٽ هلچل جي پيداوار هئي، اُنکري هن هلچل ۾ گهڻائي ليفٽسٽ شامل هئا، پر اها هلچل مارڪسي هلچل ڪانہ هئي ۽ نہ ئي وري اها مارڪسي هلچل ٿي سگهي ٿي. هيءَ هلچل، آزاديءَ جي هلچل سان گهرو جڙيل هئي ۽ 1947ع ۾ جڏهن آزادي حاصل ٿي، تہ اُن هلچل ۾ بہ ڦيرو اچي ويو."

پروفيسر صاحبہ ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿي تہ:

"هن رجحان جا اهم بنياد وجهندڙ 'ايم- فاسٽر' (M.Foster) انگلئنڊ ۾، 'آندري ماريو' فرانس ۾، 'ٿامس مان' جرمنيءَ ۾ ۽ 'مئڪسم گورڪي' روس ۾ هئا. انهن 1935ع ۾، پئرس ۾ هڪ بين الاقوامي ائنٽي فاشسٽ ليکڪن جي ڪانفرنس سڏائي. هن نظرئي جي ماهرن جا هن نظرئي متعلق هڪ ٻئي سان اختلاف هئا، پر هنن ترقيءَ کي فقط هڪ سوچ يا نظريو سمجهيو، پر اُن کي هڪ جمهوري سوچ ۽ نظريو ڪري ڪنيو، ۽ هنن جو خيال (نظريو) هو تہ اُن ڌارا (رجحان) کي ادب سان لاڳو ڪرڻ سان، سچيءَ انسانذات کي نہ رڳو موجوده حالتن کان واقف ڪري سگهجي ٿو، پر اُن جو مستقبل بہ ٺاهي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري، يورپ ۾ سماجي، سياسي ۽ منطقي رُخن طرف ليکڪن جا جيڪي بدليل رجحان ۽ لاڙا هئا، اُنهن کي هنن ترقي پسند رجحان يا لاڙا سڏيو."

پروفيسر نور افروز خواجہ اڳتي صفحي 262 تي لکي ٿي تہ:

"يورپ ۾ فاشزم پنهنجو سر مٿي ڪڍي رهيو هو. برلن جي گهٽين ۾ ڪتاب ساڙيا ويا، ۽ دنيا ۾ نازي نعريبازيءَ جو پڙاڏو گونجي رهيو هو. هن آزار کي منهن ڏيڻو هو ۽ دنيوي چيزن ۽ ادب جي اهميت کي بچائڻو هو. گورڪي، رومان رولان، ٿامس مانِ، هينري بربوس ۽ ٻيا ليکڪ پاڻ ۾ گڏيا، جنهن جي نتيجي ۾، 1935ع ۾ پئرس ۾ بين الاقوامي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. سجاد ظهير ۽ ملڪ راج آنند اُن وقت لنڊن ۾ شاگرد هئا، ۽ هو بہ اُن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. اُن وقت هندستان ۾ نهروءَ ۽ ٽئگور، فاشزم جي خلاف آواز اُٿاريو. ٿورن ئي مهينن کان پوءِ، سجاد ظهير ۽ ملڪ راج آنند، ترقي پسند ليکڪن جي پهرئين منشور جو مسودو تيار ڪيو ۽ اُهو منشور ئي هو، جنهن هندوستان جي ٻولين جي ادب ۾ ڦيرو آندو، ۽ پهريون ڀيرو ترقي پسند ڌارا (رجحان) وجود ۾ آئي."

پروفيسر نور افروز خواجہ اڃا بہ اڳتي صفحي 263 تي لکي ٿي تہ:

"برصغير، پاڪ- هند ۾ هن هلچل جو جنم، پهرينءَ ترقي پسند ليکڪن جي ڪانفرنس سان ٿيو، جيڪا اپريل 1936ع ۾، لکنوءَ ۾ ڪوٺائي وئي هئي. هن ڪانفرنس ۾، هڪ ننڍو منشور، منشي پريم چند جي صدارت هيٺ منظور ڪيو ويو. هيءُ اهوئي منشور هو، جنهن جو مسودو سجاد ظهير ۽ ملڪ راج آنند لنڊن ۾ تيار ڪيو هو."

(ح) پروفيسر نور افروز خواجہ اهي سڀ ڳالهيون، پرم ابيچنداڻيءَ جي مضمون جي حوالي سان لکيون آهن.

پرم ابيچنداڻيءَ حيدر بخش جتوئيءَ ۽ ڪشنچند 'بيوس' کي، سنڌي ادب ۾، ترقي پسند نظرئي جا اوائلي ۽ بنيادي شاعر بيان ڪيو آهي، جنهن جا حوالا ڊاڪٽر نور افروز صاحبہ پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ صفحي 264 ۽ 265، ۽ قوميت پسندي يا قوم پرستيءَ واري نظرئي جي وضاحت جي سلسلي ۾ صفحي 266 ۽ 267 تي تفصيل سان بيان ڪيا آهن، پر ڇاڪاڻ تہ ٻنهي محقق صاحبن، هن موضوع تي لکيل ڪتابن پڙهڻ جي تڪليف ئي ڪانہ ڪئي آهي، انهيءَ ڪري هو ڏُڪا هڻندا ويا آهن ۽ هر ڳالهہ ۾ شيخ اياز کي "باني" سڏيندا ويا آهن.

(خ) هاڻ پڙهندڙ خود فيصلو ڪن تہ جنهن زماني ۾، يعني 1936ع واري ترقي پسند هلچل جي برصغير ۾ ۽ پوءِ سنڌ ۾ شروعات ٿي هئي، اُن زماني ۾ شيخ اياز صاحب جي عمر اڃا 13 سال مس هئي. ڇا اُن عمر (13 سالن جي عمر) ۾ شيخ اياز ترقي پسند تحريڪ جي مشعل ٻاري، ايندڙ نسل لاءِ سهائو ڪيو هوندو؟

## 16

(الف) هن ڪتاب ۾ محقق صاحبن نہ ڄاڻ ڪهڙي خيال کان صفحي 39 تي، شيخ صاحب جو هڪ شعر ڏيئي، ان جي ٽيڪ وٺندي/ ڏيندي، لکيو اٿن تہ:

"جاگيرداري قدر ۽ روايتون نهايت سگهاريون هيون. اُنهن ۾ ڏار وجهڻ جي ضرورت هئي. شيخ اياز انهيءَ وقت وڏي واڪي چوي ٿو:

اسان لاءِ سيد تہ ڪا شيءِ نہ آ،
اسان لاءِ شاعر وڏي بات آ.

هي شعر انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪري ٿو تہ شاهہ لطيف جي حيثيت سندس ذات سبب نہ، پر سندس فڪر ۽ شعر جي ڪري آهي. سندس ذات پات، مرشد مريد، عربي عجمي جي فرق خلاف هيءَ بغاوت سنڌ ۾ روشن خياليءَ جو اُهڃاڻ آهي."

لطيف سائينءَ، پنهنجي رسالي ۾ ڪٿي بہ پنهنجي سيد هجڻ تي فخر نہ ڪيو آهي، ۽ نہ ئي وري پاڻ کي ڪٿي وڏو شاعر ڪوٺيو آهي. مرزا بيگ جي نياڻيءَ لاءِ چوڻ تہ: 'جنهن جي آڱر سيد جي هٿ ۾، تنهن کي نڪو لهر نہ لوڏو' واري ڳالهہ بہ لطيف جي رسالي ۾ ڪٿي بہ ثابت نٿي ٿئي. لطيف جي رسالي ۾ ڪابہ اهڙي مصرع نٿي ملي، جنهن ۾ هن چيو هجي تہ 'سيد جي حيثيت ۾ اسين سماج ۾ اعليٰ آهيون'. ۽ نہ ئي وري ائين فرمايو اٿن، تہ 'اسان جي شاعري ئي سڀ ڪجهہ آهي'. لطيف سائين سنڌي زبان جو عظيم شاعر تہ بيشڪ آهي، جنهن جو اعتراف شيخ صاحب بہ ڪيو آهي، پر سندن عظمت سيد هجڻ سان بہ يقيناً ظاهر آهي. شيخ صاحب ڇاڪاڻ تہ پنهنجي عمر جي آخري زماني کان اڳ اشتراڪيت جو قائل هو، انهيءَ ڪري هو ڀلي چوي تہ "سيد هجڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي، پر شاعر هجڻ وڏي ڳالهہ آهي."

(ب) مرشد ۽ مريد جي فرق واري بغاوت، اڃا تائين تہ سنڌ ۾ ڪانہ آئي آهي. اهڙي سوچ، ڏيپلائي صاحب، پنهنجن ڪتابن ۾ شروع ڪئي هئي، پر پوءِ خود ڏيپلائي صاحب، پنهنجيءَ هن سوچ تان هٿ ڪڍي ويو، جنهن جو ثبوت هن پنهنجي رسالي 'انسان' جي سرورق تي ڏنو آهي، جنهن تي هن، اسماعيلي عقيدي جي اُٺونجاهين امام، شاهہ ڪريم الحسينيءَ جي تصوير، سندس امامت جي وصيت جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ڇاپي هئي. اهو رسالو مون وٽ موجود آهي. محققن جون اهڙيون بي بنياد ڳالهيون، شيخ اياز کي وڏو ماڻهو نہ پر ننڍو ماڻهو ثابت ٿيون ڪن. *(هلندڙ)*

# اياز جي شاعري ۽ شخصيت...

قربان علي بگٽي

مرزا غلام احمد قادياني جي شخصيت ۽ سندس فڪر بابت مولانا ظفر علي خان مرحوم جو هڪ شعر پيش خدمت آهي ان کي پڙهي ڏسو ته مولانا مرحوم ڪيئن نه مرزا صاحب ۽ سندس فڪر کي صحيح نموني بيان ڪيو آهي. مولانا مرحوم فرمائي ٿو ته:

**قاديان پهلي تو پاپا ڪا بڙا بهائي بنا**
**پهر وه انگريزون ڪي گهر ڪا معتبر نائي بنا**
**مذهبي صرافه مين نرخ اس ڪا گرتا هي گيا**
**اڪ نيا ڪذاب پئدا جب هوا پنجاب مين**
**قاديان اس طفل ناهموار ڪا داعي بنا**
**اپنا اپنا هي مقدر اپنا اپنا هي نصيب**
**ڪوئي مسلمان بن گيا ڪوئي مرزائي بنا.**

نيز ظفر علي وڌيڪ چوي ٿو،

**پئسا تيرا ايمان هي گالي تيري پهچان هي**
**بهتان خدا پر باندهنا تيري نبي ڪي شان هي**
**جو بهي تيرا الهام هي آورده شيطان هي.**

مرزا صاحب جو شاعري بابت تُز تجزيو آڏو آهي. هت اسان وٽ شيخ صاحب آهي جو سارتري متعلق اهڙو شعر چيو اٿس، جنهن جي پڙهڻ سان هن جي شخصيت جي ڪا خبر ڪانه ٿي پوي ۽ سندس هي شعر، ”ٻيهي جيڪو ٻاهه سان ڪري پاڻ سنان“ ٻه مهل نظر آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاهه سان سنان جو محاوره مون کي ته سمجهه ۾ نٿو اچي.

## اياز جي شاعري ۽ فلسفو

سڀ اديب ۽ نقاد متفق آهن ته هر وڏو شاعر فلاسافر هوندو آهي، مگر هر فلسفي وڏو شاعر نه هوندو آهي. فلسفي پل شاعر نه هجي ڳڻتي نه آهي، پر هڪ وڏي شاعر لاءِ فلاسافر هئڻ لازمي آهي. هن سلسلي ۾ مشهور اديب ڪولرج (coleridge) چوي ٿو،

No man was ever a great poet, without being at the same time a profound philosopher.

براؤننگ (browning) ته ان کان وڌيڪ هڪ قدم اڳتي وڌي چوي ٿو، ”شاعري جو درجو اول آهي ۽ فلسفه جو بعد ۾، جو شاعري جو اعليٰ ماحصل ۽ نتيجو آهي.“

Philosophy first, and poetry, which is its highest outcome, afterwards.

فلسفه سان شاعري جي تعلق بابت اوپر توڙي اولهه جا اديب ۽ نقاد يڪ راءِ آهن. مون اياز جي شاعري جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. فلسفه جي مطالعي ڪندڙن کي معلوم ٿي ويندو ته اياز جي شاعري فلاسافي کان خالي آهي ۽ ڪي به فلسفه جا نڪات پڙهندڙن کي ڪونه ٿو سمجهائي. محض ڪهاڙي جي ڳاڙهن ڳنن، لکن ۽ اکن جي تپش جي ذڪر سان فلسفو ڪونه سمجهائبو آهي. اياز جي سيني شعرن پڙهڻ بعد مان ان نتيجي تي پهتس ته موصوف فلسفه جو ڪو مطالعو نه ڪيو آهي. افلاطون کان وٺي برٽرانڊرسل تائين فلسفه سمجهائڻ لاءِ بي نظير ڪتاب شايع ٿيا آهن. خود برٽرانڊرسل (bertrand russell) جو ڪتاب، ’فلسفه جو خاڪو‘ (an out-line of philosophy) موضوع مطابق بهترين ۽ لاجواب ڪتاب آهي. فلسفه جي ڄاڻ نه رکڻ ڪري اياز جو شمار وڏن شاعرن ۾ هرگز ڪري نٿو سگهجي. ان جي مقابلي ۾ هن ننڍي کنڊ ۾ ٻيا وڏا شاعر پئدا ٿيا آهن، جن جي شاعري فلسفيانه نڪات سان مزين آهي. مثلاً علامه اقبال جو مثال وٺي ڏسو. چوي ٿو،

**گذر جا عقل سي آگي ڪه يه نور**
**چراغ راهه هين منزل نهين هي.**

ڏسو شاعر ڪيڏي نه وڏي فلسفيانه ڳالهه ڪئي. سندس هن امله شعر جو اهي حضرات قدر ڪندا جن يورپ جي بي نظير فلسفي ڪانٽ (kant) جي ڪتاب (a critique of pure Reason) کي پڙهيو آهي.

**آپني جو لانگاهه زير آسمان سمجها ٿها مين**
**آب و گل ڪي ڪهيل ڪو اپنا جهان سمجها ٿها مين**
**ڪاروان ٿهڪ ڪر فضا ڪي پيچ و خم مين ره گيا**
**مهر و ماهه و مشتري ڪو همه عنان سمجها ٿها مين**
**عشق ڪي اڪ جستجو ني ڪرديا قصه تمام**
**اس زمين و آسمان ڪو بيڪران سمجها ٿها مين.**

اقبال کان سوا برصغير جا ٻيا وڏا شاعر: غالب، ٽئگور ۽ لطيف سيئي فلسفي شاعر آهن. انهن عظيم شاعرن جي شعرن پڙهڻ سان مون کي فلاسافي جي اهم نڪات جي تشريح ملي آهي. مرحوم مولانا علي محمد صاحب ڪاڪيپوٽو ڳڙهي ياسين وارو عربي زبان جو وڏو ماهر هو، ديوبند ۾ پڙهيو ۽ مولانا انور شاهه ڪشميري جو شاگرد هو. پاڻ علامه اقبال کي فلسفه جا عربي ڪتاب پڙهايائين ڊاڪٽر صاحب جو اهڙو ڊنل سرٽيفڪيٽ به پاڻ وٽ موجود هئس جو مون کي ڏيکاريو هئائون. هڪ دفعي مون کي چوڻ لڳو ته تو متنبي کي پڙهيو آهي؟ مون اثبات ۾ جواب ڏنو ۽ متنبي جا شعر ڪيس برزبان ٻڌايا. چوڻ لڳو ته متنبي جي متعلق هڪ ڳالهه ياد ڪجانءِ، ته هو وڏو فلسفي به هو. مون ڪيس جواب ڏنو ته قبله سائين! محققين لکيو آهي ته هر وڏو شاعر فلسفي هوندو آهي ۽ هر فلسفي شاعر نه آهي.“ منهنجو هي جواب ٻڌي مولانا مرحوم محظوظ ٿيو. چوڻ لڳو ته اهو سو سيڪڙو درست آهي.

بحث مان هي نتيجو نڪتو ته اياز جي شاعري ۾ فلسفو موجود نه آهي. ان سبب ڪري هو وڏن شاعرن جي لسٽ مان خارج آهي. محض جويي صاحب ۽ پير حسام الدين راشدي جي پروپئگنڊا ڪري هو عظيم شاعر شمار ٿي نٿو سگهي.



جناب شيخ اياز صاحب جي ڪتاب، ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ تي مون علمي تنقيد ڪئي هئي جا ٻن قسطن ۾ (آگسٽ ۽ سيپٽمبر 1975- رهبر ڊائجسٽ) مون ان ۾ اياز جي ڊائري ۽ شاعري تي بحث ڪيو هو. مون ناقابل ترديد حقائق سان ثابت ڪيو ته شيخ صاحب جي اها دعويٰ غلط آهي ته سندس ڊائري جيل ۾ لکي وئي، پر اها ڪتاب شايع ڪرڻ وقت سپرد قلم ٿي. خدا جو شڪر آهي جو اهل سنڌ ۾ منهنجي هيءَ تنقيد بي حد مقبول ٿي. نه فقط ساڃيءَ ڌر وارن پر ڪاٻي ڌر جي اديبن ۽ ليکڪن به ان کي بيحد پسند ڪيو. اياز جي شاعري بابت به مون مختصر طور لکيو هو. مون ثابت ڪيو ته اياز جي شاعري موزون ڪلام نه آهي، ان ۾ محاوره، استعاره، تشبيهون وغيره غلط آهن ۽ سندس شعر جي الفاظ ختم ٿيڻ سان معنيٰ ذهن نشين نه ٿي ٿئي. مون پنهنجي تائيد ۾ دنيا جي هڪ مجيل عالم، فلاسافر ۽ مؤرخ علامه عبدالرحمان ابن خلدون جي مقدمه مان حوالا پيش ڪيا ۽ ان جي روشنيءَ ۾ شيخ اياز جي شاعري جو جائزو پيش ڪيو. الحمدلله جو مون حقير جي هيءَ ڪوشش به اهل علم کي بي حد پسند آئي. پر مون کي نهايت ئي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته خود محترم شيخ صاحب جن منهنجيءَ تنقيد مان سخت خفا ٿيا ۽ سکر ۾ منهنجي هڪ دوست جي موجودگيءَ ۾ بدشد ڳالهائڻ لڳو. پنهنجن نظرياتي مخالفن لاءِ بدڪلامي ڪرڻ اياز صاحب کي هرگز نٿي ڄڳائي. جي ماڻهو مون کي سڃاڻن، انهن کي خبر آهي ته مان ڪنهن کي بدشد ڳالهائڻ جو تصور به نٿو ڪيان. مان اعتراف ٿو ڪريان ته جيتوڻيڪ منهنجي تنقيد غير مهذب ڪانه هئي، پر اها ٿوري سخت ضرور هئي.

اهل علم ته هميشه تنقيد جو خير مقدم ڪندا آهن ۽ ان تي هو خوش ٿيندا آهن. تنقيد مان مراد علمي پرک آهي ۽ نه گاريون گند يا شخصي حملا. دنيا جا وڏي ۾ وڏا ماڻهو جن تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو، سي پڻ پنهنجي مٿان تنقيد جو خير مقدم ڪندا هئا. اهڙن ڪيترن ئي انسانن جا نالا اسان کي ملن ٿا.

محترم شيخ اياز صاحب عظيم ترين سائنسدان آئن اسٽائن جو نالو ضرور ٻڌو هوندو، جنهن مارچ ١٩٥٥ع ۾ وفات ڪئي. سندس موت تي تعزيتي بيان جاري ڪندي برٽرانڊرسل چيو هو، ”آئن اسٽائن جي مرڻ کان پوءِ پوري سائنسي دنيا يتيم ٿي وئي.“

The whole scientific world has been orphaned.

وزيراعظم جواهر لال نهرو آئن اسٽائن جي موت جي خبر ٻڌي ذري گهٽ پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيو. هن عظيم سائنسدان کي خراج عقيدت پيش ڪندي، اهي سا ڳيا الفاظ چيا، جي هن جنوري ١٩٤٨ع ۾ مهاتما گانڌي جي موت تي پارليامينٽ ۾ تقرير ڪندي چيا هئا. يعني، ”زندگي ختم ٿي وئي ۽ روشني وسامجي وئي.“

The life is out, the light is out.

تازو مسٽر رونالڊ- ڊبليو ڪلارڪ (rownald w. clark) آئن اسٽائن جي سوانح حيات تي ” آئن اسٽائن، سندس زندگي ۽ زمانا Einstein, the life and times نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو. هن ڪتاب مان هڪ ٽڪرو هتي پيش ڪيان ٿو. ڏسو ته دنيا جي هن عظيم انسان پاڻ تي تنقيد جو ڪيئن نه خنده پيشانيءَ سان خير مقدم ڪيو. مسٽر رونالڊ لکي،

”جرمنيءَ ۾ هڪ تنظيم پئدا ٿي هئي، جنهن نظريه اضافيت کي هڪ سامي نسل جي سازش قرار ڏيندي، ان تي جلهون ڪيون. سندن چوڻ هو ته هي نظريه محض دنيا کي بگاڙڻ لاءِ پيش ڪيو ويو. تنظيم وارن ١٩٢٠ع ۾ جرمنيءَ جي فلهار مونڪ هال ۾ آئن اسٽائن ۽ سندس نظريه اضافيت خلاف هڪڙي ميٽنگ ڪوٺائي هئي جنهن ۾ هو پاڻ به شريڪ ٿيو. آئن اسٽائن هڪڙي هنڌ ويهي ظاهراً موجون ماڻيندو رهيو. لغو ۽ نامعقول ڳالهين تي آئن اسٽائن کل ۾ ويڙهجي ويو ۽ اتي هال ۾ اظهار مسرت وچان تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ تعريف ڪندو رهيو.“

An organization arose in Germany attacking relativity as a part of Semitic plot to corrupt the world. When in 1920, it tired the Berlin Philharmonic Hall for a demonstration against both relativity and Einstein, he went to the meeting. He sat in a box, obviously enjoying himself. Al

clapping absurd statements. He could be seen bursting into laughter and his hands in applause" (P-138)

اندازو لڳايو ته هي ڪيڏو نه سبق آموز واقعو آهي. ميٽنگ ۾ آئن اسٽائن خلاف ڪوئائي وئي ان ۾ هي عظيم انسان پاڻ شريڪ ٿيو ۽ تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ تنقيد نگارن کي داد ڏيندو رهيو. عظمت ان جو نالو آهي ۽ شيخ اياز ته تنقيد جي معاملي ۾ اهڙن شخصن جي نقش قدم تي هلي تاريخ ۾ نالو ڪڍرائي سگهي ٿو. باقي پنهنجن نقادن کي بدشد ڳالهائيندڙ اشخاص ڪڏهن به تاريخ ساز نه ٿيندا آهن.

ٻيو وڏو مثال مشهور ارضياتي سائنسدان جارج گيمو (gamow) جو آهي. هن جي ڪتاب "زمين جي سوانح" The biography of Earth تي مسٽر هولمس (holmes) نالي هڪ شخص تنقيد ڪئي هئي، جا حق پرست گيمو کي ايتري ته پسند آئي، جو پنهنجي ڪتاب جو نالو بدلائي ان کي پنهنجي نقاد ڏانهن منسوب ڪيائين. گيمو لکي ٿو،

And I take pleasure in dedicating this volume to professor Holmes of with whom I had a friendly correspondence following the appearance his review." *(Preface a planet called Earth by George Gamow.)*

گيمو وڏن سائنسدانن مان هڪ آهي. هن کي ١٩٥٦ع ۾ يونيسڪو طرفان سائنسي خدمات ڪري انعام مليو هو. گيمو وڏ ظرف ۽ اخلاقي جرئت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي نقاد ڏانهن ڪتاب کي منسوب ڪيو.

## لطيف، تصوف ۽ شيخ اياز

"شاه کي متصوفانه نظريات اور سماجي پس منظر" جي عنوان سان شيخ اياز صاحب لکي ٿو،

"ڊين انج (Dean Inga) جو چوڻ آهي ته تصوف هر مذهب جي ڪچي مواد جو هڪ حصو آهي.

(mysticism is a part to the raw material of every religion.)

هن ڪچي مواد جو سراغ تمام الهامي ڪتابن ۾ به ملي ٿو ۽ انهن معجزن، ڪشفن ۽ ڪرامتن ۾ به جي مذهبي پيشوائن ۽ خدا رسيده بزرگن ڏانهن منسوب آهن. شاه جي عملي زندگي سان ڪيتريون ئي اهڙيون ڪرامتون وابسته ڪيون وڃن ٿيون جي هن جي فوق البشر هجڻ جي جواز ۾ پيش ڪري سگهجن ٿيون. سردست مون کي اهڙين ڪرامتن جي صحيح يا غلط هجڻ سان واسطو نه آهي. ڪي افسانا حقيقت کان زياده دلچسپ هوندا آهن. في الحال اهڙن ئي دلچسپ افسانن جي مجموعي تاثر مان مون شاه جي متعلق هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي ته تصوف شاه ۽ شاه جي عارفانه ڪلام لاءِ فخر جو باعث نه آهي، پر شاه ۽ ان جو ڪلام تصوف لاءِ باعث فخر آهي." (صفحه ٢١)

جواب ۾ گذارش ڪندس ته تصوف بابت ڊين انج جي مٿي نقل ڪيل راءِ جاهلانه آهي. ڊين انج معروف شخصيت به نه آهي. سخت حيرت ٿي وٺي ته اهڙي نامعلوم مصنف جي راءِ سان شيخ اياز ڪيئن اتفاق ڪيو آهي؟ ۽ شيخ صاحب جو اهو چوڻ ته تصوف جهڙي ڪچي مواد جو سراغ سڀني الهامي ڪتابن ۾ ملي ٿو، سؤ في صدي غلط ۽ گمراه ڪن آهي. اسان جي الهامي ڪتاب قرآن مجيد ۾ ڪنهن خام يا ڪچي مواد جي هجڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. صاف ظاهر آهي ته محترم اياز صاحب اسلامي تصوف جو ڪو مطالعو ئي ڪونه ڪيو آهي. تصوف جهڙي متبرڪ علم کي خام مواد سڏڻ وارا پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. اسان جي مذهب ۾ تصوف ان جو خام مواد نه آهي، پر ان جو روح آهي. پوئينءَ صديءَ ۾ خود يورپ جي عالمن ۽ اسڪالرن صوفي فڪر جو مطالعو ڪيو ۽ هو ان نتيجي تي پهتا ته تصوف جو سراغ قرآن ۽ سنت نبوي ۾ ملي ٿو. ڊين انج جهڙي هڪ مجهول شخص جي راءِ ميٽڻ لاءِ مشهور فرينچ اسڪالر مئسگنن (massignon) جو هڪ قول تصوف بابت پروفيسر هئملٽن گب (Gibb) جي ڪتاب مان نقل ڪجي ٿو.

گب لکي ٿو، "پروفيسر مئسگنن پراڻي اسلامي تصوف جي سڄي فيلڊ جو عالمانه سروي ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو ته صوفي تحريڪ قديم مسلم زهد ۽ تقويٰ جي سڌيءَ طرح پئداوار آهي ۽ ان جو سرچشمو وري قرآن مجيد ۽ نبيءَ جو عمل آهي."

Professor Massignon, in a brilliant survey of the whole field of early Islamic mysticism, has sought to prove that the mystical movementwas the direct heir of Primitive Muslim asceticism, itself derived from the Koran and the Practice of the Prophet. (Mohammedanism. P-100, Mentor Book Publication 1955AD).

ثابت ٿيو ته اسان جي مذهب ۾ علم تصوف هڪ خام مواد نه آهي، جيئن شيخ اياز يقين ڪري ٿو. شيخ صاحب جي وڏيڪ اڻڄاڻائي ملاحظ ڪيو جو معجزن، ڪشفن ۽ ڪرامتن جي ظهور کي ئي تصوف سمجهي ٿو، جيئن مٿي سندس عبارت نقل ڪئي وئي. ان مان به سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن علم تصوف جو ڪو گهرو مطالعو نه ڪيو آهي. علم تصوف ڇا کي چئجي ۽ ان جي تشريح ڪهڙي آهي؟ هن سوال جي جواب ۾ ايترا ته ڪتاب لکيا ويا آهن جو انهن جو لحاظ ڪرڻ به مشڪل آهي. شايد سڄي عمر ڪو شخص فقط تصوف جا ڪتاب پڙهي تڏهن به سپ ڪتاب پڙهي نه سگهندو.

## شاه جو شعر، تصوف ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي

تصوف ۽ شاه جي ڪلام بابت محترم شيخ اياز جي راءِ جي مقابلي ۾ آنجهاني ڊاڪٽر صاحب جي راءِ ڪي نظر مان ڪڍو،

"تصوف شاه جي شعر جي گويا تاڃي ۽ پيٽو آهي، يا جيڪر تصوف، شاه جي شاعراڻي عمارت جو مکيه پايو ڪري چئجي. جيتوڻيڪ سندس شعر جا مضمون علحده علحده آهن، تڏهن به تصوف هڪ سر وانگر آهي، جنهن تي اهي مضمون موتين جيان مڙهيل آهن. اهڙي صنعت ۽ جدت سان شعر جي پلٽ ڪئي اٿس، جو ظاهريءَ طرح مضمون جي ڪثرت پئي معلوم ٿئي، مگر اندروني طرح مڙئي وحدت سندس صوفيائي خيال جو نتيجو آهي. ڪن ڪن سرن ۽ بيتن ۾ تصوف دونهين جيان دٻيو پيو آهي، پر ڪن ڪن ۾ ته پڙڪو ڏيو پنيٽ ڪيو وڃي." *(شاه جو رسالو مقدمه از ڊاڪٽر گربخشاڻي اداره آواز ادب حيدرآباد ڇاپو ٻيو ١٩٦٧ع ايڊيشن صفحو ٨٤)*

اڳتي هلي ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو،

"صوفياڻو شعر رسالي ۾ جا بجا ٽڙيو پکيڙيو پيو آهي. اهو ڪو سر نه آهي، جنهن ۾ سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح، ظاهري باطني نموني ۾ منظوم ٿيل نه آهي." *(صفحه ٨٧)*

ڊاڪٽر گربخشاڻي جهڙي هڪ فاضل شخص جي بيان مان ظاهر آهي ته تصوف شاه جي ڪلام ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو ۽ ان جو روح آهي. تصوف ڪري ئي شاه جو ڪلام عارفانه آهي. ان ڪري شيخ اياز صاحب جو شاه جي شعر بنسبت مٿي نقل ڪيل رمارڪ غلط ۽ خلاف حقيقت آهي. اها شاه جي ڪلام جي اهميت کي گهٽائڻ جي هڪ ڪوشش آهي جا محترم شيخ صاحب جن کي هرگز نه جڳائي.

شيخ اياز ۽ ڊين انج (Dean Inga) جو غلط حوالو

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته تصوف بابت مسٽر شيخ اياز ڊين انج جو هي انگريزي جملو نقل ڪيو آهي،

Mysticism is a part to the raw material of every religion.

پاڻ ان جو ترجمو اردو الفاظ ۾ هن ريت ڪري ٿو،

"ڊين انج کا کهنا هي کي تصوف هر مذهب کي خام مواد کا ايک حصه هي." *(صفحه ٢١)*

منهنجو پهريون اعتراض آهي ته محترم اياز صاحب ڊين انج جي ڪتاب جو ڪو حوالو ڪونه ڏنو آهي، جنهن تان پيٽائي خاطري ڪجي ته اقتباس صحيح آهي يا غلط. هن تنقيدي مضمون لکڻ وقت مون کي خيال آيو ته ڊين انج هڪ غير معروف اهل قلم ته ضروري آهي، پر مون ڪنهن ڪتاب ۾ ان جو نالو ضرور پڙهيو آهي. حافظي تي زور ڏيڻ سان مون کي ان جو سراغ ملي ويو. ياد پيم ته ڊاڪٽر سورلي صاحب پنهنجي انگريزي ڪتاب "ڀٽ جو شاه عبداللطيف (shah abdul latif of bhit)" ۾ ڊين انج جي ڪنهن ڪتاب مان حوالا ڏنا آهن. پڪي خاطري ڪرڻ واسطي ڊاڪٽر صاحب جو اصل ڪتاب ڏٺم. حيراني وٺي ويم ۽ افسوس به ٿيم ته شيخ اياز ڊين انج جي لفظن کي حذف ڪري پنهنجا لفظ شامل ڪري مٿيون انگريزي جملو گهڙيو آهي. جن سڄڻن وٽ ڊاڪٽر سورلي جو ڪتاب موجود هجي اهي پاڻ پيٽائي پڪ ڪري سگهن ٿا. ڊين انج جو مٿيون حوالو سورلي هيٺينءَ ريت نقل ڪري ٿو،

To quote Dean Inga once again: The Phase of thought or feeling which we call mysticism has its origin in that which is the raw material of all religion. *(P.237, Oxford University Press Pakistani Branch 1966 ED.)*

صفحو 237، باب پنجون (ايڊيشن 1966) ڪتاب (the mystic vision).

شيخ صاحب، ڊين انج جي نقل ڪيل انگريزي عبارت. سندس اصل عبارت کان روپيه مان پندرهن آنه مختلف ڇو آهي؟ اڃا حوالو اڳتي به هلي ٿو جيئن ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب مان ظاهر آهي. شيخ اياز پهريون غضب هي ڪيو جو ڊين انج جو سڄو حوالو نه ڏنو، پاڻ جو ڪجهه نقل ڪيو اٿس اوهان ڏٺو ته اهو اصل کان ڪلي طور مختلف آهي. ڊاڪٽر سورلي صاحب مٿيون حوالو ڊين انج جي ڪتاب، 'مسيحي تصوف' (crystian mysticism) جي صفحي پنجين تان ڪوريو آهي. ظاهر آهي ته ان جي مذهب مان مراد عيسائي مذهب وٺي ٿو ۽ نه هر مذهب (every religion) جو.

هاڻي ڊاڪٽر سورلي صاحب جي ڪتاب مان ڊين انج جي نقل ڪيل عبارت جو سنڌي ترجمو هن طرح ٿيندو،

"ادراڪ يا احساس جي حالت، جنهن کي اسين تصوف ڪوٺيون ٿا، ان جي اصليت سموري مذهب جي خام مواد ۾ آهي."

ان جو وري اردو ترجمو هي آهي،

ادراک يا احساس کي حالت جسي هم تصوف کهتيهين، اس کي اصليت پوري مذهب کي خام مواد مين هي."

پاڻ انصاف ڪيو ته محترم شيخ صاحب جن جي انگريزي عبارت (ڊين انج جا الفاظ) ۽ ان جو اردو ترجمو ڊين انج جي اصل انگريزي عبارت ۽ ان جي مٿي نقل ڪيل اردو ترجمي کان ڪيترو نه مختلف آهي. ڊين انج اهي لفظ به عيسائي مذهب لاءِ چيا ۽ نه سڀني مذهبن لاءِ. شيخ صاحب مون کي معاف ڪري، هي صريحاً علمي بدديانتي آهي.

## اياز ۽ رسالي جو غلط منظوم ترجمو

محترم اياز صاحب لطيف جي رسالي جي ڪن سرن جو منظوم اردو ترجمو ڪيو آهي، جو سنڌ يونيورسٽيءَ شايع

ڪيو آهي. غالباً هن ئي ڪتاب تي موصوف کي رائٽرس گلڊ طرفان انعام پڻ مليو آهي. مون اياز جو هيءَ منظوم ترجمو شاهه جي اصل سنڌي بيتن سان ملائي، پيٽائي پڙهيو آهي. منهنجي خيال ۾ شيخ صاحب لطيف جو غلط ۽ مشڪوڪ ترجمو ڪيو آهي. سندس ترجمي مان لطيف جي اصل مدعا جو پتو ڪونه ٿو پوي. جيڪڏهن هڪ هڪ بيت جي چند چاڻ ڪبي ته سڄو سال بحث جاري رهي سگهي ٿو. سردست شاهه جي سر ڪلياڻ مان ٻه ٽي بيت منتخب ڪجن ٿا. حضرت لطيف جو اصل سنڌي شعر آهي،

**اول، الله، عليم، اعليٰ، عالم جو ڌڻي**
**قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم**
**والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم**
**سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم**
**ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.**
*(ڏسو گربخشاڻي صفحو ١٧٥)*

انهن بيتن جو منظوم اردو ترجمو شيخ اياز هيٺينءَ طرح ڪيو آهي.

**تيري هي ذات اول آخر تو هي قائم هي اور تو هي قديم،**
**تجهه سي وابسته هر تمنا هي تيرا هي آسرا هين رب ڪريم،**
**ڪم هي جتني ڪرين تري توصيف تو هي اعليٰ هين اور تو هي عليم،**
**والي شش جهت واحد ذات رازق ڪائنات رب ڪريم.**

ڏسو ته ترجمي ۾ ڪيتريون نه فاش غلطيون آهن. لطيف جون مٿيون ٽي سٽون ضمير غائب ۾ سولائي سان اردو ۾ ترجمو ٿي سگهن ٿيون. ڇو جو انهن ۾ استعمال ٿيل عربي اکر انهيءَ ساڳي معنيٰ ۾ اردو ٻوليءَ ۾ به استعمال ٿين ٿا. مان ته اياز وانگر شاعر نه آهيان. ڇا لطيف جون سنڌيءَ ۾ اهي ٽي سٽون هيٺينءَ اردوءَ ۾ ترجمو ٿي نٿيون سگهن،

**اول، الله، عليم، اعليٰ عالم ڪا دهني**
**قادر اپني قدرت سي قائم هين قديم**
**والي، واحد، وحده، رازق، رب رحيم.**

اياز لفظ بدلايا آهن ۽ نوان جملا پنهنجي طرفان لکي لطيف ڏانهن منسوب ڪيا آهن. مثلاً مٿي اياز ٿو چوي،

**تجهه سي وابسته هر تمنا هين**
**تيرا هي آسرا هي رب ڪريم.**

اهي جملا لطيف جا چيل ڪونه آهن. والي شش جهت وغيره الفاظ لکڻ جي ضرورت ئي ڪانهي، جي غلط آهن. اصل عربي الفاظ اردو ۾ به ائين لکي سگهجن ٿا، 'والي، واحد، وحده رازق رب رحيم.' اياز جي ٽين وڏي غلطي هيءَ آهي ته لطيف جي آخري شعر،

**ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.**

جو ترجمو ڪونه لکيو آهي. سر ڪلياڻ ۾ لطيف جو ٻيو نمبر بيت هن طرح آهي،

**وحده لا شريڪ له، جان ٿو چئين اي**
**تان مڃ محمد ڪارڻي، نر تون منجهان نينهن**
**تان تون وڃئو ڪيئن، نائين سر ٻئن ڪي.**
*(گربخشاڻي صفحه ١٧٥)*

مٿئين بيت جو اردو ترجمو شيخ اياز صاحب هيٺئن ٿو ڪري،

**اگر الله پر رکهتي هو ايمان**
**رسول الله سي بهي لو لگاؤ**
**سمائي جس مين ان دونون ڪان سودا**
**ڪسي در پر نه اس سر ڪو جهڪاؤ.**

شيخ اياز صاحب ٻڌائي ته هن وحده لاشريڪ له جو ترجمو الله تي ايمان آڻڻ ڪيئن ڪيو؟ مثلاً سندس ئي ترجمي جو جملو "اگر الله پر رکهتي هو ايمان" جو عربي جملو ٿيندو "ان تؤمن بالله ۽ نه وحده لاشريڪ له جنهن جي معنيٰ ٿيندي ته الله جل شانه هڪڙو آهي ۽ ان جو ڪو شريڪ نه آهي. اهي عربي الفاظ اردو ترجمي ۾ به نقل ٿيندا يعني وحده لاشريڪ له. شاه لطيف جي جملي "تان مڃ محمد ڪارڻي نرتون منجهان نينهن" جو اردو ترجمو ڪيو آهي. "رسول الله سي بهي لو لگاؤ" جا معنيٰ غلط آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ڪارڻي لفظ جي تشريح ۽ معنيٰ بابت لکي ٿو ته "ڪارڻي" (سن ڪارٽڪ) جو ڪنهن ڳالهه جو ڪارڻ يا سبب بڻجي. حضرت محمد ﷺ کي "ڪارڻي" انهيءَ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو جو (1) پاڻ ئي دنيا جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ هئا، جيئن حديث ۾ ڄاڻايل آهي ته لولاڪ لما خلقت لا فلاڪ يعني اي محمد ﷺ جيڪڏهن تون نه هجين ها ته ڪڏهن نه خلقيان ها هي آسمان. (2) حضرت محمد صلعم قيامت جي ڏينهن گنهگارن جي شفاعت جو ڪارڻ ٿيندا. (3) حضرت محمد ﷺ خدا جي سچيءَ وحدانيت ڦهلائڻ جو ڪارڻ هو!" *(صفحه ٣٢٧)*

ظاهر آهي ته اياز سڄي شعر جو ترجمو غلط ڪيو آهي. اياز جي وڏي مشڪل ڳالهه اها آهي ته هن توحيد ۽ رسالت جي مفهوم کي سمجهيو ئي ڪونهي. اياز کي انهن لفظن سمجهڻ ۾ ته ڏکيائي نه ٿيڻ کپي. پاڻ تازو خوشگوار اعلان ڪيائين ته "مان پيدائشي طور مسلمان آهيان." ڊاڪٽر گربخشاڻي غير مسلم ٿي ڪري به توحيد ۽ رسالت جي مفهوم کي سمجهي ويو. هو هندو مذهب جو پوئلڳ هو ۽ هندو مذهب ۾ توحيد يا وحدانيت جو تصور به موجود نه آهي، ڇو جو بقول پيرو مل مهر چند "هندو مت ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائن ۽ خدائن جو مذهب آهي." ان جي باوجود ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ٺوڪرون ڪونه کاڌيون ڇو جو هن جو مطالعو وسيع هو، پر افسوس جو مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيندڙ شيخ اياز صاحب کي توحيد ۽ رسالت جي ڪا پروڙ ڪانه آهي. هو وحده لاشريڪ له جي معنيٰ ٿو ڪري الله تي ايمان آڻڻ.

## ڊاڪٽر سورلي جي انگريزي معنيٰ

ڊاڪٽر گربخشاڻي کان علاوه هڪ ٻئي غير مسلم ڊاڪٽر ٽي. ايچ سورلي (T.H. Sorely) صاحب به لطيف جي مٿين ٻن بيتن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ صحيح منظوم ترجمو ڪيو آهي. هو عيسائي مذهب جو مڃيندڙ هو. عيسائين ۾ به وحده لا شريڪ له جو ڪو تصور ڪونه آهي. پر سورلي صاحب عالم شخص آهي ۽ ترجمي ۾ شيخ اياز وانگر فاش غلطيون ڪونه ٿو ڪري. هي عيسائي مصنف لطيف جي سر ڪلياڻ جي مٿين ٻن بيتن جو هن طرح منظوم ترجمو ڪري ٿو،

In the begging Allah is, who knoweth all, who sits a loft, the lord of all the World that be, he is the Mighty, old of days, of his own power established. He is the lord only one, sustainer and compassionate. Sing ye the praise of Him. He is the one who has no peer. Confess you this. In heart of heart acknowledge ye the praised one, who the causer of the causes is, why go ye then and bow yourselves In front of other, why go ye.
*(P-312)*

ڏسو ته ڊاڪٽر سورلي صاحب حتي الامڪان ڪيڏو نه صحيح ترجمو ڪيو آهي. فقط هڪڙي هنڌ غلطي ڪئي اٿس جو رسول ڪريم ﷺ جي نالي 'محمد' جو لفظي ترجمو ڪيائين يعني ته (the praised one) ساراهيل.

ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته عربي ٻوليءَ ۾ 'محمد' لفظ جي لغوي معنيٰ ٿيندي ساراهيل ۽ انگريزيءَ ۾ 'پريسڊ ون' جيئن حضور جن جو درباري شاعر حضرت حسان بن ثابتؓ چوي ٿو ته "حضور جن جي اسم مبارڪ کي پاڻ کان اشتقاق محض بلند ڪرڻ لاءِ (خدا) ڏنائين ۽ عرش وارو ته محمود آهي ۽ هي محمد.

**فشق له من اسمه ليجله**
**فذ والعرش محمود و هذا محمد**

پر ڊاڪٽر سورلي صاحب کي ترجمي ڪرڻ وقت محمد جو اسم خاص لکڻ کپندو هو. باقي سندس ترجمو صحيح آهي سورلي عيسائي هجڻ سان گڏ غير سنڌي به هو. افسوس جو اهڙي شخص جو منظوم انگريزي ترجمو صحيح آهي ۽ هت اسان وٽ محترم شيخ اياز صاحب سنڌي زبان جي شاعر هوندي به اردو جهڙيءَ عام فهم ٻوليءَ ۾ به صحيح ترجمي ڪرڻ کان قاصر رهيو. اياز جي ترجمي ۾ بي شمار غلطيون آهن، جن جي اپٽار ڪبي ته سوين صفحا ڪارا ڪري سگهجن ٿا. مٿي نموني طور ڪن بيتن جي معنيٰ ۽ انهن جي مفهوم تي بحث ڪيو ويو.

شاهه لطيف جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ بابت به اياز اسان کي ڪا نئين ڳالهه ڪانه ٻڌائي آهي. سمورو مواد گربخشاڻيءَ يا سورلي کان اڌارو ورتو اٿس. ڪتاب جي مطالع ڪرڻ سان آس رکيم ته اياز جي تحقيق شاهه بابت ڪهڙي آهي. بس شيخ اياز پنهنجي طرفان اها ڳالهه لکي ته تصوف هر مذهب جو خام مواد آهي جنهن جو سراغ تمام الهامي ڪتابن ۾ ملي ٿو ۽ لطيف جو ڪلام تصوف لاءِ فخر جو باعث آهي ۽ نه تصوف لطيف جي ڪلام لاءِ. سندس هن غلط خيال کي مٽائڻ لاءِ مون تصوف جي مختصر تشريح ۽ تاريخ لکي. هي ايڏو ته وڏو موضوع آهي جو ان تي سوين صفحا لکي سگهجن ٿا. اياز الهامي ڪتابن کي به ڪونه پڙهيو آهي. ٻيو ته ٺهيو پر شايد لطيف جو ڪلام به صحيح طرح سمجهي نه سگهيو جو ان لاءِ راءِ رکي ٿو ته اهو تصوف لاءِ باعث فخر آهي ۽ نه تصوف لطيف لاءِ. ڀلا جن کي شاهه جو ثاني ڪوٺجي، اهي شاهه جي ڪلام جي اهميت کي ڇو نه گهٽائيندا؟

منهنجو ۽ شيخ صاحب جو هڪ مشترڪ دوست، اياز خلاف منهنجي تنقيدي نقطه نظر بابت سدائين مون سان جهيڙيندو رهندو هو. پر هڪ ڏينهن اوچتو، 'مون 12 فيبروري 1976ع جي هلال پاڪستان جو پرچو ڪڍي آيو جنهن ۾ شيخ صاحب جو مضمون شايع ٿيل هو. دوست چيو، 'قربان، تون صحيح آهين. واقعي شيخ اياز رڳو ڏيهي پرڏيهي، ناول، افسانې ۽ شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي. ڪيس جديد عهد جي عالمگير فڪري ڌارائن ۽ فلسفن جهڙوڪ اقتصاديات، پوليٽيڪل سائنس، تنقيد، نفسياتي علم، عالمي تاريخ ۽ مذهبيات جو مطالعو ئي ناهي.'

## حوالا


1. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي. ص. ١٧٧
2. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي. ص. ١٨٢
3. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن. پاڳو ڦيريون. ص. ٤٠
4. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن. پاڳو ڦيريون. ص. ١٢
5. ماهوار پروڙ – مئي جون ١٩٩٢ع. ص. ٣٥
6. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن. پاڳو ڦيريون. ص. ٣٨
7. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن پاڳو ڦيريون. ص. ٤٠
8. ماهوار پروڙ- مئي جون ١٩٩٢ع. ص. ٣٤
9. ماهوار پروڙ- مئي جون ١٩٩٢ع. ص. ٣٥
10. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن پاڳو ٻيو. ص. ١٧٣
11. ماهوار پروڙ – مئي جون ١٩٩٢ع. ص. ٢٣
12. اير چنڊ پس پرين. ص. ١١
13. ماهوار پروڙ. مئي جون. ١٩٩٢ع. ص. ٣٣
14. خط. انٽرويو- تقريرون. پاڳو ٻيو. ص. ١٩٧
15. ماهوار پروڙ. مئي جون. ١٩٩٢ع. ص. ٣٢
16. اير چنڊ پس پرين. ص. ١٠
17. ماهوار پروڙ. مئي جون ١٩٩٢ع. ص. ■




# چوٿا تيل چنبيليا...

## (نئين ٿهيءَ جي شاعري)

تاج بلوچ

ڏاڍو پراڻو قصو آهي. آرٽ ڪائونسل جي هڪ نمائش ۾ هن سان ڏيٺ ويٺ ٿي هئي. ۽ اها ڏيٺ ويٺ هڪ دوستي ۾ تبديل ٿي اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. ۽ آرٽس سان لاڳاپي هئڻ جي ڪري اهو تعلق مخلصانہ ادبي ڏي وٺ ۽ فن جي باريڪين تي لڳاتار گفتگو جو ڪارڻ بڻي. ۽ هڪ ٻئي ۾ سوڪڙين پاڪڙين جي مٽاسٽا جو سلسلو بہ جاري رهيو.

هڪ ڀيري هن مونکي هڪ تحفو ڏنو، جيڪو ٻن پينٽنگس تي مشتمل هو. اهي ٻئي پينٽنگس سدائين مون ساڻ گڏ رهيون آهن. هونئن بہ سنو ڪتاب، ڪا پينٽنگ يا C.D ڪنهن خوبصورت ۽ پلوڙ فنڪار/دوست جي هٿان تحفي ۾ ملي تہ ان کي ساهہ سان ئي سانڍڻ گهرجي. ۽ مون اها سوکڙي ساهہ سان سانڍي رکي آهي.

هوءَ ڪلر پينٽنگس جي ابتدائي مرحلن ۾ هئي. پر تجريديت ۽ ريئلزم جي آميزش سان هن سٺا تجربا ڪيا. اسين هڪ ٻي سان آرٽ ۽ ڪلچر جي مختلف موضوعن تي سدائين پيا بحث ڪندا هئاسين. آئون هن کي پنهنجي ڪچي ڦڪي شاعري ترجمو ڪري ٻڌائيندو هوس تہ هوءَ مونڏانهن عجب نهار سان ڏسي مرڪي پوندي هئي. ۽ نماڻي نوع ۾ داد ڏيندي هئي. ۽ آئون سندس مصوريءَ سميت مٿانئس پيو فدا ٿيندو هوس. پر هوءَ ڏاڍي محتاط هئي. پر هن جي جاڻ ۽ خلوص مون ۾ هڪ وڏو اعتماد پيدا ڪيو.

هن کي منهنجي شاعري متاثر ڪيو يا نہ؟ پر هن جي برش جي ڪاريگري ۽ هٿ جي اسٽروڪ ۾ ڪو ردم هو!! ڄڻ جادوگر هجي. ڪننواس تي بيخوديءَ جي عالم ۾، ايڏي تيزيءَ سان اسٽروڪ هڻندي هئي جو ڏسندڙ حيران ٿي ويندو هو. ٽڪڙ جي هوندي بہ، ڪننواس تي هوءَ ڪيئي انوکا عڪس اڀاري ڇڏيندي هئي. آئون هن جو مداح تہ ٿيا پر هن سان پيار ڪرڻ لڳو هوس. پر مون ۾ اظهار جي جرئت نہ هئي.

آئون انهن ڏينهن ۾، PTV جي 'مهراڻ رنگ'، 'سنڌ سينگار' ۽ 'مخزن' پروگرامن جو ڪمپيئر هوس. شمشير ۽ قمر شهباز اسڪرپٽ رائيٽر هئا.

جماعت اسلامي، ضياءَ آمر جي 'مجلسِ شورا' جو حصو ٿيا بڻي، روشن خيال ماڻهن جا تختا ئي نڪري ويا. ۽ اسان ٽنهي کي Lay off ڪيو ويو. پر منهنجا ڀلا ڀاڳ جو PTV جي سينئر نيوز ايڊيٽر ثمينہ قريشي مونکي نيوز روم ۾ وٺي آئي، جتي مون لڳ ڀڳ ٻاويهہ سال ڪم ڪيو.

اسان جي دوستي سال ڏيڍ کن مس هلي. هڪ ڏينهن هوءَ نيوز روم ۾ هلي آئي. ۽ خاڪي ڪاغذن ۾ ويڙهيل بہ 10x12 جا فريم منهنجي حوالي ڪري چيائين،

"موڪلاڻي ناهي. آئون ايسٽيٽس (USA) وڃان ٿي. هي تحفو قبول ڪر. زندگي رهي تہ ضرور ملاقات ٿيندي. آئون توکي وساري نہ سگهنديس."

هوءَ هلي ويئي. ۽ مون 'ويسپا' جي پوئين سيٽ تي تصويرون ڪٽي گهر پهتس. ٻيئي پينٽنگس آئل ڪلر ۾ هيون. بہ غار هئا، جن مان روشني ڇٽاڪا ڪيو ٻاهر اچي رهي هئي.

اهي ٻيئي پينٽنگس پنهنجي هن وڏي ڄمار تائين اڄ بہ منهنجي بيڊ روم جو سينگار آهن. مونکي لڳندو آهي تہ ڄڻ منهنجو قلم قبيلو يا آرٽ جا متوالا، ڏکهر عرصي جي تاريڪين سان جنگاڻ ڪري، رولاڪيون ۽ ڪشالا ڪڍي، زمانن جي اٿل پٿل جا سور سهي، ڏک ۽ ڏاڪڙا برداشت ڪري نئين اڀياس ۽ مهارت سان انهن ٻنهي غارن مان، روشني بڻجي اجهو ٻاهر نڪتا!! ۽ آئون انهيءَ اميد ۽ آس جي سهاري، پلڪن تي فنِ لطيف جي ساپيان جا سپنا سجائي آسروند ٿيو هلندو رهيو آهيان. ۽ دوستيءَ ۾ ڪلي موڪلائي هليو وڃڻ ۽ وري ملڻ تہ ڇا رابطو بہ نہ رکڻ هڪ وڏي پيڙا ضرور آهي. پر وڇڙي ويل دوست جو ناياب ۽ اتساهيندڙ تحفو، روح کي سرشار ڪيو ڇڏي. هجر جون راتيون ۽ ڏينهنَ جون دربدريون ڪنهن حد تائين تخليقي عمل کي ٽيڪو ضرور ڏينديون آهن. سور کي ناسور بڻائي ئي تخليقڪار ڪجهہ پرائي سگهي ٿو.

آرٽ جو ظهور بہ تہ ڪنهن پيڙا جي شدت جو محتاج هوندو آهي نہ- ڪو چهرو، ڪو عڪس، ڪو ٻول، ڪا مصرع ۽ ڪنهن نظم جي اسٽئنزا ذهن ۾ ڇيلاٽي جيان ڇهٽي پوندي آهي.

لوئر سيڪنڊري تعليم واري دور جي هڪ انگريزي نظم، 'دي اسڪالر' جي پهرين اسٽينزا اڄ بہ منهنجي ذهن سان چنبڙي پئي آهي.

My days among the dead are past
Around me I behold
Where's these casual eyes are cast
The mighty minds of old

(ڏينهن مماتين(لائبررين ڏانهن اشارو) سان گذرن ٿا. ۽ هيڏي هوڏي جڏهن امالڪ اکيون کڄيو وڃن ٿيون تہ اهي اعليٰ ذهن آڏو اچي بيهن ٿا.)

اهڙن دوستن ڪان وڌيڪ ڪي دوست ٿي سگهن ٿا؟ جيڪي گهرن ڪجهہ بہ نٿا رڳو ڏين ٿا. ڇو تہ سينو چيري ٻاهر ايندڙ لفظ هڪ صورت جو روپ ڌاري زنده آواز بڻجي نئون ساهس بخشي ٿو. جتان اعليٰ تعليمي ادارا علم جي ترسيل مڪمل ڪن ٿا، قلمڪار جو سفر ان ماڳ ڪان شروع ٿئي ٿو.

گذريل صديءَ جي اٽڪل ٻن ٽن ڏهاڪن ڪان علم پرائڻ جي مٿانهين توڙي هيٺاهين سطح ڊانوانڊول ٿي چڪي آهي. لائبرريون، ذهنن جيان خالي ٿي چڪيون آهن. ڪتابن جي وقعت بحرحال ناهي گهٽي. پر پڙهندڙ جي فوقيت ضرور تبديل ٿي آهي. ساڳيا استاد ناهن رهيا. 70، 80ع واري ڏهاڪن ڪانپوءِ جيڪو تعليم جو زوال شروع ٿيو ان سماج کي ڇڙواڳي يا انارڪي جي ور تہ ضرور چاڙهي ڇڏيو پر ان سان گڏوگڏ شاعري لاءِ گليمر کي هٿي ڏني آهي. شايد شاعري سولي هوندي ۽ شايد ان ڪارڻ ئي اسان وٽ ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ شاعري جا ڪارخانا تمام گهڻا کلي ويا آهن، جتان تيار ٿي نڪتل مال 90 سيڪڙو تہ خام مال جي ئي ڇيهي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. نتيجي طور هن 'وڪر' واري مارڪيٽ ۾ مندي جو لاڙو تيز ٿي ويو آهي. اجتماعي سيڙپ جو احساس مجموعي طرح مري چڪو آهي. ڇاڪاڻ تہ شخصي نماءَ خاطر انفرادي سيڙپ ڪندڙ کي ڪجهہ نہ ڪجهہ تسڪين ضرور پلئہ پئي ٿي. پر گڏيل طور ان ڏس ۾ پينگ ٿيندي پئي وڃي. مون اڳ بہ ڪٿي عرض ڪيو هو، 'اسانجي 90 سيڪڙو شاعري منظوم خبرنامو آهي.' پر هاڻي تہ منظوم خبرنامي ۾ بہ رڳو جهاڪا ئي جهاڪا ايندا پيا وڃن. (فڪر تہ اڳ ئي ڪونہ هو فن بہ وڃي ٿو موڪلائيندو) ڇاڪاڻ تہ ڪنهن شاعر جي نظم يا غزل ۾ جيڪڏهن هڪ بند فونيٽڪ ردم يا بحر وزن جي ڏس ۾ پورو آهي تہ ان ساڳي ئي غزل يا نظم جو ٻيو بند اهڙي ڪرافٽمئنشپ ڪان وانجهيل ٿو نظر اچي. ۽ پڙهندي ئي ڪاڪڙي ۾ نم جو ڇهو ڪپجي وڃڻ جهڙو ايذاءُ ٿو محسوس ٿئي. (ٻهراڙي ۾ جڏهن ٻارڙن جو ڪاڪڙو لهي پوندو آهي تہ دايون ۽ سياڻيون عورتون مٽي ڪاٺي جو ٻُرڪو نم جي تازي ڇِهي تي مَکي ٻار جو ڪاڪڙو چاڙهينديون آهن، ان عمل جي نتيجي ۾ اپريل سور جي سٽ ٻار جي وجود کي لوڏي ڇڏيندي آهي. ڪاڪڙو مٿي کڄي ويندو آهي. ۽ ٻار ڪنگهہ ڪرڪي کان بچي پوندو آهي. دائي امان سُپل جي سڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر جو ڪاڪڙي سان ٽڪرائڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ايذاءُ اڄ بہ ياد پوندو آهي تہ ڏڪي ويندو آهيان).

اسان جي شاعري جو بہ ڪاڪڙو لهي پيو آهي. ڊڪشن ڪرٽئي جو شڪار ٿي ويو آهي. خيال ڪنگهي جي اگهائي ۾ ورتل آهن، جنهن کي اڏوهي ڪاڌل لفظ ملن ٿا. ۽ بيان ڪاري ڪنگهہ جهڙو ٿو جُڙي. پر ڪچي ڪوبہ نہ ٿو؟ اعتراض تہ پري رهيو. پر جي داد نہ ڏنوَ تہ ٻي ڏينهن بازار توڙي دوستن جي ڪچهري ۾ اوهان جو ويهڻ محال هوندو. گروهہ بندي ٿي وئي آهي، 'تون مونکي حاجي چئو، مان توکي قاضي چوان.' وارو ماحول جڙي پيو آهي. ٽڪي جي مفادن جي سطحي مامرن ڪري وقت جي ساهمي ڏانهن ڪنهن جو ڌيان نہ ڪو گيان. ڌيان ۽ گيان ٿئي بہ تہ ڪٿان؟ موزون شاعري جي هيڏي ڏگهي عرصي دوران ڪو ڪُل وقتي نقاد پيدا ئي ناهي ٿي سگهيو. جيڪڏهن ڪو هڪ اڌ نقاد ڪٽي ڳاٽ ڪنيو بہ تہ سندس تنقيد ۾ ڪو توازن نہ هو. يا هو تعصبات جو شڪار بڻجي پيو. نتيجي طور تنقيد يارين ٻاشين جي ور چڙهي وئي. شيخ رزاق راز، شيخ اياز جي فڪري مغالطن، تضادن، غير فصيح ۽ تجربي ۾ نہ آيل جذبي ۽ پرائي خيال جي واهپي تي درست ٽيڪا ٽپڻي ڪئي تہ ان جو انت بہ وڃي ذاتي دشمني ۽ ڪٽرپڻي تي وڃي پهتو. هن شيخ اياز تي تهمتون ۽ الزام آندا ۽ ساڻس سماجي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو. ۽ تنقيد جيڪا درست ڏِسَ ۾ لکندڙ جي رهنمائي ڪري پئي سگهي، اها ٻچان جو باعث بڻجي پئي.

**هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٽو ايندو نہ وري هي وڻجارو**
**ڪجهہ ڏات ڏسو پوءِ بات ڪيو هي شور اجايو آ پيارا**
*-شيخ اياز*

اهو شعر اوهان ۽ اسان ڪيترا ڀيرا جهونگاريو هوندو. يا مثال طور پيش ڪيو هوندو. پر ان جي معنويت ۽ عروضي شاعري جي لوازمات ڏانهن لفظن جي جادو باعث نهاريو ئي نہ

هوندو. مون اڳ بہ ڪٿي عرض ڪيو هو، ’پرايو تجربو ۽ پرايو عشق بيان ڪرڻ سان، معنويت جو لطف فڪر جي دائرن مان ڌڪجي ڌار ٿي ويندو آهي.‘

اسين سڀ ڳوناٽي ڪلچر جي حسناڪين ۽ فطرت جي گوناگونيت کي ذهن جي پردن ۾ بنان ڪنهن حسي ادراڪ جي ڪنيو وتون. ڪجھ نئون ۽ چرڪائيندڙ ڏسون تہ ترت متائنس نالو رکيو ان جي نرالپ، سونهن ۽ معنويت کي ڪوڪلو ڪيو ڇڏيون.

شيخ اياز صاحب مشاهدي نہ هئڻ جي ڪري ’وڻجاري‘ جو غير فصيح ۽ غير بليغ استعمال ڪيو آهي. وڻجارو هيرن، جواهرن، سون، روپي ۽ موتين جو ڪاروبار ڪندڙ آهي، جيڪو سامونڊي گس وسيلي ڏوراهين ولايتن ڏانهن اسهي ويل آهي. اها صديون اڳ جي ڪهاڻي آهي جنهن کي لطيف سرڪار پرپور تخليقيت ۽ تجريديت سان پيش ڪيو آهي.

هن قصي جو مرڪزي ڪردار عورت آهي، عورت جيڪا وڻجاري جي گهرواري آهي. وڻجارو وڻج سانگي پرانهن پنڌن ڏانهن پلاٽيو آهي. ۽ ڏاڍا ڏينهن لڳائي ڇڏيا اٿس. پويان سندس وني ءَ جا واڪا ۽ ريهون آهن. الڪا، اوسيئڙا، اڏما ۽ انتظاريون آهن.

**وِچِينءَ جان وِيهي، جَرَ پَلِؤ پائِيان**
**تَڙ ٻيڙا! گهرِ سُپرِين! اُوسَهِ اِيَ پيئِي**
**جِئن وَڻِجارو سِينَ وَڪرِين، سَرَها سِپيئِي**
**حُرمَتَ ساڻُ حَبِيبَ جي، سُونگِيا نہ سيئِي**
**پاڻِهين اُوءِ پيهِي، ڪَنڌَ ڪيڙائُو آئِيا.**

—

**ننگرئون نيڻين، من اوليو نہ اوهري**
**سڀاجهي سيڻئين، پائي ڳڻ ڳهيو هنئيون.**
يا
**نَنگَرَئُون نيڻين، مَنُ اوليِءَ نہ اوهِري؛**
**سَڀاجهين سيڻين، پائي ڳُڻُ ڳِهيو هِنئُون.**
*(شاھ لطيف)*

فراق ۽ وڇوڙي جي هنيئانءَ جهوريندڙ بيان واري ڪردار کي ’ڪنڪر‘ هڻڻ جو ٻاراڻو تصور الائي ڪٿان آيو؟ وڏي نظر ڪري ڏنو وڃي تہ ماضي بعيد ۾ وڻجارو هڪ ادارو هو. انهيءَ اداري سنڌ ۾ گڏيل اقتصادي خوشي ۽ خوشحالي کي فروغ ڏنو. پر زماني جي اوسر وڻجاري جي اداري کي ملٽي نيشنل ڪمپنين جي روپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ پراڻو ادارو ڊهي چڪو. ۽ انجا فڪري توڙي عملي تصورات پڻ ساڳيا نہ رهيا. البتہ ’گهورڙئو‘ يا ’مٺيار‘ اڄ بہ سنڌ توڙي ٻين علائقن ۾ وڻجاري واري سطح تي نہ سهي ننڍي ليول تي ئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح موجود آهي. ورهاڱي کان اڳ اهو ڏنڌو ’هندو‘ ۽ ڪابلي پٺاڻ ڪندا هئا، جڏهن تہ ورهاڱي کانپوءِ اهو ’وڻج‘ ڪابلي پٺاڻن سنڀالي ورتو آهي.

ڏنو وڃي تہ ننڍي پئماني تي ’مٺيار‘ يا گهورڙئي جو ڪردار ڪٿي ساڳيو نہ بہ هجي. پر انهيءَ جي ثقافتي ۽ معاشي طور اهميت موجود آهي. ۽ انهي تصور ۾ شين جو رومانس آهي. شيون جن ۾ ڳوٺاڻي خريدارن خاص طور ڪنواري ڇوڪرين ۽ تازو پرڻيل عورتن نوجوانن جو موه آهي.

اڄ بہ مٺيار، ربيع ۽ خريف جي مندن ۾ جڏهن وڪر جي وڪري لاءِ ايندو آهي تہ وومين فوڪلور ۾ هڪ ڇتي رومانوي امنگ ۽ خوشي جا جذبا ٻُر ٻُر ڪري ظاهر ٿي پوندا آهن. خريداري جو سلسلو شروع ٿيو وڃي. پراٽيون اوڌرون چڪتو ٿيو وڃن ۽ نوان قرض پاڻ تي رضاڪارانہ طور چاڙهيا وڃن ٿا. مٺيار کي ڳريون يا وڏيون قيمتي شيون ڪونہ آٽي، مساڳ، ميندي، سرخي، پائوڊر، تيل، سرها صابڻ، ڪجل، سرمو، نيل پلاش، ڪنگا، آئينا، چوڙيون، ريشمي ڪپڙا، ڪنگڻ، نقلي جيولري، ٻارن جا رانديڪا، چوٽيون ۽ اهڙي قسم جو ٻيو هلڪو سلڪو سامان آڻيندو آهي. ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ ’ڪنڪر هڻڻ‘ وارو غير منطقي تصور موجود ئي ناهي. ۽ ’مٺياري‘ لاءِ ’ڏات ڏيڪارڻ‘ جو خيال پڻ ڇسو آهي.

ڏات تہ فنڪار جي ذهني اپج جو نالو آهي، تخليقي اختراع آهي، روماني عڪسن جي تخليقيت جو ثمر آهي. پر جيڪڏهن اياز جو پاڻ ڏانهن ۽ پنهنجي آرٽ تي ٿيل تنقيد ڏانهن اشارو آهي تہ اها ڳالھ ان پرسپيڪٽو ۾ بہ ڪميونيڪيٽ نہ ٿي سگهي آهي.

اياز بنيادي طور طاقتور ٻولي جو شاعر آهي، هن جي لفظن ۾ درياهي ڇولين جي نغمگي، رواني ۽ رس آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن جي ’شعري معنويت جا عيب‘، گهڻا گهور لفظن جي رقص ۾ لڪيو وڃن ٿا. ۽ جيڪا شيءَ هن جي حسي تجربي ۾ بہ نہ آئي آهي يا فڪري تضاد آهن. مشاهدي جي ڪمزوري يا ڊڪشن جي واهپي جو ادراڪ ناهي تہ اهي بہ ترت آڏو نٿا اچن. جيئن مٿي ڄاڻايل شعر ۾، لفظ ’هي‘ ٻنهي مصراعن ۾ ’پرتيءَ‘ جو لفظ آهي. جيڪو عروضي شاعري ۾ شاعر جي ڪچائي ثابت ڪري ٿو. حالانڪہ شيخ اياز ڏاڍو پختو شاعر آهي. ايڏي ڪوٺ ۽ ابهام هوندي بہ اسان اڪيون ٻوٽيون شين کي وجداني سطحن تي قبول ڪيون ٿا. انڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو الميو هوندو؟

شيخ اياز اهو خيال ڪٿان بہ جهٽيو پر ان کي ڪاريگريءَ سان واهپي ۾ نہ آڻي سگهيو. ۽ اهڙا سوين مثال شيخ اياز جي شاعري ۾ موجود آهن. هونئن بہ ان ڳالھ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ نوي واري ڏهاڪي تائين هن ٻولي جي غنايت جي رواني ۾، مبهم ۽ پنهنجن- پراين تجربن کي بہ بيان ڪيو. خاص طرح سان پڇاڙي جي لسانيات جو اجايو سجايو ۽ بيمقصد تتبع ڪيو. اهڙي گندگي تاجل بيوس پڻ بي انت ڪئي. هر فنڪار جو پنهنجو ڌار اسلوب هوندو آهي_اوهين پڇاڙيءَ جي ڊڪشن ۽ ڪردارن کي ڪٿي جيڪڏهن ڪجھ بہ لڪندا تہ اهو عمل فضول ايڪسرسائيز جي زمري ۾ ايندو. ۽ پنهنجي فڪري ۽ لساني اصليت کي ريٽي ڇڏيندو.

اياز ليو هيملٽن جي ڪتاب، ’نيو رائٽنگس فرام مڊل ايسٽ‘ مان سترهن ارڙهن نظمن جي چوري ڪانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون تڳايون. پر نيٺ هو پنهنجي منطقي انجام تي پهتو. ايتري قدر جو ’گلڻ پنڌ‘ جهڙا شاعري جا عاشق شيخ اياز جي شاعري جي پيٺ ۾ استاد بخاري جي شاعري کي حديثن جيان متبرڪ ’صحيح بخاري‘ سمجهن ٿا. اها ٻي ڳالھ آهي تہ اتي ’صحيح بخاري‘ جو استعمال تز آهي الائي نہ، پر رسول بخش پليجي اياز جي قومي/عظيم شاعر واري ’لقبيت‘ تي منڌيئڙو ڦيري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ هن جي آرٽ ۾ فرد (شاعر)جي عملي سرگرمي جي کوٽ هئي ۽ هن پنهنجي شاعري ۾ مادي پيداوار ۽ انساني علم جي متحرڪ فطرت ۽ مقصديت جو اظهار ئي نہ ڪيو. نعري بازي ڪئي. ۽ پوءِ نان سيڪيولر ٿاٽ پروسين اختيار ڪيائين ۽ پنهنجي پوين تخليقن کي بہ رد ڪري ڇڏيائين.

سنڌ جي ممتاز شاعره ۽ دانشور خاتون فهميده رياض، امر سنڌو جي ڪتاب، ’اوجاڳيل اکين جا سپنا‘ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ”شاعري لفظن ۽ استعارن جي راند ناهي. ادب جو ڪم پنهنجي دور جي زندگي جي معنويت کي پڌرو ڪرڻ هوندو آهي. ۽ شاعر جو تخليقي عمل سندس ذات ۽ سماج سان واڳيل هڪ عهد نامو هوندو آهي، جنهن کي زندگي جي هلچل جو پڌرنامو پڻ چئجي ٿو.“ فهميده رياض جو اهو اڻٽارو نڪتو ان ڳالھ جي غمازي ڪري ٿو تہ تخليقي عمل جي ’وقعت‘ ۽ ٻي جي ’اهل‘ ڪرڻ، يا ’پرائي تجربي‘ کي پيش ڪرڻ غير تخليقي نوعيت جي ڪمپرومائيز سان ڪمپرومائيز ڪرڻ جي برابر آهي.

اسان وٽ ڪمال آهي تہ ڪجھ دوست اياز جي، ’ڊس اون‘ ڪيل شاعري اڄ بہ محفلن ۾ تمتراڪ سان پيش ڪن ٿا. ان منظر نامي بيان ڪرڻ جو اهو مقصد آهي تہ اها شاعري جيڪا وقت جي هنگامي سياسي شعور ۾ وهيو وڃي ٿي، جنهن کي فطري ۽ دائمي معنويت وارا بونافائيڊس حاصل ناهن اهڙي شاعري ايندڙ نئين سياسي شعور ۽ سماجي گهرجن جي نئين رنگ آهنگ جي مٿي اپري پوڻ سبب پنهنجو ڪارج وڃايو ڇڏي ٿي. تخليقي عمل نالو ئي علم جو آهي. علم جي لڳاتار سرگرمي جي شروعات بہ علم آهي تہ بنياد بہ علم آهي. ۽ ان سان گڏوگڏ سچائي جو معيار پڻ علم آهي.

ٽي ايس ايليٽ پنهنجي هڪ مضمون، ’دي سوشل فنڪشن آف پوئيٽري‘ ۾ طنزيہ، تمثيلي، مذهبي، سياسي ۽ ارڙهين ۽ اوڻويهين صدي جي ادب تي طويل بحث ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي، ’حقيقي شاعري جو معيار ئي اهو آهي تہ اها ڪنهن بہ مقبول لاڙي جي تبديلي کان پوءِ بہ زنده رهندي آهي.‘

هن جو نقطہ نظر چٽو آهي، شاعري ۾ نئون تجربو لازمي آهي تہ جيئن پراڻو ادب پڻ نئين منظرنامي سان هم آهنگ ٿي سگهي. پوءِ اهڙو اظهار ممڪن هوندو جيڪو نئين تجربي جي آڌار تي اسانجي روح ۾ وسعت پيدا ڪري سگهي. اهو اظهار انفرادي خوشي ۽ شخصي لاڀ کان ڌار هوندو. ڇاڪاڻ تہ علم اوسر ڪري ٿو. ۽ علم جي اجتماعي سرگرمي کي متحرڪ رکي ٿو.

ساڳي مضمون ۾ اڳتي هلي ايليٽ اها بہ ڳالھ ڪئي آهي، ’اسان وٽ جيڪڏهن زنده ادب پيدا نہ ٿيندو تہ اسان ماضيءَ جي ادب مان پڻ لاڀ نہ پرائي سگهنداسين. سٺي شاعري کي ماضيءَ جي شاعريءَ سان هڪ سلسلي طور لاڳاپو رکڻ گهرجي.‘ انجو مقصد ٻي جي اهل ۽ تتبع نہ ڪيو وڃي پر فڪري اساس جو اتباع ڪرڻ گهرجي. نئين هيئت ۽ نئون ڊڪشن آندو وڃي ۽ نئين تخليقي عادت پيدا ڪرڻ گهرجي. بلڪل اوپري ۽ عجب جهڙي.

ايليٽ ايئن بہ چيو،

”پنهنجي دور ۾ جيڪڏهن ڪو شاعر ترت مقبوليت ماڻي وٺي ٿو تہ اها ڳالھ بہ شڪ پيدا ڪيو ڇڏي ٿي تہ تيزيءَ سان ۽ ٿوري وقت ۾ حاصل ٿيل شهرت بلڪل ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪري ٿي تہ اهو شاعر جو ڪجھ لکي رهيو آهي اها ڪانئين شيءِ ناهي، پر هو اهو ڪجھ پيش ڪري رهيو آهي جنهن جا پڙهندڙ اڳ ۾ ئي عادي آهن.“

هر دور کي پنهنجو مزاج ۽ پس منظر هوندو آهي، جڏهن مزاج نين شين جو ادراڪ حاصل ڪندو ۽ متن ۽ هيئت جي اعتبار کان پراڻين شين کي نيون شيون ريپليس ڪنديون آهن تہ لفظيات ۽ ردم پڻ نئون ايندو. ۽ اهائي نئين شاعري هوندي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي مڃتا ماڻڻ لاءِ پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪندي هڪ نئين ۽ بهتر عادت لاءِ ميدان هموار ڪندي.

اسان وٽ ويهين صدي جي پوين ڏهاڪن ۾ جڏهن شعر جي گهاڙيٽي، متن ۽ ڊڪشن ۾ نامانوس تجربا ڪيا ويا تہ سخت مخالفت جي هوندي بہ ڌارين صنفن کي قبول ڪرڻ جو لاڙو پيدا ٿيو. ۽ ماڻهن جي ڪن_رس انهن گهاڙيٽن(فري ورس، بلئنڪ ورس، سانيٽ، ترائيل ۽ هائيڪو وغيره) کي منظور ڪيو. ان جو شايد اهو ڪارڻ هو تہ اهڙو آرٽ رڳو ڪنهن فنڪار جي شخصيت جو اظهار نہ هو، پر ان نوعيت جي پرسپيڪٽو ۾ اجتماعي طور سڄي معاشري توڙي انسان ذات جو اظهار ۽ نواڻ جي خواهش شامل هئي. شيخ اياز جو ڪتاب، ’ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون‘ ان جو خاص مثال آهي. پر اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ نہ هلي سگهيو، حالانڪہ دانشورانہ تنقيدي سطح تي ان کي وڏي پذيرائي ملي.

جديد نقاد شاعري جي مقصديت جا انڪاري هوندي بہ اهو چون ٿا، ’اسين جڏهن اندرين لفظن، عڪس، بت يا ڪنهن سُر کي جهٽي وٺون ٿا تڏهن ئي اظهار مڪمل ٿيو پوي. ان وقت جيڪو ڪجھ ڳالهائبو يا ٻولبو آهي تہ اهو ائين لڳندو آهي ڄڻ اسان اهو ڪجھ ڪڏهن باطن ۾ بنان ڪنهن ارادي جي ڳالهايو، ٻوليو يا ڳايو هوندو، جيڪو پوءِ ڪنهن تخليق ۾ وڏي واڪي ظاهر ٿي پوندو آهي.‘

نون گهاڙيٽن جي قبوليت ۾ نئين سماجي ادراڪ، وجدان ۽ عقلي اوسر واهر ڪئي. ۽ نئين گهاڙيٽي ۽ ڊڪشن کي هٿي ملي ۽ نئين تخليقيت کي اهميت ڏياري. نتيجي طور نئين سوچ ۽ تجريدي جمال جا عڪس ۽ اولڙا نمايان ٿيا. پر آرٽ جي معروضي حيثيت کي ويهين صدي جي 90واري ڏهاڪي جو متشاعر (غير شاعر) نسل هضائي نہ سگهيو آهي. ۽ ٿلهوڙا هٽي ان

جي پوئنٽڪ ائپروچ کي ڪوجهو، مڏو ۽ الوٽو بڻايو آهي. چاڪاڻ تہ شاعري جو معروض (objective) فقط ذات جو سطحي اظهار ناهي- ان ۾ ڪلچر پڻ شامل آهي. ۽ ڪلچر جو وڏو پرسپيڪٽوِ اجتماعيت ۽ ڪلاسڪس ٻولي آهي. ۽ اهڙي ماحول کان بيخبر رهندڙ شاعر جي شخصيت از خود محدود ٿيو وڃي.

جي اين ڊيوي جي ترتيب ڏنل ڪتاب، "انڊين لٽرري ڪرٽيسزم" ۾ شامل ٽئگور جي مضمون what is Art ۾ لکيل آهي،

Man as knower is not fully himself...but as a person he is the organic man, who has the inherent power to select things from his surroundings in order to make him own. ❶

(فرد هڪ جسم آهي، ڄاڻو هوندي بہ پاڻ کان نا آشنا . پر وٽس اها سگهہ بہ آهي جو پرپاسي جي شين کي چونڊي پنهنجو ڪري سگهي ٿو.)

تخليقي ذات جو اظهار، پرپاسي جي تخليقي ۽ فطري ورثي جي مالڪيءَ کانپوءِ ئي ڪنهن جوهر تائين رسائي ڪري سگهي ٿو. ۽ شاعري جوهر جي حيثيت ۾ جڏهن نمايان ٿيندي آهي تڏهن تخليقي سونهن ذريعي نفسياتي نوعيت جا ڪيترائي آزار جهڪا ٿي پوندا آهن. تتل تنتي سرشتي کي پرسڪون بڻائڻ لاءِ شاعري ۽ راڳ بہ اهم ڪمپونينٽس آهن. انڪري شاعري جي وڏي اهميت آهي.

پر اهڙي جوهر کان عاري 90 سيڪڙو سنڌي شاعري پاڻ کي ننڍي رهي آهي. ميٿيو آرنالڊ جي نظم، 'سيلف ڊسيپشن' جو آخري بند اسان جي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو.

We but dream we have our wished powers
Ends we seek, we never shall attain
Ah! Some power exists there, which is our
Some end is there, we intend may gain.

(حاصلات لاءِ پلڪن تي سپنا سجايو ويٺا آهيون. انت جي ڄاڻ اٿئون. . . سويون سر گهرنديون آهن. پڙ ۾ پاڳڙياسين تہ فتح اسانجا قدم چمندي)

خوشفهمي ۽ خودفريبي جي اهڙي شعور کان اسان ڪڏهن ڇوٽڪارو حاصل ڪنداسين؟ پر مونکي خاطري آهي تہ سنڌ خوشفهمي ۽ خود فريبي کان نڪرڻ لاءِ ضرور وکون کڻندي.

نئين ٿهي ۾ گلزار، سگهاري انداز ۾ تخليقيت جي روح کي ماڻي سگهيو آهي،

ڦهريون ڦيرو جوين مون تي ناز ڪيو
ڦهريون ڦيرو سمنڊ نديءَ ۾ هاري وئي.

گلزار جو شعر احمد نديم قاسمي جي شعر،

کون کہتا ہے کہ موت آئے گی تو مر جاؤں گا
میں تو دریا ہوں سمندر میں اتر جاؤں گا۔

جو الٽو نہ پر، تخليقيت جي سلسلي کي نئين رمز سان، انساني وجود جي 'لمس' سان سينگاريو آهي. پر 'هاري وئي' وارو استعارو غير فصيح آهي. سمنڊ جو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ هڪ مستعمل ۽ جامع ڪنايو آهي. 'هارڻ' جو استعمال، غير شاعراڻو ۽ اجائي هار_وير آهي.

ڪينجهر، رات ڀيو ڦيرو هندورو ٿي
نوري چامر کي ڀيو ڦيرو سنواري وئي

غزل جي صنف ۾ گلزار جو مٿيون شعر، جديديت پڄاڻان واري ڏارا کي رد ڪيو آهي. سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جي ورجاءَ ۾، شاعر جيڪو شاعراڻو ميلان پيدا ڪيو آهي، انهيءَ مان اميد جاڳي آهي تہ ڪلاسڪس جي فڪري اساس هڪ نئين آهنگ سان اپرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. واضع ۽ پراڻي حسي تجربي کي، گلزار فڪري سگهہ سان نئين تجربي جو ساهس ڏنو آهي. گلزار غزل ۾، لفظيات ۽ واقعات جو غير روايتي انداز ۾ اظهار ڪري انهيءَ صنف کي 'ڇوپيل ماحول' کان ڏار ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل آهي. ممڪن آهي تہ هو، نئين اسڪول آف ٿاٽ جو بنياد رکي سگهي الائي نہ؟

چاڪاڻ تہ روايتي غزل پنهنجي ڇٽيل ۽ ڇٻاڙيل ڊڪشن جي باعث پنهنجي تخليقي رعنائي کي جهڪو ڪري چڪو آهي. ۽ هاڻ هر شاعر جو غزل هڪ جهڙو محسوس ٿي رهيو آهي.

گلزار غزل کانسواءِ ٻين صنفن ۾ بہ مروج سنڌي شاعريءَ کان نرالو ۽ اوپرو محسوس ٿئي ٿو، هن جي سوچ جو ابلاغ اوپرو حيران ڪندڙ ۽ نئون آهي. 'هڪڙي ڳالهہ چوان... پر ترس تہ پيرائو چونديان' ۾ ورڊسورٿ واري فطري وهڪ ۽ ڪيٽس وارو درد، شيلي، بائرن، تنوير، قيوم طراز ۽ بردي سنڌي واري سادگي، رعنائي ۽ شوخي نظر اچي ٿي. هن جي لفظن جي چونڊ سادي هوندي بہ غنائي ۽ پر ڪيف آهي.

ويـنـي داڻ چـنـديـان
ڇـچ ۾ نـاچ ڪـڻـن جـو
جـن سـان راز ونـديـان
نـچـنـدڙ ڪـٽـا چـنـڊ ڏي
سـيريـان ڪـيـئـن سـنـوان؟

هن بند جي توجيهہ ڪري ان جي شعري نزاڪت کي ضربڻ نہ ٿو چاهيان. پر جن دوستن ورڊسورٿ جي 'ساليٽري ريپر' پڙهي هوندي، اهي هن بند جي ٽريٽمينٽ، جمال ۽ رعنائي کي محسوس ڪري ۽ جهونگاري سگهن ٿا. 'ڇچ ۾ داڻن جو نچڻ' هڪ نئون ۽ نرالو تجربو ناهي. پر گلزار پراڻي ڳوناڻي ۽ روزمره جي Exercise کي نئين شعري حسيت سان پيش ڪيو آهي، جيڪو پراڻي ادبي/روايتي شاعري ۾ بہ ڪونہ ٿو ڏسجي. اهو قدامت ۽ جدت جو گڏيل اختراع آهي، جنهن کي گلزار مهارت سان بيان ڪيو آهي.

سونهن ۽ محبت، زندگيءَ جا بہ اهم استعارا آهن. انهيءَ استعاري جي صحيح معنيٰ گلزار وٽ جنهن سگنيفيڪنسي سان اڀري بيٺي آهي، انهيءَ، سنڌي شاعريءَ لاءِ منهنجي مايوسيءَ کي نئين امنگ بخشي آهي.

ڇورا منهنجي ٻانهن مان
ڇوڙي نڪتي ڪيئن؟
نڪتي جي
نڪتي جي تو وٽ ڪيئن پڳي اها؟

---

پرهہ ڦٽي پرڀات جو
توکان پرپٺ رات جو
هڪڙي سٽ سرير مان
گهوڙا، نڪتي ڪيئن؟
نڪتي جي
نڪتي جي تووٽ ڪيئن پڳي اها؟

جديد سنڌي رومانوي شاعريءَ ۾ ههڙي ايڪسٽرا سينسري پريسيپشن جو امالڪ، بي خود، نئون بنهہ نئون ۽ تجريدي تجربو منهنجي نظر مان اڳ نہ نڪتو آهي.

انهيءَ بند ۾ لفظ 'گهوڙا' ۽ 'نڪتي سٽ سرير مان' هڪ رومانوي امنگ، اڇرج ۽ پنهنجائپ جي احساس کي بنهہ تخليقي صلاحيت جو پختگي ۽ فڪري شائستگي سان اظهار ڪيو آهي.

گلزار، 'نظم پرولي' ۾ پنهنجي سياسي شعور کي، بليغ ڪناين سان پيش ڪيو آهي. نين صنفن ۾ هن جو ترائيل ۽ ٻيا نظم، هن جي نئين ۽ اوپري (وٽندڙ) ڊڪشن ۽ استعاري جي خوبي سان معمور آهن. ۽ هن جي غير معمولي ڪريئيشن ۽ تخليقيت جي موضوعيت (objectivity) هن جي حسي تجربن جي عڪاس آهي. هو ڇوپيل ۽ اربنائيزڊ ڊڪشن کي هنڊائڻ بدران اسپوڪن ڊڪشن جو واهپو ڪري لفظن کي تخليق جي مُنڊيءَ ۾ جڙي ٿو ۽ هن جي مضمون سان ٺهڪي ايندڙ ٻهراڙي جو لهجو حسناڪيءَ سان حسي ادراڪ جا ڏاڪا لتاڙي هڪ نئون آهنگ پيدا ڪري ٿو.

نئين ٿهي جي ٻين شاعرن جيان گلزار بہ تخليقي ٻولي جا تجربا ڪري رهيو آهي. هو مونکي لهجي جي اعتبار کان والٽ وٽمين لڳندو آهي. امريڪي ادب ۾ وٽمين کي اوپري لهجي وارو 'مشڪل پسند شاعر' قرار ڏنو ويو آهي.

ذوالفقار گاڏهي، طويل عرصي کان شعر لکي رهيو آهي . هن ڪو انوکو تجربو تہ نہ ڪيو آهي. پر هن روايت ۾ هلڪي سلڪي بغاوت ضرور ڪئي آهي. هن وٽ جيڪا تجريد آهي، اها اسپوڪن ٻوليءَ جي محدود دائري ۾ قيد آهي . اها تجريد جيڪا اسٽيڊرائيز بہ نہ هجي تہ اهڙو اهڃاڻي ڊڪشن جو ابلاغ، نقاد کي ٻاتاڙي غلط فيصلي لاءِ آياريندو آهي. هن جي غزل جو مطلع آهي،

نيـڻـان ٻـائـي جـا نـيـڻ آهـا هـا
سـرمـي داڻـيءَ جـا سـيـڻ آهـا هـا

'اکين' ۽ 'سرمي' جي باهميت/ لاڳاپو ضرور ڳوڙهو آهي . پر اهو آڏو جي ڳالهہ آهي. ان مصرعي ۾ شاعراڻا تلميح يا حسي تجربي جو عمل دخل شديد نظر نٿو اچي. البتہ ٻي مصرع ۾ 'سيڻ' جي اچڻ سان هڪ اٽلڪائتي رومانوي معنويت ڇڪي تاڻي پڌري ٿئي ٿي.

غزل جو آخري شعر،

درد آهن پڃي ويـا پـر مـنـهـن ڏئـي
مـرڪ جـي هـڪـڙي ڦـيڻ آهـا هـا.

'مرڪ جي ڦيڻ' هڪ خوبصورت تشبيهہ آهي. ۽ گلزار جيان، ذوالفقار جو لهجو ۽ ڊڪشن، اسپوڪن هوندي بہ اوپرو ۽ روايت کان ڪٽيل ناهي. پر سندس تلخ لهجو غزل جي روايتي لهجي کان ضرور ڏار آهي.

ذوالفقار جي شاعري ۾ عجيب قسم جا مڪاني استعارا ملن ٿا . هو سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي نشانن ۽ حدبندين جي عڪسيت کي تخليقي شعور ۽ درد جي شدت سان پيش ڪري ٿو. هن جي ڊڪشن ۽ بيان ۾، ڏکي تجريديت موجود آهي. ڪيٽي بندر، سمنڊ، گوڙي مندر اورنگزيب، سڪندر ۽ اهڙي نوعيت جا ڪردار ۽ ماڳ مڪان، هڪ نئين تلميهہ طور اڀريو پون ٿا . جيڪا تلميهہ غزل جي صنف لاءِ بنهہ نئين آهي. جن کي ذوالفقار هڪ وجودي ليڪڪ طور بيان ڪيو آهي.

ڪـنـهن تي اک ٻـڏي نـہ ٿـي هـن جـي
پـنـهـنـجـو ذلـفـي بـہ هـڪ قـلـنـدر آ

'شاعراڻي تعلي' (self-praise ) هڪ لطف انگيز ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪو قاريءَ کي، شاعر جي گهٽو ويجهو ڪري ڇڏيندي آهي. ذوالفقار جي 'قلندري' جو احساس 'خانقاهي' نہ، پر اهو قلندر آهي، جيڪو نئين عهد ۾ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ووڙي ٿو. ۽ شين کي نئين معنويت ۽ پرسپيڪٽو ڏيڻ لاءِ ڪا امنگ جاڳائي ٿو.

ذوالفقار پنهنجي شاعريءَ ۾ بيساختگيءَ سان، ٻوليءَ ۾ غير سنڌي لفظن جو بہ تجربو ڪيو آهي، جيڪو سياويڪ ۽ شعر جي نسبت سان فڪري لڳي ٿو،

'ماءِ فوٽ' هوءَ ڇيون هلي ويئي
دل مٿان لت رکيون هلي ويئي.

دل مٿان 'لت' رکي هلڻ وارو استعارو نرالو ۽ 'لطف انگيز' آهي.

ذوالفقار زندگيءَ جي تلخين ۽ ڏاڪڙن جو شاعر آهي. هن شخصي پيڙائن کي ذات جي اظهار بدران، معاشرتي ڏڇي طور پيش ڪيو آهي،

هيءَ دل ٻندن جان گهارا گهارا ٿي
منهن تي ڏک بيٺا، ٻارا ٻارا ٿي.

اهو مڪاني آزار جو شعوري تجربو آهي، جيڪو سڄي سنڌي سماج جي عڪسيت جو غماز آهي. مُنهن جو 'ٻارا ٻارا' ٿيڻ، نئين ترڪيب آهي. گذريل ٻوڏن ۽ برساتن، سنڌ جي ماڻهن کي ڏاڍو آزاريو ۽ دربدر ڪيو. ذوالفقار پڻ ڏنجهہ ڀوڳيا . ۽ عملي طور هُتان کان هِتي لڏپلاڻ ڪئي. مختلف شهرن ۾ پناهورتي. ۽ درد جي هڪ انوکي تجربي سان همڪنار ٿيو. جنهن جو اظهار هن جي مختلف تخليقن ۾ نمايان طور نظر اچي ٿو.

بـس رت جـي هـلـڪـي رڙـڪ ڇـڏي
ڇـاتـيـن ۾ پـالا رهـجـي ويـا.

ذوالفقار غزليہ شاعري ۾ نئين تجربي جو ساهس ڏاريو آهي . 'رت جي هلڪي رڙڪ' نئون ڪنايو آهي، جيڪو معاشري جي اجتماعيت ڏانهن مراجعت ڪري ٿو. غزل جي

❶ Indian literary criticism, G N Devy, page. 141

روايتي لفظيات کان ڪنارو ڪرڻ، جڻ تہ مجموعي طور ’سنڌي شاعري جي لهي پيل ڪاڪڙي‘ کي مٿي کڻڻ جي ڪوشش آهي. هن پنهنجي جذبي جي شديد اڇل ۽ ان اڇل لاءِ گهربل ٻولي ڪتب آندي آهي. جنهن ۾ وٽندڙ اوپرائپ سان گڏ غنائيت ۽ ايليٽريشن پڻ آهي. ’رت‘ جي ’ر‘ ۽ ’رڙڪ‘، جي ’ر‘ مصرعي کي وٽندڙ ۽ بليغ بڻايو آهي.

ذوالفقار ايليٽ جي تنقيدي اصول موجب، مروج ۽ پڙهندڙن جي عادت بڻيل لهجي ۽ ڊڪشن کان پاسو ڪندي، ’ڇاتين ۾ رهجي ويل/تنبيل پالڻ‘ جي ڳالهہ ڪئي آهي، جيڪا رياستي جبر ڏانهن آگر کڻڻ جي مترادف آهي.

هڪ ڳڀرو لاش مٿان رڙندا
مايون مڙسالا رهجي ويا

اهو منظر نامو سنڌ جو شاعر ئي پيش ڪري سگهي ٿو. جنهن زندگيءَ کي ڦاڪ ڦاڪ ٿيندي ڏٺو آهي.

ڪنهن جو هيءُ غم ڪري رهي آهي
نيڻ شبنم ڪري رهي آهي.

’نيڻ شبنم ڪرڻ‘ توڙي جو نئون استعارو ناهي تڏهن بہ غنائي محسوس ٿئي ٿو.

ذوالفقار پنهنجي غزل ۾ تغزل برقرار رکيو آهي.

اکيون مٺيهاريڪا هٿ ڄڻ
ڇپر ريشم سندا پٽ ڄڻ.

زندگي جو غنائي تجربو هر شاعر جي هٿ وس ناهي هوندو. پر ذوالفقار رومانوي توڙي عڪسي شاعريءَ ۾ ڀهراڙي جي منظرن کي سهڻي انداز سان پيش ڪيو آهي.

ڇپن تي ماڪ جا قطرا
ٽڏا پاڙيءَ جا ڪي مٽ ڄڻ.

تنقيدي ماحول جي اڻاٺ سبب، ڪيترائي نوجوان فڪري ۽ ڊڪشن( اچارن ۽ معنويت) جي گمراهي ۾ ورتل آهن. اهڙي گمراهي ذوالفقار جي شاعري ۾ بہ جا بجا نظر اچي ٿي.

پها سوزش تي پئجي ويا
صدين جا ٽا ڇٽن ڦٽ ڄڻ.

هيءُ شعر غير معنويت جي ور چڙهيل آهي. ’سوزش تي پهي جي پوڻ‘ مان ’پهي‘ جي پيڪيولرٽي ڇٽي ناهي ٿي سگهي. ڪهڙو ’پهو؟‘ ڇا جو ’پهو؟‘ ڪنهن وڌو؟ پهو تہ ڦٽ تي وجهبو آهي. ’سوزش‘ جي جاءِ تي ’زخمن‘ کي اچڻ کپندو هو.

چميون گل تي ٿهي بيٺيون
ستارن جي هجي ڪٿ ڄڻ.

هن شعر ۾ پڻ مبهم عڪسيت آهي. ’گل تي/کي چميون‘، ’ستارن جي ڪٿ‘ ڪيئن بڻيون؟ شاعر ٻاتاڙجي ويو آهي.

جيڪڏهن پروف جي غلطيءَ جي ڪري ’ڳُل‘ ’گُل‘ ٿي پيو آهي، تڏهن بہ ’ڳل‘ تي چميون ڏيڻ سان، ستارن جي ’ڇپرڪٽ‘ وارو ’عڪس‘ مبهم تہ آهي ئي، پر ان ۾ بلاغت جو تصور بہ عدم موجود آهي. ڏکهي نظر ڪري ڏٺو وڃي تہ ’ڳل‘ تي چمي ڏيڻ سان، جيڪو امڪاني عڪس جڙي سگهي ٿو، اهو انساني وجود جي تخليقيت جو ’دروازو‘ تہ ٿي سگهي ٿو پر ڇپرڪٽ تہ بنهہ نہ. ڀهراڙيءَ جو شاعر ’لوڪ ڏاهپ‘ کي ’محاوري‘ جي آميزش سان گرفت حاصل ڪري سگهي تہ پوءِ شاعريءَ جو آئيندو اميد افزا بڻجي سگهي ٿو.

ڦڳڻ ۾ ڦول ڦولاريا هن
سڄڻ اڄ نيڻ الاريا هُن.

هتي اول تہ ’ڦولاريا‘ ۽ ’الاريا‘ جو قافيو ڪُلي طور غير فصيح آهي. ٻيو تہ رديف ’آهن‘ جي بدران ’هن‘ ڪتب آندو ويو آهي. جيڪو هڪ گونگو لهجو آهي. شاعري نہ فقط فصيح پر ان لاءِ لفظن ۾ بلاغت بہ لازمي آهي. سنڌ ۾، متحرڪ ۽ ساڪن لفظن بابت وڏي گمراهي موجود آهي. اڪثريت وٽ مصرعن جي وچ مان غير متحرڪ لفظن يا ٻٽن ’الفن‘ کي حذف ڪرڻ جو رواج عام آهي. مرحوم آٿم ناٿن شاهي، ٻٽن ’الفن‘ معنيٰ، ’آ‘ کي، ’اَ‘ طور ڪثرت سان واهپي ۾ آندو. حالانڪ ’آ‘ کي ’اَ‘ طور استعمال ڪرڻ لاءِ اڪر بي معنيٰ ٿيو وڃي. اسان وٽ ’اَ‘ معنيٰ ’نہ‘ آهي. ۽ اهڙي گمراهي سندس همعصرن جيان ذوالفقار وٽ بہ موجود آهي.

***

مارو جماليءَ جنهن دور ۾ جنم ورتو. اهو هڪ دردناڪ دور هو. ملڪ بہ ڀاڱا ٿي چڪو هو. ۽ سنڌ سورن ۾ گرفتار هئي. (اڄ تائين سورن ۾ آهي) سنڌ جو ڪو بہ وڪيل نہ هو. اڳوڻن وڪيلن کان ’واڪ‘ نہ پڳو تہ هو عالمي اداري ۾ وڃي فرياد داخل ڪن ها تہ جيئن ’سنڌين‘ کي بہ ’بنگالين‘ جيان ’ڇوٽڪارو‘ ملي سگهي ها. ٻين سان گڏ اسان سنڌي ليکڪن پڻ رياستي جبر خلاف گهڻائي جتن ڪيا ۽ لکيو. احتجاجي ڪهاڻيون لکيون، نظم لکيا. پر اڄ جيان تڏهن بہ اسان جي ڪو ٻڌڻ وارو ڪونہ هو. نتيجي طور اسان جون تحريرون ٻولي ۽ وسيلن جي محدوديت ڪارڻ ’ڪنهنجي ڪن تي جونءَ جيان بہ نہ سري سگهيون.‘

سج نيزي پاند آ
ترس ڪونهي تاءَ ۾

مارو ترقي پسند حقيقت نگاري جو شاعر آهي. هن جي مزاحمت ۾ ’سلوگنزم‘ بدران هڪ ڄرَ آهي، جيڪا ڀنيٽ جو روپ ڌاري سريلي لفظن ۾ ابلاغ ڪري ٿي. هن جو تخليقي عمل مسلسل سريلي غزلن تي ٻڌل آهي. هن جي شاعريءَ جا ٽي مجموعا شامل ٿي چڪا آهن. هو پختي ادراڪ جو ڏٺي ۽ معروضيت جو شاعر آهي.

سونهن پنهنجو سماج ٿي جوڙي
هوءَ نہ ڇاڙي معاشرو ڪهڙو

تنقيدي نظر سان ڏٺو وڃي تہ مارو جو مٿيون شعر لغوي غنايت هوندي بہ ’منظوم خبرنامي‘ جي صف ۾ بيهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ عڪس ڏنڌلو ۽ معنويت ڇٽي ناهي.

هن ڪتاب ۾ شامل سندس شاعريءَ ڪانسواءِ بہ مون سندس شاعري پڙهي آهي. آئون عمر جي جنهن حصي ۾ ادبي رتبو ماڻيو وينو آهيان عام ماڻهو ان عمر ۾ ناڪاريت پسند ۽ ناڪاريت پرست ٿي ويندو آهي. ۽ ذات جي حصار ۾ ويڙهجي پنهنجي نئين پيڙهي کي پڙهڻ کان پڙ ڪڍيو ويٺو هوندو آهي. پر آئون دوستن جي نئين ٿهي ۽ فطرت جو مشڪور آهيان جنهن مون کي نئين تخليقيت ڏانهن آڀاريو آهي. ۽ مون نوجوان دوستن جي صحبت ۾ ڪجهہ نين ڏسائن ۾ پير پڻ پاتو آهي.

مارو جمالي جي هڪ وائي جو بند آهي،

هڪ سونهن گهڻي، ٻي ٻاجهہ گهڻي ڪيوين اپٽا آپ پليجي،
من اپٽا آپ جهليجي

آئون ڀانيان ٿو تہ هن وائي ۾ رومانوي شاعري جي اها سطح آهي جنهن کي مارو ڏاڍي سادگي، ڏک، ارمان ۽ آس سان ڀرپور ڊڪشن ۾ اظهاريو آهي. سندس اظهار ڪلاسيڪي اظهار سان ڪلها ڀيو هٽي. مارو پنهنجي تخليقي جمال سان اندر جي اڇل، جذبي ۽ خيال سان گڏ سريلي ٻولي جو بيان ڪري هڪ پختو شاعر ٿي سامهون آيو آهي.

ٻردي نال اسان نال ڪوئي، اکيان ڪيتي چار ڳيا
ڪوئي ’مارو‘ مار ڳيا

’ڪوئي مارو مار ڳيا‘ جو لطيف ۽ غنائي اظهار، درد جون سموريون سرحدون اڪريو وڃي.

يا هن جي هڪ ٻي وائي جو پهريون بند،
ايڏا سستا ڪون هئم، جيوين ويچ اسان ڪون ڇوڙيئي
دل وچ خنجر ڪوڙيئي.

روايت جو خوبيون ڇونڊي پنهنجون ڪرڻ شاعريءَ جي لاءِ سياويڪ ثابت ٿيو آهي. توڙي جو زندگيءَ جي هر شعبي وانگر ادب پڻ مسلسل اوسر مان گذري ٿو، پر اها اوسر روايت جي پاڙ تي بيهڻ سان ئي پختي ۽ پائيدار ٿي سگهي ٿي. مارو جمالي ۾ حمل فقير لغاري جو ترنم هڪ دفعو ٻيهر جيئرو ٿي نئين ساهس ۽ تجربي سان اڀرندي نظر اچي ٿو. ۽ ان تجربي ۾ مارو مطالعي يا ڪلاسڪس جي اڊاپشن ۾ پراڻي عادت بدران نئين عادت جو شعور پيدا ڪيو آهي.

انساني معاشري ۾ حسن ۽ عشق جو سلسلو، وجداني سطحن تي، شاعريءَ جو موضوع پئي رهيو آهي. گهڻن ماڳن تي اهڙي شاعري جو اظهار ٻُسو/ سطحي ۽ جنسي اظهاريت ۾ دفن ٿي ويندو آهي. پر مارو، رومانوي شاعري ۾ تجريديت ۽ جمال جي بدولت پنهنجي تخليق کي نئين رمز ۽ آهنگ سان بيان ڪري ٿو. ۽ هن جي عشق جي سرڪشي، سونهن جي بي حسي لاءِ ڏوراپو بڻجي پوي ٿي. ۽ اهڙو غنائي ڏوراپو شاعري کي تخليقي جوهر بخشي ٿو.

سنڌي شاعري جو ڪجهہ حصو مقصديت، (خلي/نج)پوئٽڪ ٽاٽ جو غماز آهي. حالانڪ ترقي پسندي جي پيٽ ۾ جديديت جي نظرئي وارا شاعر، شاعريءَ جي نج پٽي جا منڪر آهن.

جماليات جو اهم نقاد، ڪروچي، مقصدي شاعري جي بنياد کي رد ڪندي نظر اچي ٿو، ’آرٽ طبقاتي مفادن جي تابع آهي.‘ ڪروچي جيڪو ڪنهن دور ۾ مارڪسزم کان ڏاڍو متاثر هو، تنهن بعد ۾ مارڪسيت سميت تاثريت ۽ مقصدي شاعري کي بہ رد ڪري ڇڏيو. هن جو چوڻ آهي تہ، ’آرٽ‘، ’اميج‘ جي تخليقيت جو ڪارڻ آهي. ۽ تخليق جو ظهور وجدان جي بدولت ئي ممڪن آهي. ۽ وجدان داخلي ڪيفيت آهي، جڏهن تہ خارجي تجربا، ڪنهن نظرئي جي تابع هوندا آهن. جيئن ميڪسم گورڪي جو فن پارٽي ڊڪٽيشن جي حصار ۾ رهيو.‘

نج شاعري بابت ڪروچي جو چوڻ هو، ’جيئن گل ٻوٽي ڪانسواءِ نٿو ڦٽي ۽ ٻوٽي لاءِ ضروري آهي تہ ان جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڪتل هجن. اهڙي ئي ريت شاعري پڻ زندگيءَ ڪانسواءِ ممڪن ناهي. آرٽ جو لاڳاپو انسان جي سان آهي، جيڪا روحاني وحدت پنهنجو اظهار ڪندي آهي ۽ فرد پنهنجي هر سرگرميءَ ۾ روحاني وحدت مان ئي سگهہ ۽ ساهس پرائيندو آهي.‘

هتي روحاني وحدت ڏانهن ڪيل اشارو فنڪار جي اندر جي پيچ ڊاهہ ۽ من جي انتشار ۽ پيچيدگين ڏانهن آهي. ۽ خارجي سطح جا احساس يا تجربا طبقاتي لاڀ جو مظهر ڇئبا آهن.

مارو ان ئي منظر نامي جو شاعر آهي،

’ڪوئي مارو مار ڳيا‘ واري دانهن ان روحاني وحدت ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جيڪا ڪروچي جي لفظن ۾ تخليقيت جو مظهر آهي ۽ خارجي احساسن کان لنوايو ويٺي آهي.

ان گمان/احساس هوندي بہ مارو خارجي زندگيءَ ۽ پيار جي عوامل تي پڻ لکيو آهي.

مونکي تنهنجي ماڻي پيڙيو
تنهنجي سونهن کي ناڻي پيڙيو

مٿيون شعر ايليٽ جي لفظن ۾ ’سٽائير‘ ۽ ’وِٽ‘ جو نمونو آهي.

مارو جمالي تخليقي طور فطرت جي ويجهو نظر اچي ٿو. هو ’هير/ٿڌي هوا‘ کي پيامبر بڻائي ٿو.

هير، هن کي تون وڃي سمجهائي ڪجهہ
وڏ وڇوڙي جا نٿا ڀرجن اڄان

اهو شعر ڪلاسيڪي ورثي سان ڳنڍيل اها اساس آهي جنهن ۾ سطحي ئي سهي پر تخليقيت موجود آهي.

زندگي جو سج لهي مارو ويو
تون نہ ايندينءَ سج کي ڪيئن روڪيان

هن شعر ۾ جديديت جي نظرئي واري مايوسي ۽ مانڌاڻ آهي. ’سج کي ڪيئن روڪيان‘ موضوعيت جي زمري ۾ اچي ٿو. جنهن کي ادب جو ترقي پسند نظريو رد ڪري ٿو. جيڪڏهن اهو نظريو ان کي رد ڪري ٿو تڏهن بہ ڪو آسمان ڪون ٿو ٽٽي ڇاڪاڻ تہ ترقي پسندن جيڪي نوان ۽ ڳاڙها سج اپارڻ جون ڳالهيون ڪيون اهي ذاتي مفادن جي حصار ۾ اچي نظرئي تان ئي هٽ ڪٽي ويا.

مارو گهڻن هنڌن تي، ٻولي جي نج پٽي ۽ فصاحت کي ضربيو آهي.

پياڪن جيئن سپ ئي سوچون
اسانجون لڙڪڙائن ٿيون

’لڙ ڪڙائڻ‘ ڪاڪڙي ۾ نمر جي ان ڇهي وانگر ڪپي وڃي ڏکوئي ٿو، جنهن تي، مٿي ڪاٺيءَ جو ٻُرڪو بہ مڪيل

ناهي. ان جاءِ تي لفظ، ’تيڙ ڪائڻ‘ بہ اچي پئي سگهيو.

’ڪيئي حيلا هلايا ها، حق جتايا ها، ناتا نڀايا ها‘ وارو غزل سطحي ۽ غنايت کان ڪونهين ڏور آهي.

**غوطا ڏاڍا ڪاڏا هاسين**
**درد نديءَ مان اڪريا هاسين**

رجاعيت سان ڀرپور ڀرتي جو شعر آهي.

غزل ۾، گهڻا سيڪڙاٽ شاعر، ’فرديات‘ جو شڪار ڏسبا آهن. ’فرد‘ جو مطلب بہ اهڙيون مصرائون جن ۾ ترنم تہ هوندو آهي. پر ڪنٽراس نہ هجڻ ڪري غير معنويت جي ور چڙهي ويندڀون آهن.

جيئن مارو جو هي شعر،

**هيئين جا ڦٽ بہ آوارا**
**سپئي پوپٽ بہ آوارا**

’پوپٽ‘ ۽ ’هيئين‘ جو ڦٽن جي آوارگيءَ سان ڪهڙو واسطو يا آهنگ؟ ڇا هن جي شهر ۾ ’ڦٽ‘ پوپٽن وانگر اڏامندا آهن؟ شاعر ڪي لکڻ کانپوءِ هڪ لمحي لاءِ پنهنجي تخليق تي غور ڪرڻ گهرجي. جيسيتائين شاعر تنقيدي رويو نہ هنڊائيندو سندس حال اهڙو ئي هوندو.

مارو جمالي جا نظم، ’آءٌ جلدي‘، ’اڙي ڊسمبر‘، ’آءُ تہ ساڳيو...‘ ۽ ’مڪڙي‘ واقعاتي نوعيت جا نظم آهن. جن ۾ تخليقي تاثير تہ آهي، پر انهن ۾ گهاڙيٽي ڊڪشن جي تاثير جو فقدان آهي.

علي زاهد فائين آرٽ جي مختلف شعبن ۾ حصو وٺندڙ فنڪار آهي. سندس ڪجھ شيون (شايد سوجهري ۾ ڇپيل يا ڪنهن ٻي هنڌ) منهنجي نظر مان گذريون آهن. هو نوجوان آهي ۽ زندگي جا مختلف شعبا هن جي تجربيگاھ رهيا آهن. الائي ڇو تنقيدي نظر باعث هو مونکي،

Jack of all &master of none

پيو محسوس ٿئي. اسان وٽ ماضي ۾ بہ ڪيئي اهڙا ليڪڪ موجود رهيا، جن پنهنجي ذات کي مختلف شعبن ۾ ونڊي ڇڏيو نتيجي طور هو ڪنهن هڪ صنف ۾ بہ پنهنجي سڃاڻ نہ ناهي سگهيا.

مون مهڙ ۾ فونيٽڪ ردم جي ڳالھ ڪئي. ۽ عرض ڪيو تہ 90 سيڪڙو شاعر ردم طرف ڌيان نٿا ڏين.

علي زاهد جي هڪ غزل جو مطلع آهي،

**سونهن تنهنجي تي فدا آهي**
**تنهنجي گستاخ جي سزا آهي**

بلاشڪ رومانوي احساس کي غنايت سان اظهاريو اٿس. پر مٿين مصرع جو ردم ’فاعلن فعلاتن فعلن‘ آهي، جڏهن تہ ٻي مصرع جو وزن، ’فاعلاتن مفاعلن فعلن‘ آهي، جيڪو ڪاڪڙي کي ڏکوئي ٿو. جيڪڏهن شاعر ٿورو ڌيان ڏي ها تہ شعر ردم ۾ اچي پئي سگهيو. هن ريت،

**سونهن تنهنجيءَ مٿان فدا آهي**
**تنهنجي گستاخ جي سزا آهي**

حالانڪ ’مٿان‘ بہ غير فصيح ۽ ڀرتي جو لفظ آهي.

علي زاهد جو اسلوب جيتوڻيڪ رومانوي/غنائي آهي، پر وٽس ردم جي ڏاڍي کوٽ آهي.

سندس نظم، ’آيل اهڙو ويس وٺي ڏي‘ لفظن جي زير و بم ۽ رواني ۾ سرڳواسي هري درياني دلگير جي مشهور نظم، ’سنڌو نديءَ‘ جون سڪون لاهي ٿو. ۽ نظم هڪ امالڪ ۽ بليغ شعري امڪانات جو مظهر آهي،

**جيڪو وڄ وراڪن وانگر**
**جهولي ساگر لهرن جهڙو**
**اهڙو تهڙو ڪيف ڪپي ٿو**
**جهڙو سنڌو ديس وٺي ڏي.**

پوئين مصرع ۾ هڪ کوٽ آهي، يعني ’وٺي ڏي‘ جي بدران جيڪڏهن ’ڪپي ٿو‘ ڏنو وڃي ها تہ نہ صرف منظرنامو ڇتو ٿي بيهي ها بلڪ نظم جي معنويت پڻ گهري ۽ پرڪشش لڳي ها.

سندس نظم، ’گمان‘ منظوم بدران ’نثري خبرنامو‘ لڳي ٿو.

اصل ۾ ڪائنات جو موضوع پنهنجي خمير ۾ مڪمل طور، تخليقيت جو گهرجائو هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ فطرت پڻ ڪائنات جو اهم ڪمپوننٽ آهي. ۽ شاعري فطرت جو عظيم تحفو آهي. بادل، ستارا، ڪيرڌارائون، بليڪ هول، زمين ۽ آسمان جي هيئت ۽ ڪارج ڪنهن اخباري خبر يا نثري نظم جي پيٽ ۾ ٺلي پوئنٽڪ ٽاٽ پروسيس ڪان بہ مٿاهون عنوان آهي.

’هارياڻي‘ علي زاهد جو روان ۽ سينگاريل نظم آهي. پر انجو ڪو بہ ادبي ڪارج بنهہ نظر نٿو اچي. ’بندوق ايپي آ اشاري تي‘ هن جي نظم جي هڪ سٽ آهي، جنهن ۾ هن ٻئي الف، ’آ‘ کي بحر جي پورائي لاءِ الف تي زبر ڏيئي، ’نہ‘ بڻايو آهي، جنهن لاءِ آئون مٿي بہ عرض ڪري آيو آهيان. علي زاهد اهڙو عمل، انهيءَ ساڳي نظم ۾ هڪ ٻي هنڌ بہ ڪيو آهي.

**دلاسن جي دلدل ۾ آسن جي آوي**
**اڙي رات تو ۾ آ ٻاڪن جي آوي.**

هن شعر جي ٻي سٽ ۾ بہ علي زاهد ٻئو الف حذف ڪيو آهي. رات ۾ ٻاڪ تہ آهي، پر ٻاڪ ۾ ’آوي‘ جو هجڻ مون اڄ تائين تجربو ناهي ڪيو. شعر بي مقصد آهي. ’ٿاپن جي آوي‘، ’راهن جي آوي‘ هڪ عجيب نوعيت جو تجربو آهي. جيڪو نہ ٿو آئڙي. ’آوي‘ ۾ رڳو سرون ئي پچائي سگهجن ٿيون.

**ڪڏهن سوز بڻجن، ڪڏهن ساز بڻجن**
**اوهانجي شهر جون وفائون او جانان**
**۽**
**الا، عشق پنهنجو، خطائون اوجانان**

چست، روان ۽ غنائي شعر ۽ مصرعو آهي. پر شعري امنگ ۾ اها لهر ۽ ڪجڪو ناهي. جيڪو روح ۾ گهر ڪري وڃي. البتہ،

**او بنت حوا، ابن آدم جو حاصل**
**سزائون، سزائون، سزائون، اوجانان**

مناسب شعر آهي. جيڪو اهڃاڻي شاعري جي زمري ۾ اچي ٿو.

’مان ئي آهيان عشق الستو‘ خوبصورت ۽ طاقتور نظم آهي، ايتري تائين جي ان نظم تان علي زاهد جو نالو هٽائي ڇڏبو تہ اهو شيخ اياز جو نظم ڀائنبو.

آئون عرض ڪندس تہ اهل ۽ تتبع، جيڪڏهن گهاڙيٽي جي حد تائين محدود آهي تہ شاعر جي فڪري شخصيت برقرار رهي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن هيئت ۽ لفظي جوڙ جڪ ڪنهن ٻي قلمڪار جهڙي آهي تہ پوءِ شاعر جي سڃاڻپ مشڪوڪ ٿيو پوي ٿي. ’ڳوٺائي‘ نظم، علي زاهد جي تخليقي هجڻ جو ثبوت آهي پر هن نظم ۾ هُن خوشبوءِ کي پيلو ڪوٺيو آهي. ۽ لڳي ائين ٿو تہ شيخ اياز جو ڊڪشن ۽ گهاڙيٽو سندس ذهن کي ڇهتي پيا آهن. ۽ هو حسي قوت رکندي بہ اجايو سڃايو هيٺو ٻولي پاڻ کي نيستو ڪري رهيو آهي. هن جا نثري نظم پابند شاعري جي پيٽ ۾ سگهارا آهن. پر نثري نظم جي فضول ۽ واڌو ڊيگهہ بيڪيفي کي جنم ڏيندي آهي. نثري نظم لکڻ جو حق ان شاعر کي آهي جيڪو پابند شاعري ۾ پڻ ڪمال ڪاريگري ڏيکاري سگهڻ جو هنر ڄاڻندو هجي.

سنڌي ۾ نثري نظم گهربل اوسر نہ ڪري سگهيو آهي. هيڪڙ ٻيڪڙ تہ ڇا پر هر اهو شاعر جيڪو فونيٽڪ ردم تي قادر ناهي اهو نثري نظم لکڻ جا جتن پيو ڪري. هڪ صدي اڳ سرڳواسي لعل چند امر ڏني مل ڪوي ٽئگور جي ڪتاب، ’دي گارڊنر‘ جو ’سدا حيات‘ جي نالي سان نثري نظم جي پيرائي ۾ ترجمو ڪيو هو. ۽ اسان پارن جن اصلوڪو ڪتاب نہ پڙهيو هو تن امر ڏني جي ترجمي جي غنائي ٻولي ۽ متن جي اڇل کان ڏاڍو اتساھ ورتو هو. بعد ۾ ڪلاپرڪاش جو ’ممتا جون لهرون‘ پڌرو ٿيو، جيڪو پڻ گهڻو مقبول ٿيو. لفظي جڙاءَ ۽ خاص طور هڪ ماءُ جي فطري جذبي جي ڀرپور عڪاسي ڪتاب کي مقبوليت ڏني. ٻي پاسي هند ۾ شيام جئسنگهاڻي، هريش واسواڻي، ومي سدارنگاڻي ۽ نند جويري پڻ نثري نظمن جي ميدان ۾ پاڻ موکيو آهي.

70 واري ڏهاڪي ۾، م. ن. محزون، سلطانہ وقاصي ۽ فتاح هاليپوٽو (شرجيل) سميت ٻين بہ ڪجھ غير معروف شاعرن جي نثري نظمن جا ڪتاب آيا. پر اهي موزون شاعري جي سلمونڊي ڇولي اڳيان بيهي نہ سگهيا. پر تازو عورتازاد تحريڪ سان واڳيل عطيہ دائود ۽ امر سنڌو جي نثري نظمن جا ڪتاب آيا آهن. جن کي پڙهندي اهو محسوس ٿئي ٿو تہ هيءَ ’پريميچوئر‘ صنف هاڻي ميچوئر ٿي چڪي آهي. ڇاڪاڻ تہ خاص طور امر سنڌو جي نظمن جو ڪتاب ’اوجاڳيل اکين جا سپنا‘ سنڌي نثري نظمن جي هڪ اهڙي دستاويز طور سامهون آيو آهي، جنهن ۾ ليکڪا نہ صرف پنهنجي اندر جي ڪرب کي پختي نموني ’ڊسڪرائيب‘ ڪيو آهي بلڪ سندس تشبيهون ۽ استعارا ايڏا تہ اڇيهيل ۽ اثرائتا آهن جو اهي هيڪاري تہ پڙهندڙ کي ڇرڪايو ٿا ڇڏين. چندر ڪيسواڻي جي نثري نظمن جا پڻ ٻہ ڪتاب اچي چڪا آهن. چندر پڻ لفظن ۾ ردم ۽ رواني ڀري نثري نظم لکڻ جو ڇسو تجربو ڪيو آهي. حالانڪ نثري نظم لاءِ ٻاهرين روم بدران لفظن جي اندر وارو ردم اچڻ گهرجي.

فرانس جي انقلاب دوران ملارمي، بادليئر ۽ ڪجھ ٻين شاعرن نثري نظم کي اهڃاڻي سطحن تي هٿيار طور ڪتب آندو ۽ اها صنف اسان وٽ شعري انقلابي صنف طور اپري پئي. جنهن جا ٻہ ڪارڻ هئا، هڪ تہ نثري نظم ۾ روايتي گهاڙيٽي يا شعري فارم کان انڪار هو ۽ ٻيو تہ ان ۾ ڪنهن بہ مروج نظرئي جي پڻ ڪا بہ پيروي شامل نہ هئي. اسان وٽ پڻ ان ڏس ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ شاعرن تجربا ڪيا پر ڪو بہ لاڀ حاصل نہ ٿيو. البتہ جيئن تہ آئون عرض ڪري چڪو آهيان تہ هن وقت ان صنف طرف ڪجھ پڙهيل لکيل ۽ پختن شاعرن توڙي شاعرائن جون نگاهون آهن ان ڪري سنڌي ۾ پڻ ان صنف جي ڪاميابي جا آثار نظر اچن پيا.

ساٿي محبوب زنگيجو، ’وائي‘ جو طاقتور شاعر آهي. هن غزل بہ لکيا آهن. غزل جي جيڪا ادبي تنقيد ۾ وصف آئي آهي انهيءَ موجب، غزل جي صنف قاتل بہ آهي تہ مقتول پڻ. قاتل انهيءَ ڪري جو غزل، هر شاعر کي لکڻ لاءِ اتساهي ٿو. پر درد جو جوڳو ڪٿارسس نہ ٿيڻ جي صورت ۾ غزل مقتول ٿي پوندو آهي.

ساٿي کي زندگيءَ جي ناروا سلوڪ ڏاڍو نهوڙيو آهي. پر زندگيءَ جو اهو المناڪ سياءُ ساٿي جي غزل ۾ ڀرپور اظهار جي حيثيت ناهي ماڻي سگهيو. ائين ناهي تہ هن کي غزل لکڻ نہ ٿو اچي. نہ ائين ناهي. هن کي سورن کان ويساند ئي ناهي ملي سگهي جو هو سورن کي تخليقي جوهر ۾ تبديل ڪري سگهي. اها سگھ جرمن شاعر رلڪي ۾ هئي جنهن جي شاعري هزارها صدما ۽ خوشيون وساري وري انهن کي ياد ڪرڻ جو ساهس ڪٽي بيٺي. اهو ساڳيو ساهس ساٿي وٽ جهيڻي صورت ۾ ئي سهي پر موجود آهي.

ساٿي جي وائي جو متن ۽ تصور ڪلاسيڪي توڙي جديد احساس جا حامل آهن. مجموعي طور سندس غزل ۾ توڙي جو درد جو ڇتو ڪٿارسس ناهي پر ان هوندي ڪجھ شاھ بندن ۾ درد ۽ رومان جو موهيندڙ اظهار آهي.

**پنهنجي ڳت جو هڪ هڪ ور ڪولي ٿي**
**اک جو، دل جو، سڪ جو در ڪولي ٿي**
**ڪانپ ٻڌي ويٺو سورج ڪوھ اتي**
**جتڻي، اٽڻي جو پاڪر ڪولي ٿي.**

سٺو شاعر عام تجربن جي ناياب ۽ سگنيفيڪنٽ پاسن کي وائڪو ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل هوندو آهي. جڏهن تہ وڏو شاعر تخيل ۽ احساس کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ سان گڏوگڏ ذهنن کي پڻ متحرڪ بڻائڻ لاءِ ووڙيندو آهي.

ساٿي جهڙي نفيس شاعر جي ٻنهي مصراعن ۾ جيڪا ’وِوِڊ اميجينيشن‘ موجود آهي. اها هن جي شاعري جي عَڪسي سفر جو خوبصورت تجربو آهي. جديد نقادن اهڙي عڪسيت کي لافاني جهان ڪوٺيو آهي.

It is devine boosom into we shall all go after the death of wagetated body.

انگريزي ادب جي مشهور نقاد سي ايم بوورا پنهنجي ڪتاب، ’دي رومانٽڪ اميجينيشن‘ ۾ انساني امنگ کي

انساني لاڳاپن جي نيٽ ورڪ ۾ خارجي سطحن تي ڪا شڪل ڏيڻ لاءِ جذبي جي گهرائي، فڪري پختگي ۽ معنويت جو ادراڪ درڪار هجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. ’موت پڇاڻان‘ فاني جسم جو مقدس پاڪر ۾ وڪوڙجي وڃڻ. رومانوي شاعري جو وڏو استعارو آهي. پوءِ پلي شاعر جو فطرت جي ’سپر ويليوز‘ سان ڪو لاڳاپو هجي يا نہ. شاعر سڪيل هجي يا اڻسڪيل. هن اعليٰ قدرن کي قبول ڪيو هجي يا نہ. پر اهڙا اعليٰ قدر شاعر جي عڪسي يا تصويري شاعري مان پيا بڪندا آهن.

ساڻي وڏي شاعر جيان جذبات جي اطاعت قبول ڪندي پنهنجي سوچ کي شاداب بڻايو آهي. هن جا ٻئي شعر جديد حسياتي شاعري جي زمري ۾ اچن ٿا. ٻنهي شعرن وسعت، همہ گيريت ۽ عموميت جو درجو ماڻيو آهي. ۽ پڙهندڙ کي نہ صرف حسي آسودگيءَ سان سرشار ڪيو آهي. پر ذهني اطمينان ۽ راحت پڻ ڏني آهي.

مونکي تون پهراڻ
ڏيندينءَ پري سانوري

ساڻي محبوب جي وائي جو بند آهي. جنهن ۾ شاعر پنهنجي محبوبہ کان پهراڻ پرائڻ جي طلب ڪريٿو. اها طلب ۽ طلب جو رومانوي احساس مڪاني ثقافت جي اهڃاڻ طور اڀري آيو آهي. جيئن مون مٿي بہ ٽي ايس ايليٽ جي حوالي سان چيو، سٺي شاعريءَ جو ڪلاسيڪل ۽ روايتي شاعري سان لاڳاپو اوس آهي. ساڻي پڻ نہ رڳو ماضيءَ جي شاعريءَ سان رابطو استوار رکيو آهي. پر هن ڪاريگر فنڪار پنهنجو گس ڪنهن لتاڙيل گس تي ناهي جوڙيو. هن پنهنجي ڪلچرل سياءِ هيٺ وائي جي پراڻي هيئت برقرار رکندي، نئين تخليقي عادت پيدا ڪرڻ ۾ سوڀ ماڻي آهي.

معصوم بخاري 1990ع کان لکي رهيو آهي. هن جي غزل ۾ تغزل آهي ۽ ٻولي پڻ محاوراتي سينگار ۽ ڳهڻن سان پريل آهي. ادب ۽ شاعري امڪانات جو جهان آهي. ڪو بہ تخليقڪار پنهنجي حسي تجربي جي آڌار تي ايندڙ وقت ۾ پنهنجي مخصوص جاءِ قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. معصوم بخاري جا هيٺ ڄاڻايل شعر زندگيءَ جي عميق تجربي جو ثمر پائنجن ٿا.

اڃان هن جا سڏڪا ٿا گونجن ڪنن ۾
اڃان هن جو منهنجي ڪلهي تي پيو ڪنڌ آ
زخم ڪائڻ جي ابتدا لکجان
پيار منهنجي جي تون ڪٿا لکجان
عشق منهنجو حسين جو جذبو
منهنجي پاڳي جي ڪربلا لکجان

شعر جو اهڙو لهجو ڏاڍو دل آويز ۽ اتساهيندڙ آهي.

وڇوڙي جي وحشت مان گذري رهيا هون
مسلسل قيامت مان گذري رهيا هون

آخري غنائي شعر ۾ معصوم پڻ ڏاڍي معصوميت سان گونگي لهجي واري بدعت، ’هون‘ جو شڪار ٿيو آهي.حالانڪ اهو لفظ ’آهيون‘ هئڻ گهربو هو. هن ٻي مصرعہ ۾ ’لڳاتار‘ ڪتب آندو آهي، جنهن کي مون سڌاري ’مسلسل‘ لکيو آهي.

ٽي ايس ايليٽ جي استاد ۽ معروف امريڪي نقاد ازرا پائونڊ چيو هو، ’شاعري پاڻ سان گڏ گهاڙيٿو ڪٽي ايندي آهي.‘ هن درست چيو آهي. معصوم کي ٻولي جي معنويت برقرار رکڻ لاءِ سخت جاکوڙ سان ذهن ناهڻو پوندو.

معصوم بخاري جا ڪجھ غزل ڪنهن مشاق شاعر جو تخليقي پورهيو محسوس ٿين ٿا. هن بہ نوجوان شاعر امين پٿو جيان شاعري ۾ سنڌ جي تهذيبي، ثقافتي ۽ عام شهرن جو ذڪر ڪري ، تهذيبي توڙي تمدني ورثي جي مالڪي ڪئي آهي.

مند وسڪار جي، مونڏي خط ۾ لکو
جو پرين ٿا اوهين، ڇاڇري ۾ رهو.

خط ۾ وسڪاري جي مند جو احوال گهرائڻ تخليقي خواهش آهي، حالانڪ پوئين مصرعہ ۾ ’جو‘ جو ڪوئي جواز ئي نٿو نظر اچي. آئون ڇاڇري ۾ رهي آيو آهيان، جتي مينهوڳي ڪانپوءِ فطري سونهن واريءَ جي دڙن مان، گلن جيان اسري ۽ نسري پوندي آهي.

اسان پاڳ وارن کي مقتل مليو
سزائن جو نالو، اسانجو لکيل
روح ’راڏڻ‘ ۾ هو رڏل جنهن سان
سا وڃي هاڻ ’آمري‘ رهندي.

هن جي پوتيءَ ۾ ڪيڏيون پهيليون رهيون
ڳوٺ واريون ڳليون سڀ ڳهيليون رهيون.

مٿيون شعر ڏاڍو خوبصورت آهي، پر لفظ ’پهيلي‘ جو واهپو صوتي آهنگ طور پلو بہ لڳو پر ڳالهہ نہ وڻي. ساڳي غزل جي هڪ ٻي مصرعہ ’موسمون هن جون ساريون سهيليون رهيون‘ ۾ حسي ادراڪ توڙي رومانٽڪ ائپروچ ڪمال جي آهي.

پل رڪوع، پل قيام ۾ آهيان
آءُ توسان ڪلام ۾ آهيان

شعر تہ سٺو آهي پر ان ۾ موجود ’حرف تنافر‘ ڪاڪڙو ڏڪائي ٿو وجهي. نوجوان شاعرن کي شايد خبر هجي تہ شاعري ۾ بہ هڪ جهڙا حرف، جهڙوڪ ’م ۾‘، ’ت تي‘ يا ان نوعيت جي حرفن جي تڪرار کي ، ’حرف تنافر‘ چئبو آهي. موزون شاعري جي نقادن ان کي وڏو عيب سڏيو آهي.

خليل عارف، نئين ٿهي ۾، مونکي انگريزي شاعر ڪيٽس جيان محسوس ٿيندو آهي. ڏکارو، بيساختہ ۽ گهرو. ڪڏهن ڪڏهن زود نويسي جي ڪري اڀرو ۽ مٿاڇرو پڻ. پر مجموعي طور هن جو بيان ۽ ٻولي ستارن جي ڪٿولي لڳندي آهي . جيڪا انيڪ سيارن کي ساڻ ڪنيو، ڪنهن اڻاتل، اداس ۽ رومانوي جهان ڏانهن پير پير ۾ وجهي هڪ عجب رمز ۽ پر اسرار خاموشيءَ سان چرندي رهندي آهي.

عارف غزل ۽ وائيءَ ۾ ٻنهہ مختلف ۽ دادلو شاعر آهي. هن جو لهجو ايترو تہ دل آويز ۽ من موهيندڙ آهي جو روح جي پاتال ۾ چپ هٽي ويهي رهندو آهي. بيباڪ، بيڊپو، شوخ ۽ تخليقي مڳي رکندڙ. هن جي شعر جي نغمگي ۾ درياهہ جي رواني، جولاني ۽ جواني آهي. تخليقيت هن جي سرشت ۾ ڳوهيل ۽ موهيل آهي. هن وٽ روماني مزاحمت پڻ آهي.

ويهڻ ڪين وڙاءُ
وڙهجي ويڙهہ وجود جي

هي ڪيڏاري جو موضوع آهي. هن بند ۾ عارف ٻن شعري نظرين(اوائلي ساميواد ۽ وجودي فلسفي) جو امالڪ اظهار ڪيو آهي.

پهرين مصرعہ ۾ هن پراڻي مزاحمتي لاڙي کي ٻي ساختگيءَ سان بيان ڪيو آهي تہ ٻي مصرعہ ۾ ڪريڪيگارڊ کان ويندي وليم جيمز تائين جي وجودي فيلسوفن جي ٿيسس کي غنائي رنگ ۾ اظهاريو آهي. جنهن ۾ شعري حسن بہ آهي تہ تجنيس حرفي پڻ.

’ڪنوارو خواب ڪو آهيان‘ جي مصرعہ سان شروع ٿيندڙ هن جو ٻي نانءُ نظم، طوالت هوندي بہ شعري آهنگ جو زبردست اظهار آهي. نظم ۾ هن، برهہ، وفا، مئي، ستارا، چنگ، جادو، ڏيئو، گل، خوشبوءِ، روشن خلائون، رقص، بادل وغيره جهڙا استعارا هڪ عجيب شاعراڻي طريقي سان واهپي ۾ آندا آهن. هن نظم ۾ وجود جو عالمگير ادراڪ ڄاڻايل آهي. جنهن کي نالو يا سڃاڻپ نہ ملي سگهڻ جي صورت ۾ شاعر اشاراتي طور هڪ عجيب طنز ۽ درد جو اظهار ڪيو آهي. نظم جو تاڃي پيٽو لارڊ بائرن جي تصويري آهنگ سان ڪلها هڻندي نظر پيو اچي. جنهن ۾ خاص طور بائرن جي نظم ’جڏهن ٿڌ ٻرندڙ انساني خمير کي وڪوڙي ڇڏيو‘ (while coldness wraps this suffering day)

جون سڪون پيو لاهي. خوبصورت تخليقي عمل ٿڌڙي هير وانگر چئني ڏسائن ۾ گهلندو آهي. گهاڙيٿا، لفظ، بيان تڏهن ئي اوج ماڻيندا آهن. جڏهن اهي ندرت ۽ نفيس نوع ۾ بيان هيٺ ايندا آهن. ❶

’عاشقي آهيون اسان...‘ ۾ عارف ’سيلف پريز‘ جو تخليقي اظهار ڪيو آهي. هن واقعاتي حادثن يا وارداتن جو پڻ حسي اظهار ڪيو آهي.

ڳاج تي ’چنڊ رات‘ ڄرڪي پئي
ائين لڳو ڪائنات مرڪي پئي

داغستان جي ’اوار‘ ٻولي جي وڏي شاعر ۽ دانشور رسول حمزا توف پنهنجي چونڊ نظمن واري ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ’شاعر جو ذاتي اظهار يا حسي تجربو، هڪ انمول خزاني جيان هوندو آهي. شاعر جيڪو حسي تجربو ماڻي ٿو، ان کي عام ماڻهن جي ملڪيت ڄاڻائيندي سندن حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. هو ذاتي تجربي کي عام ماڻهن جي ميراث بڻايو ڇڏي ٿو.‘

عارف بہ اهڙن وڏن شاعرن جو وارث آهي، جيڪي پنهنجا تجربا خلق کي اڇيندي سرخرو بڻجن ٿا.

هن ڪتاب ۾ تابش بخاري، منصور سيتائي، ملڪ وحيد، عبدالله ٻبر (ابل اداس ٻبر)، احسان زنگيجي ۽ گلزار تبسم جي شاعري بہ موجود آهي. اهي سڀ نوجوان ۽ سيبتا شاعر آهن. سندن فن ۽ فڪر ۾ شعري غنايت بہ آهي تہ ذات جو ڀرپور اظهار پڻ. منجهن ٻولي جا مونجهارا، عروض جون ڪمزوريون ۽ هلڪا سلڪا تضاد بہ آهن. پر سندن آرٽ روح کي اهو احسلس ڏياري ٿو تہ، ايندڙ وقت ۾ هنن جيڪڏهن پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ واڌارو آندو ۽ اظهار جي نزاڪت ۽ ندرت کي جيڪڏهن جهپي ۽ جهٽي سگهيا تہ سنڌ انهن جي شعري ۽ تخليقي وجود تي خوشي جو اظهار ڪندي.

آخري سٽون لکڻ کانپوءِ پنهنجي مختصر اسٽڊي روم جي پوئين پٽ جي ساڄي پاسي تي لڳل غارن وارين ٻن پينٽنگس ڏانهن امالڪ منهنجون اکيون کڄي ويون. نيم اونداهين غارن مان ڦٽي نڪرندڙ روشني منهنجي روح کي تشفي بخشي وئي. ۽ جڏهن ٽڏو ساهہ ڀري آڏو رکيل ڪتابن ڏانهن نهاريم تہ منهنجي نظر شيڪسپيئر جي ڪتاب تي پئي. هٿ وڌائي ڪتاب کڻي ورق اٿلايم تہ سامهون هيءُ سانيٽ هو،

Mine eye and heart are at mortal war
How to divide the conquest of the sight
Mine eye my heart thy picture sight would bar
My heart mine eye the freedom of the night

اسين وجود جي بقا لاءِ مزاحمت جي خوني ويڙهہ ۾ رڌل آهيون
منظرنامي جي سوڀ ڪيئن ورهائي سگهبي؟
منهنجون اکيون ۽ دل (ٽڪجي) مئخاني ۾ لڳل تنهنجي تصوير ڏانهن واجهائين ٿيون
۽ منهنجي دل ۽ اک کي رات جي آجپي جي نويد ملي وڃي ٿي.

## مددي ڪتاب

1. ايسيز آف ٽي ايس ايليٽ-ايليٽ
2. انڊين لٽرري ڪريٽيسزم- جي اين ڊيوي
3. سليڪٽيڊ پوئمس آف حمزا توف- انگريزي ترجمو، پيٽر ٽيميسٽ
4. هسٽري آف لٽرري ڪريٽيسزم- هئري بلاميرس
5. بائرنس پوئمس - پهريون واليوم
6. لٽرري ٽرمس اينڊ ٿيوريز- جي اي ڪڊن
7. شاهہ جو گنج -محمد قاسم راهمون (ساڪري)
8. دي رومانٽڪ اميجينيشن- سي ايم بوورا
9. پوئٽري اينڊ ڪريٽيسزم آف مٿيو آرنولڊ- اي ڊائيٽ ڪيولر
10. ڪمپليٽ سانيٽس آف شيڪسپيئر- وليم شيڪسپيئر
11. اوجاڳيل اکين جا سپنا- امر سنڌو
12. ماهوار سوجهري جي مختلف پرچن ۾ آيل سوچ ويچار ۽ ٽچ مي پليز تاج بلوچ
13. محترم اسڪالر لطيف نوناري جو ايس ايم ايس جنهن“ مارٽل وار” جي محاوراتي سمجهاڻي ٻڌائي. ■

❶ بائرن پهريون انگريزي شاعر آهي جنهن پنهنجي فن۾روايت۽تنگ نظري کان بغاوت ڪئي. ۽ يورپ جي سياسي توڙي ثقافتي تاريخ کي نئين معنويت ڏني. برٽرانڊ رسل پنهنجي ڪتاب“هسٽري آف ويسٽرن فلاسافي” ۾ بائرن تي ڌار باب لکيو آهي.



# پنو گوڏي تي رکي لکيل...

**نصير مرزا**

58 سالن جو ٿي چڪو آهيان آئون. ۽ ان ڄمار تائين پهچندي پهچندي، مون ڪان ڇا ٿي سگهيو آهي؟ ڪجهه به نه. ! نه چڱو شاعر ٿي سگهيس- نه بهتر نثر نگار. نه نمايان پروڊيوسر. نه ري پروڊيوسر. ها، گهمي ڦري اِن نقطي تي ضرور پهتو آهيان. ته هي نصير بابا، ماڻهوَ سو نماڻو آهي. ها! پر ڪي عقل جا اڪابر مون بابت هي به ضرور پيا چوندا آهن، نصير بابا ڳجهو ماڻهو اٿوَ... ميسڻو ۽ ناٽڪي پڻ. خير! اهي سڀ الزام به ٺيڪ ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي درست... پر هيڏانهن منهنجو پاڻ بابت وري هميشه کان ئي هي خيال رهيو آهي، 'آئون ڪجهه به ناهيان ۽ جي آهيان ته صرف هڪڙو بهتر بوڪ ريڊر، نه ڪي ليکڪ، شاعر يا قلمڪار وغيره.' چڱو فرض ڪٽي ڪريو ته جيڪڏهن اهي سڀ گُڻ مون ۾ آهن ته پوءِ انهن سان گڏوگڏ منهنجو هي اعتراف به پڙهو ته انهن منجهان هر فيلڊ ۾، 'دلبر دلبر، آءِ اون اِٽ، آءِ ايم ڦُس.' سو بابا بقول منهنجي ئي، 'ليکڪ هوندا ٻيا، پاڻ نه قدرتي قلمڪار نه نوازيل شاعر. سچ پڇو ته پاڻ جڏهن به ڪجهه لکڻ ويهندو آهيان ته وڏي مٿا ڪُٽ ۽ ڳند ٽوپ کان پوءِ ئي، روئي روئي چار صفحا لکي سگهڻ جوڳو ٿيندو آهيان، سو يارو هاڻي حالت جڏهن منهنجي ههڙي، تڏهن بي تاج بادشاهه تاج بلوچ سرڪار پاران فونن مٿان فون ته 'جهٽ ڪر گوڏي تي پنو رکي سوجهري لاءِ تڪڙو ۽ زبردست 'سيلف پورٽريٽ' لکي اماڻ'. اڙي بابا، زبردست ليکڪ ته آئون جواني ۾ ئي ڪونه رهيو آهيان تڏهن هاڻي کهڙا ويهي اَڪ ڪارا ڪندس. ها، زبردست بدران آئون زِير دست البت ضرور رهيو آهيان. ۽ اهو به ڪنهن ٻئي جو نه، صرف محبوبن ۽ معشوقن جو يا وري نه چاهيندي به بالا عملدارن ۽ آفيسرن جو. ها! ان ڏس ۾ مون پاران زبردست حقيقت هيءَ ٿي سگهي ٿي ته منهنجي وڏي ڏاڏي جو نالو هو مرزا خسرو بيگ. ڏاڏيءَ جو پاءُ هو مرزا قليچ بيگ. امان جو نالو شريفان. بابا جو نالو ناصر علي. زال جو دُردانه. پٽ جو شهباز حيدر. نياڻي هڪڙي ردا. ٻي سماش. ٽين سمرا. اِجهوحال ساڪن ٽنڊو نور ٺهو. پيشو براڊڪاسٽنگ ۽ روز گار. ريجنل ڊائريڪٽر ريڊيو حيدرآباد ۽ ٻئي پاسي هيءَ جيڪا منهنجي عادت سمجهو يا عَلت... ۽ اها هي ته، هر وقت لِک لکان... لِک لکان.... لِک لکان... ۽ يا منهنجا موليٰ! باوجود ڪيئي ڪتاب مرتب ڪرڻ، هزارين صفحا ڪارا ڪرڻ، ڪالم، خاڪا، تقريرون لکڻ جي، سنڌي ادب ۾ ڇا ڪا منهنجي ورث؟ ڪو نالو؟ ۽ توڻي جو گهڻن ئي دوستن ساٿ به ڏاڍو ڏنو. اڄي مڇي به گهٽي ئي ڪئي. ڪُلهن تي به ڪنيو پر هاءِ مون بدنصيب جا نصيب ڏسو. قد منهنجو پوءِ به وڌيو ئي ڪونه. ۽ اهو ئي سوا پنج جا سوا پنج فٽ ئي رهيو ۽ ساڍا پنج اصل ئي ڪو نه ٿي سگهيو. ها! اهو به درست ته مون اڪيلي نصير هڪڙي نه پر ڪيئي ماڻهن جي زندگي گذاري آهي. يعني پهرين شاعر پوءِ ماستر پوءِ پروڊيوسر پوءِ ڪمپيئر پوءِ نصر نگار پوءِ مرتب ۽ باوجود ايتري هڻ هٽان جو نتيجو اهو ئي، 'ادبي حيثيت ٻُڙي ٻُڙي ٻڙي.'

ڀائنيان ٿو ته منهنجين ٻين ڳالهين وانگر هي ڳالهه به شايد ڪو ڪونه مڃيندو. پر اٿوُحقيقت ته پاڻ مان آئون سدائين کان بيزار ئي رهندو اچان.(پر آدم بيزار ناهيان) علاوه ازين نه سُٺن ڪپڙن پائڻ جو شوقين (ها سٺن ڪتابن جو ضرور) ۽ ايئن نه سوٽ بُوٽ، نه ٽاءِ ڪوٽ، نه ڪائڻ پيئڻ جي سمڪ. ۽ بس! جي ڪا ڳالهه پسند، ته رڳو پينگهي ۾ لڏڻ، ليٽي ڪتاب پڙهڻ ۽ سُمهي لکڻ. ان ڏس ۾ منهنجي هڪڙي ڪمزوري ڪان ته سڀ يار واقف ئي ٿي چڪا آهن ته شهر حيدرآباد منهنجي ايئن ڪمزوري ٻٽيل آهي جو اتفاق سان ان منجهان جڏهن به ڪيڏانهن موڪليو ويندو آهيان ته ڀائيندو سدائين ايئن آهيان 'جڻ ويچاري مڇي پاڻي کان ٻاهر.' پر هي ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ کان آئون پڇندو به ته رهندو آهيان ته اي ميان نصير، 'تون آخر شئي ڇا؟' تڏهن پنهنجو پاڻ کي ئي جواب ڏيندي ورائيندو آهيان، 'صرف مولائي مڙس.' منهنجو هڪڙو عزيز دوست ناز سهتو ته اڪثر چوندو رهندو آهي، 'هي نصير به عجيب ئي شخص آهي. هر ادائي منٽن کان پوءِ اعلان ڪرڻ لڳندو آهي، 'آئون شيعو آهيان' تڏهن جوابن دل ئي دل ۾ ڪيس چوڻ لڳندو آهيان، 'آخر بابا، ايئن چوان به ته ڇو نه چوان؟ آخر ڊيسيڊينٽ شيعو جو آهيان. هونئن ادي گڏي (خير النساء جعفري به مون ئي وانگر ايئن ئي جو چوندي رهندي هئي.) اجهو بلڪل ان ئي ريت هڪڙي پيرو سارنگا ۾ به ته لکيو هوم، 'جيئن ادب ۾



مخدوم طالب المولي ۽ نصير مرزا- ادبي لکپڙهه

## ادب جو لاڏلو ڪردار...



پاڻ بابت، وا ڪاڻ ڀڏي آئون لڄارو ٻڻجي ڀاتاڙجي ويندو آهيان. پر نصير مرزا، جڏهن به منهنجي ذات يا فن بابت لکندو آهي ته آئون اعتدال ۾ اچي ويندو آهيان- هو فارسي ٻولي جي عظيم شاعر، رومي جي هڪ شعر جي تشريح لڳندو آهي، (جيئن جو تيئن پيش پئو Appear as you are,
جيئن پيش پئين تيئن رهه. Be as appear.)

هن جو پنهنجو اسلوب آهي. تخليقي، رومانوي ۽ مزاحمتي. ڪنهن صلي ۽ شاباس کان لاپرواهه. هيڏي وڏي سرڪاري عهدي تي رهندي به نيازمند، سادو ۽ ٻاجهارو. سڀ جي ڪم ايندڙ. هن جون نظم ۽ نثر ۾ گهڻيون شاهڪار ۽ ضرب المثل سِٽون موجود آهن،

جيءَ جهروڪا
هاءِ پروڪا
مٽ جا ماٽا
ڪڏ ڪوليندي؟
تڏ ڪوليندي! !
درد نه هوندو! !
آئون نه هوندس؟

يا

سڪ جي ساعت مور نه سنڀران
ماءُ جڏهن کان بيوهه ٿي آهه.

سنڌ جي قدآور، محبوب، مقبول ۽ لاڏلي شخصيت کي سالگره مبارڪ.

(ت.ب)



ٻن ڏورن جو سنگم



ڪتاب حاصل هوندا هئا، جن کي پڙهندي پڙهندي ننڊ ئي غائب ٿي ويندي هئي، مثال طور : عيني آپا جا ناول: ’آگ ڪا دريا‘، ’گردشِ رنگ چمن‘، ’سيتا هرن.‘ شيخ اياز جو ڪتاب: ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘، ’امرتا پريتم‘ جو ’رسيدي ٽڪٽ‘، پير حسام الدين جو ’هوڏوتي هوڏينهن‘ ممتاز مرزا جو: ’سدا سوئيتا ڪاپڙي‘ غلام رباني آگري جو: ’جهڙا گل گلاب جا‘ ادي ماهتاب محبوب جو ناول: ’خواب خوشبو چوڪري‘، ’اندر جنين اڄ‘ ۽ يا الله، هاڻي ته آئون ڪڏهن ڪڏهن هي به ويٺو سوچيندو آهيان ته منهنجي باقي زندگي جي ننڊ ڦٽائڻ لاءِ ڇا ڪي ڪتابُ ڪوليڪٽ هاڻي لڪندو به، يا سڀ ختم. افسوس هاڻي ته جيڪو به نثر يا نظم جو ڪتابُ پڙهڻ لاءِ کڻان ٿو، ته ننڊ جا گهيرٽ مون کي ورايو ٿا وڃن. بهرڪيف هاڻي منهنجيون ڪجھ ذاتي التجائون ۽ وصيتون. همعصر ليکڪن ۽ نوجوان دوستن لاءِ، ۽ اهي هي ته بابا مهاڳ ۽ تعارف لکي لکي، هاڻي ته آئون پوڙهو ٿي ويو آهيان ان ڪري اهڙي ڪم لاءِ جيڪي دوست مون کي روز پنهنجا مسودا موڪلڻ لاءِ خط پيا لکن، معاف ئي ڪري ڇڏين. ايئن گهر وارن کي به وصيت ڪري ڇڏي اٿم ته گذر ڪري وڃان ته ميڊيا کي اصل ئي نه ٻڌائين. ۽ هاڻي هن پورٽريٽ جي آخري ڳالهه، ’هي جيڪو منهنجي اندر ۾ انڌو منڊو لڪٽي داس وغيره ويٺو آهي. لکڻ پڙهڻ مان اگرچ هاڻي اهو گهڻو مايوس به ٿي چڪو آهي تڏهن به هي الائي ڇو، صبح سان منهنجا ڪلها ڌونڌاڙي، ننڊ مان اٿاري چوڻ لڳندو اٿم، ’لک. لک. لک‘ هاڻي بابا لکان ته آخر لکان ڇا؟ جو ڪوھ ئي خالي لڳو پيو آهي. خير لاچار و بي يار قلم هٿ ۾ کڻي لکڻ ويهي رهندو آهيان، پنهنجي شهر حيدرآباد جا پراڻا قصا، مسجدن، امام بارگاهن، مندرن، شوالن ۽ سرعام رستن تي ٿيندڙ ٽارگيٽ ڪلنگ جا سانحا. تڏهن لکڻ جي ان عمل سان گڏو گڏ چپن ۾ چوندو به رهندو آهيان. گهوڙا يا حسين. بغداد. ڪربلا ۽ سوچڻ لڳندو آهيان، ياالله!هي ڪٿان جو انصاف آهي ته ايترو ڪجھ لکڻ، سرجڻ، هاءِفاءِ ٽيڪنالوجي جي اچڻ. اين جي اوز پاران ريفارميشنس ۽ قديم جديد صوفين جي پريچنگ جي باوجود. اڄ جو هي ظالم انسان. ڪالهه ئي وانگر اڄ به اهڙو ئي وحشي، اهڙو خونخوار. جهڙو نڙ مان نڪتل ڪتي جو پُڇ. سو عزيزو. يارو، پائرو، اغيارو، سيلف پورٽريٽ ۾ نصير مرزا جو پاشڻ ان هنڌ تي اچي ختم ٿو ٿئي، جو هر طرف خوف جي فضا ڇانئيل آهي ۽ علاوه ازين مٿان ڪان . ڊرون حملا. ۽ چؤطرف ڪان هي طالبان. طالبان. طالبان. ظالمان. ظالمان. ظالمان. الامان. الامان.الامان!! ■

## مختيار سهتي کي صدمو

سوجهرو ساٿي، سنڌي ادبي سنگت جي سرگرم عهديدار ۽ لاڙ پَٽَ جي نوجوان شاعر مختيار سهتي جو پُٽ ثاقب ٽن سالن جي ڄمار ۾ ڪينگهي جي بيماري سبب وفات ڪري ويو. اسين پنهنجي ساٿي جي انهي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ عذر خواهي ڪيون ٿا. -ادارو



# خوشبو خوشبو ماڻهو...

**امين چانڊيو**

**نصير** مرزا گهڻ پاسائين خاصيتن جو مالڪ آهي. هن جا نثري پاسا به سگهارا، لطف اندوز ڪندڙ آهن ته نظم جا پاسا به ذهن کي معطر ڪندڙ آهن. مزاج جي اعتبار کان به ان جي آواز ۾ مٺاس آهي. ان ڪري هو سپني جي من جو محبوب بڻجي پيو. نصير اسان جو اهو محبوب ناهي جيڪو پاڻ تي، پنهنجي فني، فڪري ڏارائن تي ناز، غرور، وڏائي ۽ تڪبر ڪندو هجي. پر هي پيار بدلي پيار پر نفرت بدلي به محبتون آڇيندڙ ماڻهو آهي. شگفته نظم ۽ نثر جو ليکڪ آهي. هن جي تخليقيت ۾ گلابن کان به وڌيڪ سُرهاڻ آهي. هن جي آدرش، عشق ۽ اُمنگ معصوم ٻارن واريون ڪيچلايون ڏاڍيون وڻندڙ آهن. اهي معصوميت ڀريا جذبا، خيال، احساس، آنا بي معنيٰ نه پر با معنيٰ آهن. هن جي ڏات، ڏانءُ واري ڪوئل جڏهن دل جي وڻ تي ويهي ڪي شُورن، دردن ۽ چاهت جا چنگ چوري ٿي ته نيڻن کي نيهن جي ننڊ وٺي ٿي وڃي ۽ جي پنهنجي مرضي سان اُڏامي ٿي ته اکين کان ڪو آرام به ڪسيو وڃي ٿي. معنيٰ ته سندس ڏانءُ ۾ جادو. ۽ جادو به سياويڪ جيڪو ذهن تي گهٽ پر دل تي حاوي ٿيو وڃي. دلين تي حاوي، جميل، چٽيل، تخليقن جيان سندس اَمُلهه شخصيت ڇانئجيو وڃي.

نصير صاحب وٽ پنهنجو نرالو اسلوب آهي، جيڪو سائنسي نه پر روحاني آهي. سندس خيالن جو دائرو ڪڏهن به سوڙهو نه آهي. درياهه واريون ڇوليون اٿس. ۽ ڇولين جو ڏنگ به هوبهو ميرانجهڙو. جيئن پاڻي صاف هوندو آهي ڪو ڪک به هوندو ته ڏسڻ ۾ ايندو آهي ائين ئي هن جو ڪويتائون اُجريون آهن. هن جي دل جا درد، ڏک، آسون، ارمان سماج جا رويا، زندگي جا مختلف ڏيک، ٻيو سندس سادڙي سٻاجهڙي ٻولي جو سحر اثر ڪندڙ آهي.

مونکي سندس ڪجھ ڪويتائن جو مجموعو جنهن جو عنوان هو، ’ٿي نه سگهيس شاعر‘ گلبهار باغائي صاحب مطالعي لاءِ عرض ڪرڻ تي ڏنو. جنهن کي پڙهي ڪري مون سوچيو ته واقعي نصير ۾ وڏيون شاعراڻيون صلاحيتون آهن. منهنجا لفظ ڪيترا به ڊگها ويڪرا ٿين پر هن جي شخصيت ۽ شاعري جي حقيقي تصوير نه ٿا ٿي سگهي. جي هن جي تصوير اوهان به دل کي پسائڻ گهرو ٿا ته پوءِ سندس ئي نظم، ’سيلف پورٽريٽ‘ کي ڏسو،

**لهجو فقير جهڙو**
**نيڻ ۾ نيرو جهڙو**
**نج تنوير جهڙو.**
**مارو ملير جهڙو**
**حاڪم همير جهڙو**
**چُپي ته تير جهڙو**
**ڪاتي جي سير جهڙو**
**صفا شمشير جهڙو.**

نظم رنگارنگي سُندر لفظن ۽ وسيع خيالن جي گونجار سان دل ۾ ڏيري ڏيري لهي ٿو پوي ڄڻ دل کي خريد ڪري ٿو ڇڏي. سندر سندر لفظن ۾ ڪا پازيب ٻڌي هجيس. غور ۽ فڪر سان پڙهونس ٿا ته روح به رقص ٿو ڪري. نظمن جي ڪلائيمڪس ۾ فڪر جي ڪشادگي آهي. جيڪا پڙهندڙ کي جڻ ته ڌونڌاڙي ٿي ڇڏي.

نصير انهن منظرن کي اک ۾ رکي ٿو جيڪي سطحي نظر رکندڙ قلمڪارن کان نذر انداز ٿي وڃن ٿا،

### پيمو...

**ريڊيو پاڪستان جي پَنگي پيمي**
**ڪم ڪار مان واندو ٿي، بلڊنگ جي**
**ڏاڪڻ جي ڏاڪي تي ويهي**
**گوڏو گوڏي تي ڌري ٻالم ٿي**
**Lord جو سگريٽ پئي پيتو.**
**صبح جو اُنَ سندر منظر**
**ڪيڏو نه گدگد ڪيو مونکي**
**سوچيم، Lord جو سگريٽ پيئندڙ**
**هي پنگي پيمو،**
**Lord جو سگريٽ پئي ته ڇو نه پئي؟**
**پنهنجي ڪرت جو هي آخري Lord جو ٿيو!**

نصير پنهنجي اڳيان ايندڙ هر منظر جو عڪس پنهنجي نظمن ۾ صحيح طرح چٽي ٿو. هي ڪنهن به سماج ۾ نيچ بڻيل ڪردار کان پاسيرو نه ٿو ٿئي. پر ان کي تخليقيت جي سانچي ۾ فِٽ ڪيو ڇڏي. بنيادي ادب جو تخيل به اهو آهي ته سچ ۽ حقيقت کي پڌرو ڪري ڪردار کي اُتساهه ڏنو وڃي.

نصير مرزا جي شاعري دل کي موهه ۾ وجهندڙ ته پنهنجي جڳهه تي پر حقيقي تصورن سان به شاهوڪار آهي.

**ٻار ته ناهي، ٻارُ ڇٽيندي نيٺ.**
**هو جا ويٺي مرڪي ننڍڙن ٻارن سان.**

—

**ننڍڙي جهرڪي، گل کي چمي، ڏيئي اُڏري ويئي،**
**گل پئي ڳاتو گيت ته اُن کان ڏُن ئي وسري ويئي.**

—

**سِج کي ٻڏندو ڏسي گهٻرائجي ويو،**
**سانجهه ٿي سورج-مُکي ڪومائجي ويو.**

—

**رُلياسين عشق ۾ جنهن جي سدائين**
**اُهي معشوق اَسين ئي پاڻ هاسين**
يا
**عجب هي پيار هو ’امان‘ ۽ مون ۾**
**ورهين جا ورهيه سُمهندا ساڻ هاسين.**

نصير جا غزل به زندگي ۽ دل جي عمده منظرڪشي ڪن ٿا ته هن جا نظم به فطري پسمنظر جي تصوير ڪشي آهن. پاڻ بنيادي رومانوي شاعر ۽ مولائي نثرنويس آهي. هو وڏو ليکڪ آهي. جڏهن منهنجي پياري پٽ تنوير چيو، ’ابو، اڄ ڪاوش ۾ نصير مرزا جو ڪالم ڇپيل آهي.‘ مونکي خوشي ٿي ته هن جي شخصيت وڏن جيان ننڍن کي به وڻي ۽ متاثر ڪري ٿي. ■

# ادب ۽ جماليات ...



نصير سومرو

**شاعر** علي شاعر نظم پيش ڪيو. پندرهن نقادن مان هر ڏات ڌڻيءَ واري واري سان نظم تي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

ڪاشف چيو، ’نظم پرپور آهي، ڪٿي ڪٿي لفظ ڏکيا آهن. معنيٰ نہ اچڻ ۽ سمجهڻ جي ٻاڙ رهجي وئي. شاعر ڏکين لفظن جون معنائون حاشئي ۾ ڏئي ها تہ وڌيڪ آساني ٿئي ها. لفظن جي اُٽت لاجواب ۽ ڇڪ ۽ سڪ سان ٽمٽار آهي. اسم وٽيو ۽ وٽت يا وٽڻ جو عنصر جماليات آهي.‘

ڪاردار چيو، ’گل سان گڏ ڪنڊا بہ ان جي چوڌاري ڏسڻ ۾ آيا. آگريون ڦٽجڻ وارو چئي تہ ڪنڊا نہ هجن، اهو ممڪن ڪونهي. ٻنهي تضادن جو سنگم پورٽتا جي گهرج آهي. پورٽتا پنهنجي جاءِ تي آهنگ بہ آهي تہ اُٽت جو فن پڻ. نظم جماليات جون گهرجون پوريون ڪري ٿو.‘

**ارشاد چيو:**

The poem is contracted and expansive. Black and white can make any think more abstract.

’نظم جي سونهن، سونهن جي تضاد ۾ آهي. نظم جو مک ڪردار شرم ٻوٽيءَ وانگر سُسِي بہ وڃي ٿو ۽ سانوڻ جي وڄن جيان پري پري تائين پکڙجي بہ وڃي ٿو. ڪاري ۽ اڇي رنگ جي توازن مان جيڪو تاثر اپريو آهي، ان بابت وفا ناٿن شاهہ جي سٽ ورجائيندس،

حسن پورو لباس ڪاري ۾.

جعفر چيو، حُسن ڪيميائي عنصر آهي ۽ ڪوبہ عنصر نج سئو سيڪڙو نہ ملندو آهي. اهو نج ٻٽائڻو پوندو آهي. ابتڙ خاصيت جون باقيات پوءِ بہ ڪنهن سراسري طور رهجي وينديون. ميلاپ جو تناسب، شي جو حسن آهي. رڳو هڪ شي هجڻ سان سهٽي نہ لڳندي. جزئيات ملي وجود جي هيئت کي ترتيب ڏين ٿا. نظم ۾ متضاد رنگن جي اندلٺ خوبصورتيءَ جو تاثر ڏنو آهي. جزئيات مختلف ڇڪ ۽ رُخ واري قوت سان ٺُپ آهن. عورت ۽ مرد مختلف جذبن واري فطرت رکندڙ انسان آهن. چقمق جا قطب متضاد هڪٻئي کي ڇڪيندا آهن. ساڳي ڇڪ هڪٻئي کي ڏکي ڏار ڪندي آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ گونا گوني، لقاءَ جي خوبصورتي ۾ ڳولهي وڃي. عورت جو حُسن ساڻس ميلاپ جي خواهش ۽ پورائي جي قوت ۾ پنهان آهي.‘

اظهار وچ ۾ صدر کان اجازت وٺي چيو، ’حسن جو دارومدار حسين شي تي ئي نہ آهي. اک جي پنهنجي حِس ۽ خواهش (ٻُکَ) جي شدت پڻ معنيٰ رکي ٿي.‘

ديدار چيو، ’حسن يا جمال، سونهن يا سوڀيا، ماڻهن جي يا فطرت جي اها آهي، جيڪا وڻي ۽ بس. وڻت جي پٺيان ڪهڙو بہ سبب هجي، پر تاثر ديرپا ۽ ديرپا بہ ايتريقدر جو يادگيري جو دائمي جزو بڻجي وڃي. اهو حسن آهي، ڪيٽس جو ڪاليج جي ڏينهن ۾ هڪ نظم پڙهيو هو. حُسن جي آفاقي سچائي جي تصديق نظم جي هن سٽ مان ملي ٿي.‘

A thing of beauty is a joy forever

’سدائين مزو ڏيندڙ ڪهڙي بہ شي سونهن آهي.‘ سچائي هر دور جي سچائي هجڻ ڪري حُسن جو درجو رکي ٿي. پاپولر لٽريچر پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي تہ حُسن جا معيار ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙا معيار تخليقڪار جا پنهنجا آهن.

**بادل چيو،** ’جماليات فلسفي جو سوال آهي. ڪيترا ڏاهاڪن رازن تان پردو کڻي حقيقت بيان ڪرڻ جي ويجهو پهچي ويا، پر معلومِ ۽ مانوس بيان کان وڌيڪ راز لڪل آهن، لِڪُ بہ خوبصورتي آهي. تجسس سان سفر جاري رکڻ جي آس اڳتي وڌڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿئي ٿي. سفر ڏک آهي ۽ ڏک منجهان سک ملڻ نرواڻ آهي. نرواڻ توازن ۾ هجڻ ڪري حسن آهي. هڪڙا چون ٿا تہ حسن گڏيل لاشعور جو ادارڪ آهي، جيڪو ثقافت مطابق الڳ الڳ خطن ۽ تهذيبن ۾ جدا جدا قدرن وارو آهي. حسن آفاقي قدر آهي. جتي ڪٿي حُسن حُسن سمجهيو وڃي تہ اها وحدتِ حُسن آهي.‘

**سيڪريٽري چيو،** ’حُسن تخليق جو لازمي حصو آهي. تخليق ۾ فن آهي. فن جمالياتي هوندو تہ وڻندو. ڪنهن کي نظارا وڻن ٿا، ڪنهن کي سريلا آلاپ وڻن ٿا. ڪيترا نظارا حسين آهن. ڪيترا آواز سريلا آهن. انهن مان جا شي وڻي، ٿڪ لاهي (جهڙوڪ پراڻي خواهش پوري ڪري) حسين آهي. بکئي کي بصر بہ وڻي، ڍاپيي کي ٻوڙ پُلاءُ بہ بي معنيٰ لڳن. ضرورت جو ادراڪ، جسماني وجود رکندڙ شي هجي يا ڪو خيال طلب جاڳائي، ۽ طلب جهد جو ڪارڻ بڻجي، حسن آهي. ذاتي ضرورت وقت جي ضرورت سان هم آهنگ ٿيڻ سان تاريخي ضرورت جنم وٺي ٿي، جيڪا علائقائي حدن مان وسعت اختيار ڪري عالمگير درجو ماڻي ٿي.‘

**الطاف چيو:** حسن جي ادراڪ واسطي ٻهريون شرط، جنهن جي ٻڌڻ يا ڏسڻ سان ذهن ۾ ڪا پلوڙ تصوير جڙي سا آهي ساڃاهہ ... be clear to be minded. نظم جو نياءُ ان جي لفظن جي چونڊ ۽ تسلسل ۾ اٽت مان نظر اچي رهيو آهي. هڪ حد تائين لفظن جي معنيٰ (معنيٰ جيڪا ذهن ۾ تصوير اڀاري) سمجهہ ۾ آئي آهي. تصوير بہ جزوي اڀري آهي. جزوي بقاء يا آهنگ مزو بہ جزوي ڏيندو. جڏهن تہ حسن مڪمل پٽي ۾ آهي.‘

**آدم چيو،** ’مان دير سان پهتو آهيان. نظم ٻڌو ڪونهي. ايترو سو اندازو ٿي ويو آهي تہ حسن جو مباحثو آهي. حسين شي بابت ٿورو گهڻو ڳالهائي سگهان ٿو تہ اها ڇو وڻندي آهي. سچ پچ اهڙا جملا، اهڙا آواز (ڌُنيون)، اهڙا منظر ۽ اهڙيون فطرتي شيون آهن، جيڪي پاڻ ڏانهن ڇڪينديون آهن. اُهي مزيدار آهن. مزو (joy) انسان کي ڳٽتين ۽ مونجهارن مان ڇوٽڪارو ڏياري ٿو. تلخ يادگيريون رفع دفع ٿيو وڃن. دل ۾ جڏهن فڪرات نہ هوندي تہ مزو جنم وٺندو. بہ شيون هڪ سمي، هڪ هنڌ ماپي ڪونہ سگهنديون آهن. حسن، جيڪو تازگي بخشي (ڳٽتيون وسارڻ جو ڪارڻ بڻجي) حسن آهي. مرجهايل گل ڪڏهن ڪونہ وڻندو. ٽڙندڙ ۽ ٻهڪندڙ گل مٿان پونئر ۽ پوپٽ اچي مڙندا آهن. گل جو ٽڙڻ حال ڏانهن اشارو آهي. ماضي سنڌين کي وڻي ٿو. امريڪا حال ۾ جيئي ٿو ۽ مستقبل جا خواب ڏسي ۽ ڏيکاري ٿو. برطانيا ماضي پرست آهي. برطانوي راڄ هيٺ رهندڙ ڪامن ويلٿ رياستون مذهبي آهن. مذهب ماضي ۾ جيئڻ آهي.‘

**نعمان چيو،** ’مان شاعر يا ڪو اديب ناهيان. هت سنگت ۾ اچي چار ڳالهيون معمول کان هٽيل ٻڌي دل وندرائڻ ايندو آهيان. نظم ٻڌي مان خيالن ۾ گم ٿي ويس. علامہ آءِ آءِ قاضي ڳالهائيندي ڳالهائيندي خيال جي پاتال ۾ وڃي ماٺيي جا ماڻڪ موتي ڳوليندو هو. اوچتو جاڳي مهمان سان ائين ڳالهائيندو هو جهڙوڪ هاڻ آيو هجي. يوگا ۾ جوڳي وڃائجي ويندو آهي. نفسيات ۾ ان حالت کي ريوري (reverie) چيو ويندو آهي... deep in muse هيءَ حالت آهي، ڪيفيت آهي. شاعر، جنهن ڪيفيت ۾ نظم لکيو هوندو، اها سندس ڪيفيت آهي. ٻڌندڙ يا پڙهندڙ ان جي اونهائي ترت ڇهي نٿو سگهي.‘

**صداقت قريشي چيو،** ’نظم ٻڌڻ سان مان ماضيءَ ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي سئر ڪرڻ لڳس. منهنجي خيال ۾ اها خوبي نظم جي سونهن آهي. آدم صاحب جي بقول تہ نظم اونهي سوچ ويچار ۾ گم ڪري ڇڏيو. اها نظم جي ڪاميابي آهي. شاعر جس لهڻي.‘

**دمساز چيو،** ’ڏکيو موضوع آهي، جماليات تي هڪ ورڪشاپ يا سيمنار منعقد ٿيڻ گهرجي. هن نظم ۾ اهڙا نظارا چٽيل آهن، جيڪي تکي اک (sharp eye) جهٽي، انهن مان لطف وٺي سگهي ٿي. حسن منهنجي نظر ۾ ڪيٽس جي لفظن ۾ اهو آهي، جيڪو مزو ڏئي. سهٽا چهرا وڻندا آهن. خدوخال اهڙا جاذب نظر ايندا آهن، جو اڇي ڪاري رنگ جي تفريق بي معنيٰ ٿيو پوي. پُوري رنگ ۾ ايتري ڪشش ڪانهي، جيتري سانوري ۾ آهي. سرمد کي ايي چند ۾ جيڪا سونهن نظر آئي، ٻي ڪي ڪانہ آئي. ان ۾ داخليت جو عنصر بہ آهي ۽ خارجيت جو پڻ.‘

**اوپائي چيو،** ’حسن حسن آهي، هڪ وقت شي حسين هجي ۽ ان ۾ قباحت بہ هجي، حسن جي عڪاسي ڪانهي. دريا جون موجون ۽ لهرون وڻن ٿيون پر ٻوڏ جي صورت ۾ درياهہ ٻوڙي بہ ٿو. ائين هڪ حد تائين مينهن جو وسڪارو وڻي ٿو پر جڏهن وڄون وسڻ بند نہ ٿين ۽ نقصان ٿئي تہ رحمت زحمت لڳندي.‘

**نثار ثاقب صدارتي راءِ ڏيندي چيو،** ’موتين جو، قيمتي ڌاتن جو قدر جوهري ڪرڻ ڄاڻي ٿو. جاميٽري ۾ جيئن شڪل جو تناسب هوندو آهي، تيئن حسن، بي ترتيبي مان ترتيب ۾ اچڻ آهي. مائڪلو اينجلو جڏهن مجسمو ناهيو تہ ماڻهن سندس ساراهہ جا ڍڪ پريا. ان تي چيائين، ’مورتي پٿر ۾ موجود هئي، مون رڳو تراشيو آهي. جيئن باغ ۾ مالهي گند گاهہ پٽي ڌار ڪندو آهي، تيئن حسن بہ تراش خراش جونالو آهي.‘ عورت ميڪ اپ ڪري ٿي، هار سينگار ڪري ٿي، مرد جي وضعداري، صلح صفائي، سٺي شڪل بہ نہ هجي، سٺو اخلاق، سٺي سيرت، خدمت جي ڪمن ۾ اڳيان اڳيان هجڻ پڻ حسن ۾ شامل آهن. هڪ ثقافت کان ٻي ثقافت ۾ حسن جا معيار ۽ ماپا ڪٽي ڌار ڌار هجن پر ڪثرت ۾ وحدت سونهن آهي. افقي (horizontal

تڏهن ٿا چئون جڏهن عمودي (vertical) به آهي. حسن جو حسن معنيٰ ته ڪا ان جي برعڪس (ڪوجهي) شي به آهي. اڃاڻ، ڪاراڻ سان ۽ ڪاراڻ اڃاڻ سان سجاتي ويندي آهي. تنقيد ۾ سنو نظم چوڻ ان تي دلالت ڪري ٿو ته خراب نظم به ٿئي ٿو. خراب نظم جون ڪهڙيون خاميون هونديون آهن. ڄاڻ وارو ئي سٺي نظم جون خوبيون بيان ڪري سگهي ٿو. آئون صدارت جو فائدو وٺندي ڪجهه ڳالهائيندس.

نظم ۾ اکين کي بادامن جي جوڙي سان تشبيهه ڏيڻ مان، مون کي لڳو ته اها ڪٿي انگريزي نظم ۾ غالبن انٽرنيٽ تي پڙهي اٿم... ها look of a pair of almond-shaped eyes of woman.

'معذرت سان (sorry to say)، شاعر جي هن نظم کان اڳ سندس ڇپيل ڪتابن ۾ موجود نظمن بابت خيال اهي ته انٽرنيٽ تان ورتل تخيل آهي. ان ۾ شڪ ڪونهي ته نظم شاندار آهي. نظم ۾ پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي جو مٺاڻ به آهي. ڀٽائي جا ڪيترا بيت مثنوي مولانا روم جي شعرن جو ترجمو آهن، پر ڪمال ۽جمال ڀٽائي جو اهو آهي، جو هڪ هڪ بيت پنهنجي ثقافتي ٻولي ۽ ماروئڙن جي احساس سان واسيل آهي. گڏجاڻي ۾ ڪيتريون نيون ۽ وٽندڙ ڳالهيون ٻڌڻ ۽ سکڻ لاءِ مليون. آخر ۾ عالمي ادب مان حسن بات مشهور سٽون ۽ جمال شيئر ڪندس. خليل جبران جو تخيل آهي،

Beauty is not in the face, beauty is a light in the heart.

(سونهن چهري ۾ ڪانهي. سونهن سيني جو سوجهرو آهي). ڪيٽس جو ذڪر تي چڪو. ٻي سٽ اٿس،

Its loveliness increases,
It will never pass into nothingness.

(سونهن جي سهٽائپ وڌندي رهندي. ڪڏهن زوال ڪو نه ايندس.)

هيلن ڪيلر دنيا جي انهن عظيم هسين مان هڪ عورت هئي، جنهن نابينا هوندي ڏسڻ وارن کان به گوءِ ڪٽي ويئي. هن جو حسن بابت چوڻ هو:

The best and most beautiful
Things in the world cannot be
Seen or even touched, they must
be felt with the heart.

(حسين شيون اُهي ڪونهن، جن کي اسان ڏسي سگهون، ڇُهي سگهون. حسن محسوس ڪرڻ جي شي آهي. محسوسات دل سان تعلق رکي ٿي.)

'ان مان ثابت ٿئي ٿو ته جماليات داخلي ادراڪ جو اظهار آهي. خارجي وجود رکندڙ شيون ۽ تصور دليلن سان ثابت ڪرڻ ۾ علمي ۽ ذهني قابليت درڪار آهي. پر دل جي محسوسات ٻي شي آهي، جيڪا لفظن ۾ بيان ڪري نٿا سگهون. انگريزي شاعريءَ مان ڪجهه سٽون ٻڌائيندس.

I slept, and dreamed that life was beauty,
I woke, and found that life was duty.

(ننڊ پئي سُپنو ڏٺم- زندگي خوبصورت آهي. جاڳندي ڏٺم- زندگي جوابداري آهي)

ذميداري نار جو ڏاند آهي. ان جي پيٽ ۾ وٽت ذميداري کان آزاد آهي. جوءِ سهٽي هوندي به ذميداريءَ سببان وٽندي گهٽ آهي. زندگي پڻ ذميداريءَ سبب مشڪل ۽ خوفائتي آهي. خواب ۾ شيون، خاص طرح سان ماضي جا سپ مظهر وٽندا آهن، جو ذميداريءَ جو بار نٿا وجهن. '

nooonsince@hotmail.com

# دردونديءَ جو ديس...



ڊاڪٽر مرلي ڌر

هوءَ سورنهن سالن جي مس ٿي هوندي. سهٽي- ڪير وانگر ڇٽي. پشتو سمجهندي هئي. ڪا ڳالهه پڇوس ته ڏاڍي غير سنجيد گيءَ سان، هيڏي هوڏي ڏسي، ڳالهه ئي لنوائي ڇڏيندي هئي.

ڦهريون ڀيرو ڪنهن مائٽ سان گڏجي او. پي. ڊي ۾ آئي.

"ڪهڙي تڪليف اٿس؟" مون هن جي مائٽ کان پڇيو.

"پيشاب نه ٿو ٻيهيس." هن جي وارث وراڻيو.

"..."

"پيٽ سان هئي. پورن مهينن جي پيٽ سان." ائين چئي هو چپ ٿي ويو.

"پوءِ؟" مون چيو.

"ريشمان کي ويم جا سور اٿيا. گهر جي پڪي پوڙهين، ٻار ڄڻائڻ جا وڏا جتن ڪيا. پر ٻار پيدا نه ٿي سگهيو." هو وري مون ڏانهن نهاري. ريشمان ڏانهن نهارڻ لڳو.

"..."

"ڊاڪٽر، پنتي پيل علائقي جي نهايت پنتي پيل ڳوٺ جي دائي کي آندوسين. انهيءَ به وڏا وس ڪيا. پر ٿيو ڪجهه ڪونه." هن اکين ۾ تري آيل لڙڪن سان ڪلهي تي رکيل پوتڙي سان پنهنجو مٿو ۽ پيشاني اگهي.

"واٽ شُڊ بي دَ ريزن؟" ساٿي ڊاڪٽرياڻي پڇيو.

"ڦهريون ٻار هو. ڇوڪري عمر جي ننڍي هئي. هن جو هيٺيون ڌڙ اڃا پوريءَ ريت جوان نه ٿيو هو. ٻار جو مٿو ڦاسي پيو. جيڪو ٻاهر نڪرڻ لاءِ زناني عضوي تي ٻوجهو ڊاري رهيو هو. زنانو عضوو ۽ مثانو هڪ ٻي جي ويجهو ٿين. اڳيان ۽ پويان واريون هڏيون، زناني عضوي ۽ مثالي کان سخت هجن ٿيون. جڏهن ته ٻار جو مٿو، زناني عضوي تي زور لڳائي رهيو هو. ۽ ان حصي ۾ رت جي رسد کي روڪي رهيو هو. ۽ خون جي ڪميءَ باعث اهو هوريان هوريان سُسي چڪو هو. ۽ ٻار جي ٻاهر اچڻ جا سڀ فطري گس بند هئا."

"ڊاڪٽر صاحب، ڇا ٿا سوچيو؟" هن جي مائٽ بيقراريءَ مان پڇيو.

"ڇو، ويجهو ڪا اسپتال نه هئي؟"

"اسان کان ڏاڍو پري. ۽ سواريءَ جو به ڪو جوڳو بندوبست نه هو. ٻيو ته اسين، 'آٽين ۽ چاڙهين ڌت ڌهاڙي' وارا ماڻهو. پنَ-سِنَ ۽ پٽ-سَٽ ڪري شهر پهتاسين..." هن چيو.

"هينئر ڏاڍي دير ٿي چڪي آهي؟" مون چيو.

"اسانجي وس ۾ ڪجهه به نه هو ڊاڪٽر صاحب."

مجبوري ۽ بيوسي هن جي اکين مان پڌري هئي.

"ڊاڪٽر صاحب، منهنجو خيال آهي ته ٻار جو مٿو زناني عضوي ۾ ڦاسي پوڻ جي ڪري، ٻاهر نڪرڻ لاءِ زور ڏنا هوندا. ۽ هو ڏانهن زناني عضوي کي رت نه پهچڻ ڪري، عضوو سسي ڳري ويو هوندو؟" منهنجي پاسي ۾ بيٺل ساڳي ڳائني جي ڊاڪٽرياڻي ڳالهايو.

"ها، اوهين درست آهيو. وقت ڏاڍو ضايع ٿيو. ۽ ٻار اندر فوت ٿي چڪو. ڇاڪاڻ ته زناني عضوي ۽ مثاني جي وچ ۾ سوراخ ٻڌجي پيو هو."

"اهو به چڱو جو مئل ٻار ئي سهي، پر ڊاڪٽرياڻي ڄڻايو ته!!" ليڊي ڊاڪٽر چيو.

"آئون پنهنجي پورن ۾، ريشمان بابت ويچارن ۾ گم هوس. 'عورت، جيڪا ڪائنات جي سونهن جو سرچشمو آهي، جيڪا فطرت جي ڪارج کي، وجود جي گهراين مان ڪنهن ٻي وجود کي تخليق ڪري، قدرت جي سونهن کي ازل ابد تائين جاري رکيو اچي- جڏهن عورت جي وجود ۾ ٻيو وجود نسرڻ لڳندو آهي ته هوءَ ڪيڏي نه سرشار ٿي ويندي آهي، ڏيءَ ٿيندي ته هي نالو رکنديس. پٽ ٿيو ته هو نالو...' هيءُ معصوم ۽ خوبصورت ڇوڪري معقول طبي انتظام نه هئڻ ڪري موت جو گراهه ٻڌجڻ کان بچي ته ويئي پر ڪيڏي نه تنها آهي. مڙس طلاق ڏيئي گهران تڙي ڪڍيس. ماءُ-پيءُ غريب... ۽ مٿان هي آزار!!"

"پيشاب جي نه رڪجڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي، ڊاڪٽر صاحب؟"

ليڊي ڊاڪٽر جي سوال تي مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

"ها، سبب اهوئي زناني عضوي ۽ مثاني ۾ سوراخ."

"انجو علاج؟"

"هن جو آپريشن ڪري، سوراخ بند ڪرڻو پوندو." مون چيو.

"ريشمان ٺيڪ ته ٿي ويندي نه؟" هن ٻيهر پڇيو.

"ڪوشش ڪرڻ پنهنجي هٿ-وس آهي. ۽ باقي ڪم..."

"ڪاش، هن دردونديءَ جي ديس جي ڪو سارَ لهي؟" ليڊي ڊاڪٽر ٿڌو شوڪارو ڀريو. ۽ او. پي. ڊي کان ٻاهر نڪري ويئي. ■

## امداد جي اپيل...

ٺٽي الهيار جو نوجوان ليکڪ باغي ذوالفقار مجيداڻو ڪاري سائي جي بيماري باعث جيري جي ٽرانسپلانٽيشن جو گهرجائو آهي. مسڪين ليکڪ جي واهُر لاءِ اسان سيني سَرَندي وارن کي مالي ۽ اخلاقي مدد جي اپيل ڪريون ٿا.

رابطي لاءِ فون: 0333-2836199، 0304-5399550

-ادارو




مان هاڻي محبت فقير کي چوندس ته هو اچي اوهان کي سڀ ڳالهيون ٻڌائي.

وريام فقير ائين چئي پوئتي ٽيڪ ڏئي آرام سان ويهي رهيو. مان پرواري ماڻهو ميرڻ مريءَ جا وريام فقير لاءِ چيل لفظ ٻڌي ڪاوڙجي پيو هوس. چاڪاڻ ته حر جماعت ۾ هن ماڻهوءَ جي بي انتها عزت ڪئي ويندي هئي. هن ۾ شخصي طور تي ته ڪٽي ڪابه ڳالهه ڪانه هئي، پر هو بچو بادشاهه جو پٽ هو. ان ڪانپوءِ محبت فقير ڳالهائڻ شروع ڪيو. اسان فقيرن جو پهريون فرض ته اهو آهي جنهن جو ذڪر وريام فقير ڪري چڪو آهي، يعني حڪومت کي مجبور ڪجي ته جيئن اها پير سائينءَ کي آزاد ڪري. توهان کي اها ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ضررو اُڻ تڻ هوندي، ته ڪيس ڪٿي رکيو ويو آهي. اسان کي هن وقت اهو پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي، ته ڪيس حڪومت ڪٿي رکيو آهي. پر شڪ آهي ته هو دکن ۾ ڪٿي بند آهي. ڪيترا فقير انهيءَ علائقي جي لوڙهن ۾ رهن ٿا، جن کي چيو ويو آهي ته اتان جي سيني جيلن مان اهڙو پتو ڪن. ان سان گڏ اسان جو جهيڙو به شروع ٿي ويندو. پهرين ڳالهه اسان کي هيءَ سمجهڻي آهي ته اسان کي پنهنجيءَ سگهه جو ايترو اظهار ڪرڻو آهي، جيڪو حالتن مطابق مناسب ۽ پير سائين جي آزادي لاءِ ضروري هجي. ڪانگريس جا ميمبر مرشد سائينءَ جي عزت ڪندا آهن. جيڪڏهن اهي سندس آزاديءَ لاءِ حڪومت کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪندا ته اهو جلد آزاد ٿي سگهي ٿو. اسان به ڪانگريس لاءِ مخلص آهيون. هو جيڪڏهن ائين ڪندا ته اسان کي بي انتها خوشي ٿيندي. انهيءَ لاءِ نه ته اسان جهيڙي جي جهنجهٽ کان آجا ٿي پونداسون، پر سائين هتي پهچي پنهنجي رٿابندي موجب انگريزن سان اچي (گوريلا) جنگ جي شروعات ڪندو. انهيءَ ڪري اوهان غازين کي ڪي وڏا هٿيار ڪٺا نه آهن، جيڪي پير سائينءَ، انگريزن کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ گڏ ڪري رکيا آهن. انهن هٿيارن کي سندس حڪم تائين هٿ لائڻو نه آهي. جيل مان آزاد ٿي اچڻ ڪانپوءِ جڏهن پاڻ پنهنجي ڪمانڊ تحت جنگ جي شروعات ڪندو ته اهي هٿيار به پنهنجي مرضيءَ موجب ورهائيندا.

تنهن ڪري اسان مان هر هڪ کي پنهنجا هٿيار ڪم آڻڻا پوندا ۽ پوليس کي ڏيڻ لاءِ رشوت جي پئسي جو به اسان کي پاڻ بندوبست ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ اثر رسوخ وارن ماڻهن کي ڏيڻ ۽ پير سائين سردار جي خزاني ۾ جمع ڪرائڻ واسطي به پئسي لاءِ اسان کي ئي هٿ پير هڻڻو پوندو. توهان چڱيءَ ريت سمجهو ٿا ته اهو ڪيئن ٿيندو. ان کان پوءِ ٻي اهم ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪي ماڻهو حر جماعت جي ڳجهين ڳالهين کان واقف آهن، انهن مان جند ڇڏائڻي پوندي. چاڪاڻ ته اهي ڦِري ويا آهن ۽ راز واريون ڳالهيون حڪومت کي ٻڌائي رهيا آهن. اهڙن ڪارمنهن جي فهرست تيار ڪئي وئي آهي. ٻين مکن سان صلاح مشوري ڪانپوءِ ضرورت مطابق انهيءَ فهرست ۾ ٻين نالن جو پڻ واڌارو ڪيو ويندو. هنن ٻنهي ڳالهين جي ڏس ۾ اڳي به گهڻو ڪجهه ٿي چڪو آهي، پر نظر ائين اچي ٿو ته اهڙيون ڳالهيون حڪومت کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪونه ڪنديون. باقي ٽين ڳالهه رهيل آهي، جنهن لاءِ سائينءَ جن جيل مان آزاد ٿي اچڻ ڪانپوءِ اسان کي طعنو به ڏنو هو ته اسان اهڙيون ڳالهيون ڪونه ٿا ڪريون، جيڪي اسان کي ڪرڻ گهرجن. يعني اسان کي ريل جو نظام درهم برهم ڪرڻو آهي، واهن کي ڪنڊ هڻڻا آهن ۽ تار واري رابطي جي نظام کي تباهه ڪرڻو آهي. توهان کي ستت ئي اهڙيون خبرون پئجي وينديون ته اتر سنڌ جي غازين ان ڏس ۾ کهڙيون ڪارروايون ڪيون آهن. مان اهڙي ڪمانڊ لاءِ جلد ئي اوڏانهن هليو ويندس. انگريزن سان هتي به جهيڙي جوٽڻ لاءِ انتظام ڪيا ويا آهن.

اهڙي ريت اسان جهيڙي جوٽڻ جي شروعات ڪري رهيا آهيون. پر جيڪڏهن حڪومت پنهنجي هوڏ تان هيٺ نه لٿي ته اسان پنهنجون ڪارروايون وڌائيندا رهنداسون. اسان جنگ جو انتظام هن ريت رکيو آهي ته غازين جي ٽولي پنهنجي مقرر ايراضيءَ اندر ڪارروايون ڪندي. ڌاڙن وسيلي هٿ آيل قيمتي ڳهن ڳٺن ۽ پئسي ڏوڪڙ جو وڏو انداز پير سائين سردار جي خزاني ۾ جمع ڪرايو ويندو. اهڙين ڪارروائين وسيلي هٿ آيل هٿيارن بابت فيصلو ٽوليءَ جو اڳواڻ ڪندو. پر ان باري ۾ وريام فقير ۽ نوري وساڻ جا حڪم آخري ۽ فيصلائتا سمجهيا ويندا. جهيڙي جهٽي جي ڇيڙيءَ نبيريءَ لاءِ به ڪين ۽ مون کي اطلاع ڏنو ويندو. توهان کي هيءَ ڳالهه پڻ ياد رکڻ گهرجي ته پير سائين مون کي پنهنجو بااختيار نمائندو مقرر ڪيو آهي.

ان ڪانپوءِ محبت فقير مُکن جا نالا پڙهي ٻڌايا. ڪيترن ماڻهن ڪانئس سوال ڪيا جن جا هن جواب ڏنا ۽ گڏجاڻي ختم ٿي وئي.

مان اتان اٿي مک فقير سان وڃي ميلس. بعد ۾ بابو مون کي وٺي حسن وٽ آيو، جيڪو منهنجو اڳواڻ ٿيڻو هو. مان ڪيس سڃاڻيندو هوس. حر جماعت ۾ سندس گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي. مان سمجهان ٿو ته تو به هن کي ڏٺو هوندو، جيڪو آڏو اگهڻ ۾ مشق ڪندو رهندو آهي. هن مون کي اهميت گهٽ ڏني. ان هوندي به ائين ڪونه چوندس ته هو اهل فقير ڪونه آهي، يا منجهس اڳواٽيءَ ڪرڻ وارو جوش جذبو ڪونه آهي يا وري هو عزت جي لائق نه آهي. ساڻس ڪيل ملاقات واري سچي ڳالهه هن ريت آهي ته، هو مون سان رکو مليو، جڻ تتو ويٺو هو. پوءِ هن بابي ڏانهن منهن ڪري ڪيس چيو ته جيڪڏهن هي جوان اسان جي ٽوليءَ ۾ ڪو سٺو ڪم ڪري نه سگهيو ته اها منهنجي اوڻائي نه هوندي. مان سندس هر ضرورت جو جو خيال رکندس ۽ ڪيس اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏيندس. منهنجو فرض آهي ته مان ڪيس اهم ڪارروائيءَ لاءِ موقعو ڏيان، پر ڪارڪردگي سندس هوندي. محبت ۽ وريام سانگهڙ روڊ کان اتر مکيءَ ۽ جمڙائو جي وچوارو علائقو منهنجي حوالي ڪيو آهي. هن کان وڌيڪ ٻي کهڙي سٺي ڳالهه آهي. هن جوان بابت عيسيٰ مون کي ٻڌايو آهي ته سائين رکيو همت ۾ ٻن ماڻهن جي برابر آهي. بعد ۾ منهنجو هيءُ دوست مون کي پاڪر پائي مليو ۽ ٻاهر وٺي ويو. مون کي پنهنجي ٽوليءَ جو سربستو

احوال ڏنائين، جنهن مان معلوم ٿيو تہ هن ٽوليءَ جو هر هڪ جوان جوڌو ۽ مٿير مڙس هو.

ٿوري دير ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڪانپوءِ اسان موٽي مک فقيرن وٽ آياسون. مون کي ٻڌايو ويو تہ مان هر وقت روپوش ٿيڻ لاءِ تيار رهان ۽ مناسب موقعي تي ائين ڪري پنهنجي ٽوليءَ جي اڳواڻ سان اچي مکيءَ ۾ ملان. اهڙي ضرورت محسوس ٿيڻ تائين، مون کي پنهنجي گهر رهڻ گهرجي. مون کي اهڙي اطلاع ڪرڻ لاءِ پڻ بندوبست ڪيو ويو هو. ان ڪانپوءِ مان مکيءَ وڃڻ لاءِ آتو وينو هوس. مون کي گهر واريءَ کي ڇڏي وڃڻ جو ڪو ڏک ڪونہ هو. مون کي ٻہ ٽي سنگتياڻيون هيون، جنهن ڪري هوءَ ڪجهہ پريشان رهندي هئي. منهنجو پٽ هاڻي ڪجهہ وڏڙو ٿي ويو هو، جيڪو ننڍيون وڏيون شرارتون ڪندو هو. مون کي اها ڳڻتي هئي تہ مان هن کان گهڻو وقت پري رهندس. مون کي پڪ هئي تہ امڙ هن کي پڪو حر بڻائي ڇڏيندي. پنهنجي پيءُ جو مون کي ڏک ضرور هو. سندس مقدر ڪو سٺو ڪو نہ هو، پر مان ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ ٿي سگهيس. هوءَ اهڙيءَ ڪرامت ٿيڻ لاءِ واجهائي رهي هئي تہ جيئن هو ڪو نوجوان مرد ٿي پوي. منجهس ڏاڍو جوش ۽ جذبو هو ۽ امان جيان ڏاڍي دلير هئي پر ڏاهي تہ ان ڪان بہ گهڻي هئي. هن مون سان وعدو ڪيو هو تہ هر ڳالهہ ڏانهن سچيتائيءَ سان ڌيان ڏيندي ۽ منهنجي روپوش ٿيڻ ڪان پوءِ اوسي پاسي جيڪو وهندو واپرجندو تنهن بابت سارو احوال مون وٽ پهچائيندي.

ٿوري وقت اندر مختلف غازين جون ٽوليون، پنهنجي ڪارروائين ۾ جنبي چڪيون هيون. مان تو کي اهو ڪونہ ٻڌائيندس تہ مٺوءَ ۽ امام بخش کهڙيون ڦهريون ڪارروايون ڪيون هيون يا انهن اڳواڻن ڇا ڇا ڪيو هو. جن کي هالا ۽ شهدادپور واري جوءِ حوالي ڪري ڏني وئي هئي. پر تون اها ڳالهہ چڱيءَ ريت سمجهي سگهين ٿو تہ غازين جي مختلف ٽولين ۾ ڪهڙا جذبا پيدا ٿي چڪا هئا؟ ۽ سندن مددگار ماڻهن جي دلين ۾ ڪهڙا امنگ ۽ اڌما هئا؟ مان بہ پنهنجي اڳواڻ کي اهو ڏيکارڻ لاءِ تڙپي رهيو هوس تہ سندس ٽوليءَ جا جوان بہ ٻين ارڏن ۽ اڻموٽ جوانن کان پوئتي ڪونہ آهن. مان تو کي ٻڌايان ٿو تہ اسان کي ڪارروائي ڪرڻ جو ڦهريون موقعو ڪهڙيءَ ريت مليو هو؟

نوابشاهہ جو پوليس ڪئپٽن هڪ بندري قد جو انگريز هو. سندس ڳاڙهو گول منهن بہ ننڍڙي ٻار جهڙو هو. سندس دماغ ۾ هيءَ ڳالهہ وڌي وئي هئي تہ حر جماعت جي ڪاررَوين جو صدر مقام گڙنگ وارو بنگلو آهي. سندن ڪارروائين ۾ ڪم ايندڙ هٿيار وغيره هتي رکيا ويندا آهن، تنهن ڪري هو وڏي پوليس اٽالي سان اچي گڙنگ پهتو ۽ اعلان ڪيائين تہ هو هن بنگلي جي هيٺ کان وٺي مٿي تائين تلاشي وٺندو. مون کي خبر ڪانہ آهي تہ اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڦهري تي ٻيٺل غازين کي ڪهڙو حڪم ڏنو ويو هو؟ پر ان وقت مٿن اهو فرض هو تہ پير سائينءَ جي گهرو ملازمن سان گڏجي هن پوليس ڪئپٽن کي هيءَ ڳالهہ سمجهائين تہ سندس هن ڪارروائيءَ جي ڪري حالتون وڌيڪ ڳنڀير ٿي وينديون. چاڪاڻ تہ گهر ۾ اندر پاڪ ۽ شهزادا موجود هئا. سندس مائٽن مان ڪو بہ عاقل بالغ مرد هنن سان گڏ ڪونہ هو. هنن ڪيس سنئون سڌو ٻڌائي ڇڏيو تہ جيڪڏهن مرشد سائينءَ جي غير موجودگيءَ ۾ تلاشيءَ جهڙو ڪڌو ڪم ڪيو ويو تہ حرن لاءِ بہ ڦهري ڪارروايون ڪرڻ ناگزير ٿي وينديون، پر انگريز عملدار پنهنجي هوڏ تان هيٺ ڪونہ لٿو. هن چيو تہ مان پاڙي جا معزز ماڻهو مشير طور پاڻ سان گڏ آندا آهن، جيڪي ڏسندا تہ تلاشي عزت آبرو سان عمل ۾ آئي ۽ اندر رهيل پاڪن ۽ شهزادن کي ڪا تڪليف ڪانہ ڏني ويندي. گهڻيءَ ريڙهہ پيڙهہ ڪانپوءِ غازي تلاشيءَ دوران هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري تائين انگريز عملدار ۽ پوليس جي ڪڍ هلندا رهيا. هنن ڏٺو تہ اهو انگريز ڪامورو ۽ پوليس وارا هر جاءِ تي نوس نوس ڪندا ٿي رهيا. مذڪوره انگريز سان آيل ٻن مشيرن مان هڪ مسلمان ۽ ٻيو هندو هو جنهن جو تعلق گهندڻ واري ڳوٺ جي پئنچات سان هو. هن هندوءَ کي سيد جي حويلي اندر وڃڻ جي جرئت ڪانہ ٿي، جيڪڏهن هي ڪافر ائين ڪري ها تہ غازي ڪيس اتي جو اتي قتل ڪري ڇڏن ها. هن انگريز کان ائين ڪرڻ کان معافي ورتي هئي، پر هو انهن پوليس عملدارن سان گڏ هو جيڪي گهر جي اڱڻ جي تلاشي وٺي رهيا هئا. هن دروازي جي چائنٺ وٽ پير رکيو ئي مس تہ قتل ٿي ويو.

هن تلاشي ۾ ڪين ڪک بہ ڪونہ مليو. هڪ شهزادي پو ڳ خاطر پنهنجي هوائي بندوق ڪٽي انگريز پوليس ڪئپٽن کي ڏني، جنهن سان هو ٻيرا ۽ ڪبوتر شڪار ڪندو هو. هن چيو تہ جيڪڏهن سرڪار کي هن جي ضرورت آهي تہ حاضر آهي. سندس اها ڳالهہ ٻڌي اهو انگريز پنهنجي ناڪاميءَ جي ڪري پريشان ٿي ويو. ان ڪانپوءِ هن ٻاهر زيارت جي مقصد سان ايندڙ حرن جي رهڻ لاءِ ٺهيل جڳهن جي تلاشي شروع ڪئي، جيڪي پوليس اسٽيشن تي ٺهيل جڳهن جيان هڪ قطار ۾ ڏاڍيون سهڻيون ٺهيل هيون. انهن جڳهن ۾ ٻن ٽن هزارن مريدن جي رهڻ جي گنجائش هئي. ان ڪانپوءِ هو رڌپچاءُ واري حصي ڏانهن بہ ويا، جتان جون منهيون ڪاٺ ۽ ڪکن جون ٺهيل هيون. هڪ ڪلاڪ جي تلاشيءَ دوران اتان جي هر شيءِ داڙا ڦاڙا ڪري، ساڙي رک ڪري ڇڏيائون.

مان پنهنجي هن گنهگار اکين سان اهو دونهون ڏٺو. مان ان وقت شام جو پنهنجي سنگتياڻي ڪماليءَ سان، منڌار پنيري جي ڳوٺ ۾ وينو هوس. هي ڳوٺ گڙنگ جي بلڪل پرسان آهي. مان حقيقت جي خبر لهي اهڙو نياپو مکيءَ جي فقيرن ڏانهن موڪلي ڏنو. مون کي يقين ٿي ويو هو تہ ٻئي ڏينهن تي مون کي ڪارروايُن ڪرڻ لاءِ ضرور گهرائي وٺندا. مان وڃڻ لاءِ ڏاڍو اتاولو هوس ۽ چاهيم پئي تہ زال کي مان الهہ واهي چئي، ان رات ئي مکيءَ هليو وڃان ڇاڪاڻ تہ ان شام جو مون کيس ماريو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو مون کي اڇڻ جو نياپو مليو جنهن جو مون کي اوسيئڙو بہ هو. مان ان وقت پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوک کي پاڻي ڏئي رهيو هوس تہ هڪ ڇوڪرو جهنگل جي وٽ کان ظاهر ٿيو ۽ اچي مون کي چيائين تہ سائين رکيو پٽ واليڏنو تون آهين؟ تنهن تي مون ڪيس چيو، هائو. ان ڪانپوءِ هن چيو تہ تنهنجا دوست هوڏي (مٿي سان اوپر - اتر ڏانهن اشارو ڪندي) تو کي دعوت کائڻ لاءِ سڏي رهيا آهن. سندس ڳالهہ ٻڌي مون کانئس پڇيو، 'ڪهڙيءَ جاءِ تي؟' تنهن تي هن اها جڳهہ ٻڌائي ۽ هن وڌيڪ چيو تہ رستي ۾ پاڻي آهي تنهن ڪري تو کي وڪڙ ڪري او ڏانهن وڃڻو پوندو.

مون سندس ڳالهہ سمجهي ورتي ۽ جهٽ ئي گهر ويس ۽ سيني کان موڪلايم. امان تہ گهڻيون دعائون ڪيون. پر منهنجي ناريءَ جي نيڻن مان نير اٿلي پيو. ننڍڙو واليڏنو بہ ڪبرا ڪرڻ لڳو. اهو ڏسي منهنجو جيءُ جهري پيو. مان ڪيس ڏاڍو پيار ڪندو هوس. منهنجي پيڻ جون اکيون چمڪي رهيون هيون، هوءَ چاهي پئي تہ جيڪر مان ڪيس جهيڙي لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي هلان. "اهڙا ڪيترا طريقا آهن جو هڪ ڦڙت ۽ چالاڪ ڇوڪري ڏاڍو ڪم اچي سگهي ٿي. مان فقيرن لاءِ پاڻي ڀري سگهان ٿي، ماني پچائي سگهان ٿي ۽ بازار مان ڪي اهم خبرون ڪٽي ڪين پهچائي سگهان ٿي." جيئنديءَ ڏک وچان چيو هو.

مون ڪيس ياد ڏياريو تہ تون پير سائينءَ جي انڻي آهين. تو کي هڪ عام ڇوڪري جيان هيڏي هوڏي گهمڻ گهتڻ نہ گهرجي ۽ پنهنجي عزت ۽ احترام جو احساس هئڻ کپي. تنهن تي هن وراڻيو، 'انڻي، انڻيءَ جو تہ مون تي خالي نالو آهي. مرشد سائينءَ تہ رڳو مون کي پنهنجي هٿ سان ڇُهيو هو. تنهن ڪري مان هڪ عام عورت مان انڻي ٿي پيس ڇا؟ مان سائينءَ جي هٿ جي ڇُهاءَ ڪري تہ هڪ عام عورت مان فقيرياڻي ٿي پئي آهيان. مان فقيرن سان گڏجي دشمن سان جهيڙي چونہ ٿي سگهيان؟ مون کي عورت بدران مرد تصور ڪيو وڃي."

*(هلندڙ)*



بلاول شاهہ نوراني جو ڦهرين خليفي محبت فقير جي مزار

# اسٽيل جا پنج گلاس...





ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**جڏهن** نعيم احمد شيخ کان بابو ساوا گلاس وٺي واپس پهتو ته شيشي جا اهڙا گلاس ڏسي امڙ کي ته خوشي ٿي پر ڏاڏي اداس ٿي وئي. امڙ ڇهه گلاس ڌوئي تختي تي رکيا ۽ ڏاڏيءَ مايوس ٿي اسٽيل جا پنج گلاس ڌوئي پاسيرا ڪري رکي ڇڏيا.

ڏاڏيءَ سوچيو، 'وقت سان گڏ شايد اسٽيل جا گلاس به هن جيان پوڙها ٿي چڪا آهن ۽ پوڙهن جو وقت ختم ٿي چڪو آهي.' اهي اسٽيل جا پنج گلاس رنڌڻي جي هڪ ڪنڊ ۾ ائين اونڌا پيا هوندا هيا جيئن زماني کان پنهنجو منهن لڪائيندا هجن. انهن تي مٽي چڙهي ويئي هئي ۽ ڪڏهن امڙ ان خيال کان انهن جي صفائي ڪندي هئي ته متان ڪنهن غريب غربي، نوڪر يا پنگيءَ کي پاڻي پيئارڻ مهل انهن جي ضرورت محسوس ٿئي. گهر ۾ شيشي جا گلاس استعمال ٿيندا هيا ۽ اسان ننڍا ٻار ڏسندا هيا سي جڏهن به ڪو اجايل مهمان تڪڙ ۾ انهن کي وات تي چاڙهي ڍڪ ڀريندو هيو ته هيٺان بيهي نظر ايندڙ ان جا ڏند آڱرين جيڏا ڊگها ٿي ويندا هيا. امڙ شيشي جي گلاسن جو گهڻو خيال رکندي هئي جيئن اهي ان جي اولاد هجن. ٻه پائر - ٻه پينر ۾ مان. جڏهن ننڍڙي پيڻ گلاس کڻي پاڻي پيڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته امڙ رڙ ڪندي هئي.

"اڙي غلامو، پيڻ کي پاڻي پري ڏي متان هٿن مان ڇڏائجي نه وڃينس."

مان ڊڪندو ويندو هيس ۽ ننڍڙيءَ کي پاڻي پري ڏيندو هيس.

ايوب خان جي ڏينهن ۾ مارشلا جي وڏي دهشت هئي. ماڻهو پوليس کان ته ڊڄندا هيا. پر فوج کي عزرائيل سمجهندا هيا. فوجي حڪومت ملاوٽ ڪندڙن خلاف باهه ٻاري ڏني هئي. هڪ حڪم ذريعي تنبيهه ڪئي وئي هئي ته 'ان کان اڳ جو فوجي دوڪانن تي وڃي چڪاس ڪن هڪ هفتي اندر سڀ دوڪاندار ملاوٽ ٿيل مال هٽائي ڇڏين.' دوڪاندارن تي ان حڪم جي ايڏي دهشت طاري ٿي وئي جو انهن ملاوٽ ٿيل سڀ شيون سنڌوءَ ۾ اڇلايون ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو رنگ اڇو ناسي ۽ ڳاڙهو ٿي ويو.

بابي جو دوست شفيع محمد جنهن جو پاڙيءَ ۾ بقالڪو دوڪان هيو. اهو دوڪان بند ڪري ٻاهر دڪي تي ويهي روئي رهيو هو. بابي ان کان روئڻ جو سبب پڇيو.

ان وراڻيو، "ماستر ڳالهه نه پڇ. ڪک نه رهيو."

"پر اهو ڪيئن؟"

شفيع محمد هڪ آهه ڀري ۽ بابي کي چيو، "ڳالهه نه پڇ. ڳالهائي نه ٿو سگهان. پهريون پاڻي پيئار ته پوءِ ٻڌايان."

بابي مونکي هٿ جي اشاري سان پاڻيءَ جو گلاس آڻڻ لاءِ چيو. مان اندر ويس ۽ امڙ مونکي گلاس ڌوئي هٿ ۾ ڏنو. ٻاهر آيس. بابي وٽ پهچي گلاس ڏنم. شفيع محمد وات تي چاڙهي هڪ ساهي ۾ پي ويو. مان به اتي ويهي رهيس ۽ گلاس پاسي کان پيو هيو. شفيع محمد ڪيس سرسري ڳالهه ٻڌائي،

"ماستر، مون کان غلطي ٿي وئي. گودام ۾ اصلي مال ۽ ملاوٽ وارو مال گڏ رکيل هيا. تڪڙ ۾ اصلي مال سنڌوءَ ۾ اڇلي آيو آهيان. ۽ ملاوٽ وارو گودام ۾ رکيل آهي."

بابي اهڙي ڳالهه ٻڌي مٿي کي ڌڪ هنيو.

"اڙي چريا، تڪڙ جو کهڙي ضرور هيو اجايو نقصان ڪري وڌئي." بابي وراڻيو.

ڳالهين ۾ ڪنهن جو ڌيان ئي نه رهيو ته ڪو پاسي سان شيشي جو گلاس پيل آهي. شفيع محمد گودام ۾ واپس وڃڻ لاءِ افسوس مان اٿيو ته گلاس کي لت لڳي وئي ۽ گلاس دڪي تان اچي روڊ تي ڪريو. ٺِي ٺڪر ٿي ويو. بابي ڪجهه دير افسوس مان ڀڳل گلاس جي ٺڪرن ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ اهي ڪٺي روڊ جي پاسي کان رکي ڇڏيا.

چون ٿا ايوب خان جي وهاڻي کي به فوجي ڇوَ پاتل هوندي هئي. هو جڏهن رات جو ان تي سمهي اوپر ڏي منهن ڪري ڪونگهرا هڻندو هيو ته سندس وڏيون مڇون هندستان ۽ افغانستان ڏي اشارو ڪنديون هيون. ۽ افغانستان هن لاءِ خطرو هيو. ڇو جو ڪيس هر حال ۾ سوويت يونين جي مخالفت ڪرڻي هئي. امريڪا ڪيس خوابن ۾ سوويت يونين کان ائين ڊيڄاريندو هيو جيئن ماءُ ٻار کي جن کان ۽ جڏهن ننڊ ۾ پاسو ورائيندو هيو ته ڏکڻ ۽ اتر ۾ هن جون مڇون چين ۽ ايران ڏي اشارو ڪنديون هيون. خوابن ۾ هن کي مائوءَ جي هنج ۾ ويٺل ننڍڙو ذوالفقار علي ڀٽو ويٺل نظر ايندو هيو. جنهن کي مٿي تي ڳاڙهي ٽوپي پاتل هوندي هئي پر هٿ ۾ تسبيح لڙڪندي هئي. چيني نظريو، ايوب خان لاءِ هڪ دوست جو ڪافر نظريو هيو پر ڀٽي نظريي کي مسلمان ڪيو. ايوب ايران جي رضاشاهه تي دل ۽ جان سان قربان هيو ڇو جو اهو هڪ سهڻي ملڪا جو مڙس هيو. فرح ديبا چوڏهن سو سال پراڻو شراب آڇيندي هئي ۽ رضا شاهه فخر سان چوندو هيو،

"اسلام کان پهريون جو آهي، انڪري حلال سمجهڻ گهرجي. ان جي اهڙن ٽوٽڪن تي سڀ کان وڌيڪ ٺهڪ ذوالفقار علي ڀٽو ڏيندو هيو، ڇو جو اهو اڃان نوجوان هيو ۽ سندس ٺهڪن جي عمر هئي. نوجوان ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن ايوب خان جو پرڏيهي وزير هيو، تقريباً روز هن جو ننڍڙو فوٽو عبرت اخبار ۾ شايع ٿيندو هيو. ننڍي هوندي جڏهن ڀٽي صاحب جو فوٽو ڏسندو هيس ته خبر نه آهي ڇو خوشي محسوس ٿيندي هئي. ڏاڍو سهڻو هيو ذوالفقار علي ڀٽو. دل ۾ اها حسرت هوندي هيم ته جيڪر ان کي سامهون ڏسي سگهان. پلو ٿئي فاطما جناح جو جنهن جي صدقي مونکي ذوالفقار علي ڀٽو جوانيءَ ۾ ڏسڻ نصيب ٿيو. ڇو جو ان کان اڳ حڪمرانن کي ڏسڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هيو. مان جڏهن پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هيس ته هڪ حڪم نامي تحت شهر جي اسڪولن جا ٻار گڏ ڪري ورڪشاپ روڊ ڪناري تي اهو چئي گڏ ڪيا ويا ته 'ايوب خان اچي ٿو، ان جو استقبال ڪرڻو آهي.'

اسان سڀ ٻار صبح سان ورڪشاپ روڊ جي ڪنارن تي ڪنا ٿياسون. مان گهران ٿڌي پاڻيءَ جي بوتل ۽ شيشي جا گلاس کڻي آيس ته متان پاڻيءَ جي ضرورت پوي. اس ۾ بيٺي يارهن ٿي ويا ايوب خان نه آيو. روڊ تي گاڏين ۾ رعبدار فوجي اچن ۽ وڃن پيا. زور سان ٻئنڊ وڄي پئي ۽ بينڊ ماسٽر هڪ ڊگهي لٺ کي هٿ جي آڱرين ۾ ائين ڦيرائي رهيو هيو جيئن مڇر هڪليندو هجي. اهو اوچتو لٺ کي هوا ۾ اڇلي وري جهپي سيني کي حيران ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. منهنجي دل ڌڙڪي رهي هئي. اهو تجسس ته الائي ڪيئن هوندو ايوب خان، فوٽوءَ ۾ ڏاڍو خوفناڪ ۽ رعبدار آهي. ان کي سامهون ڏسي سگهندس الاءِ نه. مان بوتل مان گلاس ڀري هر هرپي رهيو هيس. منهنجو دوست گوهر جعفري جيڪو ڀڪ ۾ بيٺل هيو، اهو به هر هر پاڻي گهري رهيو هيو. گهڻي وقت کانپوءِ خبر پئي ته ايوب خان جو قافلو اچي رهيو آهي. سيٽيون وڄڻ لڳيون ۽ ايوب خان جو قافلو سرڪٽ هائوس ويندي اکين کان ائين اوجهل ٿي ويو جيئن واءُ جو جهوٽو. سيني گاڏين جا رنگين شيشا بند هيا. ايوب خان کي نه ڏسي مايوسي ٿي ۽ ان ڏک ۾ گلاس منهنجن هٿن مان ڇڏائجي روڊ تي ڪريو. مونکي تصور ۾ ايوب خان بجاءِ امڙ جو منهن گهمي ويو جيڪا ڀڄندڙ گلاس تي افسوس ڪري رهي هئي.

امريڪا جي ڌمڪيءَ سبب جڏهن ملڪ ۾ لوڪل باڊيز جي چونڊ جو اعلان ٿيو ته فاطما جناح ميدان ۾ آئي ۽ فوجي حڪومت سان مهاڏو اٽڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. شهر شهر ۾ جلسا ٿيڻ لڳا ۽ ايوب خان به برقعو لاهي سامهون آيو.

اها هڪ فوجي حڪمران لاءِ وڏي ڳالهه هئي. فوجي حڪمران ڏاڍا شرميلا پئي رهندا آيا. اهي عوام جي سامهون اچڻ عيب سمجهندا هيا. ريڊيو تي سال ٻن ۾ تقرير ڪندا هيا ته ڪڏهن ڏنل وقت تي تقرير نه ڪندا هيا. دير ڪري پنهنجي اهميت اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا. ٽائيم ڏيندا هيا نائين وڳي جو ته تقرير يارهين وڳي ڪندا هيا، جيڪا پنجن منٽن جي هوندي هئي. اهي ريڊيي تي ڳالهائيندا هيا ته ائين لڳندو هيو، 'هيءُ ريڊيو منهنجو نه آهي. ريڊيو معزور آهي. ريڊيو ظالم آهي. ڌاريو آهي. اهو ريڊيو ڪالي خان ڪاسائيءَ جو آهي جيڪو مئل ڍور کهندو هيو.'

اهي ٿلهي رعبدار آواز ۾ ڳالهائيندا هيا جنهن ۾ تڪبر ۽ وڏائي هوندي هئي. ان ڪانپوءِ نورجهان جو فوجي گانو هلندو هيو. ٽيپل ريڊيي تي ڄڻ پاڻي پوندو هيو. هر طرف ٻاق ٺي ٻاق هوندي هئي.

اهو هڪ وڏو جلسو هيو جنهن ۾ ايوب خان تقرير ڪئي.

بابا اسان سيني ٻارن کي تقرير ٻڌرائڻ لاءِ اسٽيڊيم وٺي ويو. بابا پاڻيءَ جي وڏي بوتل ۽ شيشي جو گلاس بہ ساڻ ڪنيو تہ متان ٻارن کي اڃ لڳي تہ رش ۾ پاڻيءَ ڇڪو ڪٿان ڪان آڻيندس.

اسٽيڊيم ماڻهن سان ڀريل هيو. ايوب خان سان گڏ ذوالفقار علي ڀٽو بہ آيل هيو. مون پهريون دفعو نوجوان ذوالفقار علي ڀٽي کي اسٽيج تي ڏٺو. ايوب جي تقرير کان اڳ هر هر ذوالفقار علي ڀٽو مائيڪ تي اچي سنڌيءَ ۾ چئي رهيو هيو.

”ڀلي ڪري آيا... جي ڪري آيا.“ وري هو وڏي آواز ۾ چئي رهيو هيو، ”اچي ويو، اچي ويو، ايوب خان اچي ويو.“

هن جي انداز تي جلسي ۾ ماڻهن جا ٽهڪ گونجي رهيا هيا. ايوب خان ڄاڻي واڻي دير ڪري رهيو هيو. جنهن جو سبب ٿي سگهي ٿو اهو هجي تہ ڀل اجان ماڻهو ڪنا ٿين يا سندس اهو خيال هيو تہ جيئن انتظار سبب ماڻهن کي اهميت جو احساس ٿئي. ڀٽو صاحب ماڻهن جي دل وندرائڻ لاءِ هر هر اسٽيج تي اچي اهڙي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هيو جيئن ماڻهو خوش ٿين ۽ ڳالهين مان مزو وٺن.

جڏهن ايوب خان تقرير ڪرڻ آيو تہ سڀ کان پهريون ڀٽي صاحب ايوب خان زندا آباد جا نعرا هنيا. ايوب خان تقرير ڪئي تہ اها ڄڻ فوجين کي خطاب هئي. نہ ٻائيس کي ڏڪ هنيائين. نہ مائيڪ ڪيرايائين. نہ ٻانهون هوا ۾ ڦيرائي آڱر عوام ڏي ڪيائين. ماڻهو چپ هيا ۽ ڀٽو صاحب اهڙي تقرير تي ڪنڌ ۾ ٽهڪ ڏئي رهيو هيو. ايوب خان جي تقرير ٻڌي منهنجي نڙي خشڪ ٿي وئي. بابا کان پاڻيءَ جو گلاس وٺي جيئن پيتم تہ ڪنهن جي ٺوٺ لڳي وئي گلاس وڃي پٽ تي پيو ۽ ڪناري وٽان ڀڄي پيو.

هاڻي ڪمري ۾ لڳل تختي تي ٽي شيشي جا گلاس بچيا هيا.

امڙ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو تہ هوءَ جلسن جلوسن ۽ استقبالن ۾ ڪڏهن بہ شيشي جو گلاس ڪڍي وڃڻ جي اجازت نہ ڏيندي. اهي گهر ۾ بہ استعمال نہ ٿيندا. هن اسٽيل جا گلاس صاف ڪري رکي ڇڏيا ۽ چيائين، ’اڄ ڪانپوءِ پاڻي اسٽيل جي گلاسن ۾ پيتو ويندو.‘ پر اسٽيل جا گلاس ڪنهن بہ گهر ڀاتيءَ کي نہ پئي وڻيا. ڪجھ ڏينهن تہ اسٽيل جا گلاس استعمال ٿيا پر وري هر ڪنهن جي دل چاهيو تہ پاڻي شيشي جي گلاسن ۾ پيتو وڃي.

اهو چوٿون شيشي جو گلاس هيو جيڪو ان وقت ڀڳو جڏهن ماستر نور دين هندستان کان لڏي آيو.

ماستر نور دين رنگ روپ ۽ هڏ ڪاٺ ۾ ائين لڳندو هيو جيئن گجرات يا راجستان مان آيو هجي. ڪٽڪ رنگو ۽ جسم ۾ ڀريل هيو. سندس اڳيان ٺوڙهہ هئي ۽ پاسن کان وڏا وار هيا. گهٽو ڪري ڪڙتو پاجامو پائيندو هيو. ماستر نور دين اهڙن مهاجرن مان هيو جن جي هجرت ورهاڱي کانپوءِ بہ جاري رهي. هن کي سنڌ پهچڻ ۾ ايتري دير ٿي وئي جو شهر ۾ هندن جا خالي ڪيل گهر ۽ دوڪان ڪليمن ۾ ٻين مهاجرن کي اچي چڪا هيا. خالي گهر پرجي چڪا هيا هن کي ٽڪڙ ۾ ڪا اهڙي جاءِ نہ ملي جيڪا ڪليم داخل ڪرڻ ڪانپوءِ هڪدم هن حوالي ڪئي وڃي. اهڙا ڏهہ ڪن ڪٽنب هيا جيڪي پاڙي ۾ ڪوئٽا جي هڪ پٺاڻ جي جاين ۾ اچي ڪرايي تي رهيا. اهي جايون ننڍيون ۽ ڪچ سريون هيون، جيڪي قطارن ۾ آمهون سامهون ٺهيل هيون. انهن جي وچ مان گندي پاڻيءَ جي ڪسي وهندي هئي. اهو ڪوئٽا جو پٺاڻ ورهاڱي کان هڪ سال پهريون سنڌ ۾ آيو هيو ۽ هندن کان سستي اگھ تي جايون خريد ڪيون هيون. ميمڻ پاڙي وٽ زمين جو چڱو ٽڪر ان جي ملڪيت ۾ شامل هيو، جتي هن هوٽل ٺهرايو ۽ اهو هوٽل خاص ڪري سياري مند ۾ ڀريل هوندو هيو ڇو جو ڪوئٽا ۾ برف باريءَ ڪري گهڻا پٺاڻ سنڌ جو رخ ڪندا هيا.

پاڙي وارن لاءِ اهو پٺاڻ سٺو ماڻهو نہ هيو. طبيعت جو تيز ۽ گاريل هيو. ٿوري ڳالهہ تي دونالي بندوق جا هوائي فائر ڪندو هيو. ان جا بازار ۾ ناس ۽ نسوار جا بہ دوڪان هيا. جڏهن نسوار جي دوڪان اڳيان لنگهيو هيو تہ ڏپ ايندي هئي ۽ جڏهن ناس جي دوڪان اڳيان لنگهيو هيو تہ هلڪي خوشبوءِ ايندي هئي ۽ نڪ ۾ سُرسُر ڪري ڇڪون ايندڀون هيون.

ماستر نور دين ان پٺاڻ جي جاءِ ۾ ڪرايي تي رهندو هيو. اتي گهر اندر بنيادي سهولتون موجود نہ هونديون هيون. نہ وهنجڻ لاءِ غسلخانو هيو ۽ نہ ڊنگ جو رڌڻو. هڪ ڪوٺي هئي، ان اڳيان دالو ۽ ننڍو پڌر. ننڍپڻ ۾ مان ان جي گهر ويندو هيس. ان جا بہ پٽ منهنجا دوست هيا، جن جي ٻولي تہ گهٽ سمجهہ ۾ ايندي هئي پر پوءِ بہ اهي پنهنجي زبان ۽ مان پنهنجي زبان ۾ ڳالهائي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هياسين. ايترو ياد آهي تہ اهي ٻار هوشيار هيا ۽ انهن کي ملڪي حالتن جي چڱي پروڙ هئي. گهر ۾ غسلخانو نہ هجڻ ڪري اهي ململ جي گوڏ ٻڌي بالٽي پاڻيءَ جي ڀري ٻاهر گهٽيءَ ۾ وهنجندا هيا. سنهي آلي گوڏ انهن جي جسم سان چنبڙي گم ٿي ويندي هئي. صفا اگهاڙا ڏسبا هيا. هر ايندڙ ويندڙ جون اکيون انهن ڇوڪرن ۾ هونديون هيون. ٻوڙو حجم جيڪو پاڙي ۾ ڪٽ تي ويهي ماڻهن جي حجامت ڪندو هيو. ڪم مان ڌيان هٽڻ ڪري ان ڪيترا ڀيرا گراهڪن جي مٿي ۽ منهن تي ناجائز ٽڪا ڏنا.

اهي مڪراڻي پاڙي جا بہ اوباش قسم جا جوان هيا. جيڪي ڇوڪرن کي ڏسندي ڌيان پوئتي هجڻ ڪري هلندا پئي آيا. مان ان وقت واليڏني کان شيشي جي گلاس ۾ تخم ٻالن وارو فالودو وٺي گهر وڃي رهيو هيس. ڪا خبر نہ پئي تہ اهي اچي ٽڪرايا. مان گلاس سوڌو وڃي ڀري ڪريس ۽ گلاس ڀڄي پيو. (هلندڙ)

## ڊاڪٽر رسول ميمڻ کي صدمو

جديد سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول کي هٿي ڏيندڙ هلندڙ دؤر جي وڏي قلمڪار ڊاڪٽر رسول ميمڻ جو والد محترم محمد يعقوب ميمڻ رضا الاهي سان 85 سالن جي ڄمار ۾ سکر ۾ گذاري ويو. اسين ڊاڪٽر صاحب ۽ ان جي ڪٽنب سان هن غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ عذر خواهي ڪيون ٿا.

- ادارو

## غزل



### حنيف عاطر

ڪهڙي جُهوني مڪان ۾ آهيان
ڄڻ عجب ڪنهن جهان ۾ آهيان
دوست، دُشمن جيان اڳيان آهن
مان وڏي امتحان ۾ آهيان
نانءَ منهنجي جو ذائقو هوندو
آئون تنهنجي زبان ۾ آهيان
مونکي ٻرندي ڏٺو هوائن هو
اڄ بہ اُن جي گُمان ۾ آهيان
پَل ڪوميلي ۾ ڳولي، پر آئون
هُن جي دل جي دُڪان ۾ آهيان
اوسي پاسي پٽائيؒ آ منهنجي
ڪيڏو عاطِر امان ۾ آهيان.

ٿي نہ هُن ساڻ گُفتگو آهي
دل اسانجي لهُو لهُو آهي
مونکي گهرجي ٿي خاڪ پيرن جي
توکي هِيرن جي جستجو آهي
سچ تہ ناهي جو اڪ ملائي سگهي
آرسي هُن جي روبُرو آهي
ڀور جان ٿو وڪامجي عاطِر
آدمي جي نہ آبُرو آهي.

ڇا بدن شاداب آهي رقص ۾
عرش تي مهتاب آهي رقص ۾
ڪيئن ڀَلا ٿيندي قضا دِل جي نماز
عشق جو محراب آهي رقص ۾
هر ڀَني تي عڪس تنهنجو نقش آهہ
دل جو سارو باب آهي رقص ۾
سايئان جا ڇا ٽڙيا نيرا ڪنول
ڪو مسلسل خواب آهي رقص ۾
تنهنجي هڪڙي مُرڪ جا بخشي ڇڏي
سا خوشي ناياب آهي رقص ۾
واٽ ويندي اوچتو هوءَ جو ملي
منهنجي دل بيتاب آهي رقص ۾. ■

# مُلهه مهانگو سپرين...



پرويز

اختر جيڪو پهرين پاڻ بہ غريب هو، تہ سنس پي بہ غريب. پر اُن هوندي بہ جيئن تيئن ڪري انٽرپاس ڪري هُو پرائمري استاد ٿيو. پوءِ هُن ماستريءَ دوران بہ پنهنجي تعليم جاري رکي. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ تہ هونئن بہ تعليم جو ٻيڙو ٻڏو پيو آهي. ڪاپي ڪلچر زنده باد. سو هُو بہ رڳو امتحان ڏيندي پهريائين بي.اي، ۽ پوءِ ايم.اي پاس ڪري، پنهنجو ڪيڊر چينج ڪرائي انگريزي ماستر ٿي ويو. ادب سان دلچسپي هئڻ ڪري ادبي دنيا ۾ ڪاهي پيو. واسطا وڌيا تہ تعلقات تيزيءَ سان وڌڻ ويجهڻ لڳا. پرنٽ ميڊيا ۽ پوءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا، موبائيل سيل ۽ انٽرنيٽ ماڻهوءَ ڪي الاجي ڪٿان جو ڪٿي پهچايو ڇڏي. ناماچاري ٿي، اٿڻ ويهڻ وڌيو تہ لوازمات بہ نوان نوان نڪرڻ لڳا. سنڌ ۽ ملڪ جي اديبن ۾ نالو گردش ڪرڻ لڳو. ڪراچي، ڪوئيٽا، لاهور ۽ اسلام آباد تائين پهچ ٿي تہ مڙس جي پلي پلي ٿي ويئي. اديبن جو پليٽ فارم استعمال ۾ آيو. ميڊيا جي يارن ياري نباهي. ڪجھ سياسي شخصيتن جي دعا سلام، تہ ڪن اقتداري معززين سان هٿ جوڙ ۽ ڪجھ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آيون تہ مڙگو همراهہ غريب غُربي جي هٿ ڇهڻ کان ئي چڙهي ويو. پلا پائير پاڳ سان پلا ڪنهن جي ريس!! جيڪو جڏهن چڙهي، سو تڏهن سوار.

ايئن اختر چاڙهيءَ وارا ڏاڪا چڙهندو، ڏُکهہ ۽ رَلو ڊوڙندو مڙگوئي آسمان ڪي وڃي ڇهڻ لڳو. ڳوٺ مان لڏو ڪٽي اچي حيدرآباد ۾ مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ لڳو. وڏو شهر، تہ هر شيءِ وڏي. کائڻ ۽ پائڻ جو معيار وڌڻ لڳو. يارن ۽ مهمانن جو اچڻ وڃڻ وڌڻ لڳو. گهرجي ضرورتن ۽ آرائشن ۾ بہ اضافو ٿيڻ لڳو. اٿ ويهہ وڌڻ ڪري پاڙن ڪراين جو اضافي خرچ ٿيڻ لڳو. ايئن اختر ڏنو تہ سندس مهيني جو پگهار تہ نهيو پر مڙگو گڏ ڪيل بہ ٿي ڏوڪڙ بہ پوري ڪونہ ٿي پيا. همراهہ ماڳهي قرضي پئي ٿيو. وڏو شهر ڪيس مهانگو پئي پيو.

پوءِ ڇا ڪجي؟

هڪڙُ رستو اختر کي ڪارائتو ڏسڻ ۾ آيو.

ڇونہ ڪا غير سرڪاري تنظيم Non Government Organization (اين.جي.او) رجسٽرڊ ڪرائي. هونئن بہ اين جي اوز جي وبا سڄي ملڪ وانگر سنڌ کي بہ وڪوڙي ويئي آهي. ڪيترائي ڏسٽا وائسٽا ماڻهو، قوم ۽ ڌرتيءَ جو ڀلو چاهيندڙ ماڻهو بہ هاڻ بنهہ لاهي پائي اين.جي.اوز ۾ ڪاهي پيا آهن ۽ ڄاڻندي ٻُجهندي بہ چند ڏوڪڙن عيوض پنهنيج ڌرتيءَ ۽ قوم جي ذري پُرزي جا انگ اکر ڌارين قوتن کي گڏ ڪريو پيا فراهم ڪن.

سو اختر بہ فيصلو ڪيو تہ ڇونہ موقعي جو فائدو وٺجي ۽ ڪو ڏڪ پرجي. هونئن بہ جڏهن سڄو ملڪ منصور لڳو پو آهي. ڊالرن جو مينهن اوهيرا ڪريو پيو وسي. هر ڪو گرو گنجو ٻانهن پيو لوڏي. الاجي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو، جن کي سرڪاري بيلداري بہ ڪانہ ٿي ملي، سي هينئر ’ڦونس مان سليمان‘ ٿيو. اسي هزار روپيا ماهوار پگهار پيا ڪٽن. جيڪي ڪڏهن گڏهہ تي بہ ڪونہ چڙهيا، سي اچ پي. آءِ.اي. جي اڏامن ذريعي ڪراچي ۽ اسلام آباد جا ٽوئر پيا ڪن. پوءِ اسين ڇونہ پنهنجو مستقبل روشن ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيون.

پوءِ هُن بہ، لاڙ ۾ نياڻين جي تعليم جو سڪٽو نعرو هڻندڙ هڪڙي غير سرڪاري سماجي تنظيم جي پيروي ڪندي، هڪڙي سماجي بهبود لاءِ ڪم ڪندڙ اين.جي.او رجسٽر ڪرائي. جنهن جو صدر پاڻ ٿيو، پر باقي ٻيا عهديدار بنهہ معمولي پڙهيل ۽ بي سمجهہ واڄائون ڪٽي ڀرتي ڪيائين. جيڪي رڳو پاڙي ۽ پيتي تي سندس ونگار پيا وهندا هئا. ڊونر ايجنسيز ڏانهن موڪلجندڙ ڳرن وڏن تي رڳو ڪانئن صحيحون وٺندو هو. باقي انهن کي انگريزيءَ ۾ نهيل وڇرن جي ماليت جي بہ خبر ڪانہ پوندي هئي. اردوءَ وارا ڇوندا آهن، ’جڏهن الله ميان حُسن ڏي ٿو تہ نزاڪت خودبخود اچي ويندي آهي.‘ ساڳي طرح جيڏي مهل اختر جي بہ ڪرنسي چينج ٿي، يعني ڳالهہ جڏهن پاڪستاني روپين مان ڦري آمريڪي ڊالرن ۾ ٿيڻ لڳي، تڏهن ماستر اختر ڦري اختر صاحب ٿي ويو. ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، جڏهن پروجيڪٽن مٿان پروجيڪٽ ملڻ لڳا، تڏهن هڪ پاسي اسڪيمون نهڻ لڳيون، ايسٽيميٽس جُڙڻ لڳيون، وفد فيلڊ وزٽ ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا، اويئرنيس لاءِ ڪانفرنسون منعقد ٿيڻ لڳيون، ورڪشاپ، اوپن ميٽنگون ۽ ڪارنر گڏجاڻيون ٿيڻ لڳيون. عوام ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ ريليون، جلسا ۽ جلوس ٿيڻ لڳا. ۽ اهي سڀ شيون، مڙيئي ڳالهيون ۽ هڙيئي وارداتون، تصويرن ۽ وڊيو مووِيز ڪيسيٽن ۾ محفوظ ٿي ڊونر ايجنسيز جي اعليٰ اختيارين کي ڏيکارڻ لاءِ گڏ ٿينديون رهيون. شاباش هجي ڪمپيوٽر کي، جو پرائين ريلين جي اڳيان هلندڙ ماڻهن جا چهرا بدلايو پنهنجا ڪريو ڇڏي.

ساڳي طرح ڪاغذن مان بہ فائيل ڀرجڻ لڳا ۽ فائيلن مان الماڙيون ڀرجڻ لڳيون. باقي سر زمين تہ ٽڙ جي واريءَ وانگر اهڙي جي اهڙي. نہ اُتي ڪو مينهن وٺو ۽ نہ ئي ڪا اوپڙ اُپڙي. نہ ڪو وڻ وجود ۾ آيو ۽ نہ ئي ڇانوَ ڇانورو ٿيو. اهڙي طرح ’ڀلي ڀلي‘ ٿي ويئي. هزارن جي جاءِ تي لکين روپين جا ۽ لکن جا جاءِ تي ڪروڙين روپين جا ووچر نهڻ لڳا. اختر صاحب جي هٿن ۾ پئسو سانوڻي سنڌوءَ وانگر ڪَپَ ڀري وهڻ لڳو. ’ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا کائڻ وارا.‘- ’نہ ڪير ڪُڇڻ وارو، نہ ئي ڪير پُڇڻ وارو.‘ ۽ وري ڊونر ايجنسيز جي چڪاس ٽيمن ۾ وري ڪي فرشتا ويٺل آهن ڇا؟ ’اوهين بہ ڪائو ۽ اسان کي ڪارايو.‘ واري پاليسي زنده باد تحت ٻئي ڌريون خوش. ڪنهن جي گهران ڇا ٿو ويو. هتي تہ مڙگو وڃڻ بدران آيو پئي. ڇا چئجي؟

اصل پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ بدران، رڳو پروجيڪٽ جي تعارف ۽ پبلسٽيءَ لاءِ ڪتابڙا پيا ڇپجن. غير ضروري تعارفي پمفليٽ، ڪارڊ، اسٽيڪر، چوپڙيون وغيره تي، جي هزار خرچ ٿين تہ لکن جا وڇر پيا ٺهن. رڪارڊ پيو ٺهي. انن ڏهن نوجوانن تي مشتمل اسٽاف، جيڪو ڪاپي ڪلچر جي پيداوار هئڻ ڪري، رڳو موٽر سائڪلين تي چڙهيو ڦرڙاٽ ڪڍڻ ۾ پورو. سڀ رڳو ڏيکاءُ، چڙو خانہ پُري. نوجوان ڇوڪريون بہ ڏيکاءُ خاطر اسٽاف ۾ شامل ڪيون ويون تہ جيئن ٻڌائي سگهجي تہ عورتن کي موٽيويٽ ڪرڻ لاءِ هنن خاص فيميل اسٽاف بہ رکيو آهي. چڪاس ڪندڙ ٽيم جي هڪڙي پوڙهي ڪوٽ پنجابي ڊائريڪٽر، جيڪو اين.جي.اوز هلائڻ جو ڪافي تجربو رکندڙ هو، اختر صاحب کي سمجهايو هو، ”- ’آدٽ گِلٽي نہ ٿِجانءِ.‘ يعني ڪاغذي رڪارڊ مڪمل هجي. فائيل ڪاغذن سان ڀريل هجن. باقي فيلڊ ۾ ڀلي ’ڪاريءَ وارا ڪک.‘ بہ نہ هجن. ڪنهن کي لاچار پيو آهي جو ايترا ٻيا پيسا خرچ ڪري چڪاس ڪرائي تہ ڀراڙين ۾ واقعي ڪم ٿيو آهي يا نہ؟“

سو اختر صاحب بہ هڪڙو ڄاڻو، هڪ سنجيده ۽ ڪم وارو ماڻهو، پنج پئسا وڌيڪ ڏيئي پاڻ وٽ ملازم رکيو هو، جيڪو ڪاغذن سان فائيلن جا پيٽ ڀري رهيو هو ۽ هر شيءِ مينيج ڪيو اپ ٽو ڊيٽ رکيو پئي آيو. ۽ هو ڏانهن وري اختر صاحب جا مختلف بينڪن ۾ اڪائونٽ بہ کُلندا ۽ ڀربا رهيا. توڙي جو هاڻي اختر صاحب کي اسڪول ۾ ڊيوٽي ڏيڻ جيترو وقت ڪونہ هو، پر پوءِ بہ هو صاحب آن ڊيوٽي ٽيچر هو ۽ باقاعده ماهوار پگهار وصول ڪري رهيو هو.

اهي ڳالهيون تہ سڀ ڀليون، پر هڪڙي ڳالهہ اهڙي هئي، جنهن جي ڪري اختر صاحب اڪثر ڪري پريشان رهندو هو. توڙي جو هُن کي شادي ڪئي ڳچ سال ٿي چڪا هئا ۽ سندس ڌيءَ ۽ پُٽ بہ اچي جوان ٿيا هئا. پر پوءِ بہ هُن کي گهر جو سک ڪونہ هو. شاديءَ جي پهرين رات ئي سندس ڪنوار جي ساڻس هم آهنگي ٿي نہ سگهي. اُن جو سبب ڪهڙو هو؟ سا خبر تہ پئجي ڪانہ سگهي. پر هن وقت بہ، جڏهن سندن عمر موٽڻ شروع ڪيو هو، تڏهن بہ سندن وچ ۾ سواءِ گهر گرهستيءَ جي ضروري مامرن جي، ٻي ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿيندي هئي، جنهن سان گهر جو ماحول خوشگوار بنجي. يا قرب، محبت ۽ پيار جي فضا پروان چڙهي سگهي. شروع جي ڪجهہ مهينن تائين تہ اختر صاحب انتهائي ڪوشش ڪئي تہ سندس ڪنوار جي سخت رويي جا ڪرڻ معلوم ڪري ۽ ازالو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، پر جڏهن هُن ڏٺو تہ لک ڪوششون ڪرڻ جي باوجود سندس ڪنوار جو ميڻ نہ ڳريو تہ نہ ڳريو. تڏهن هن بہ ڪيس سندس حال تي ڇڏي ڏنو. ۽ پوءِ گذريل ويهہ سال هنن ٻنهي مشيني انداز ۾ روبوٽن واري زندگي گذاريندي گذاري ڇڏيا. انهن ويهن سالن دوران ڪنهن مسڪراهٽ جو، ڪل جو يا ٽهڪڙن جو پلجي بہ سندن گهر وٽان ڪڏهن گذر ڪونہ ٿيو. جڏهن هو اڪيلا هئا، تڏهن بہ سندن وچ ۾ وڇوٽيون هيون. ۽ جڏهن هاڻ سندن

# ڪئنڊل نه ٻارڻ جو ڏک...



پير عبيد راشدي

احساس زبان کان وڌيڪ ڳالهائيندا آهن. ڪا ڳالهه اظهار ڪرڻ کان اڳ وسري ويندي آهي. يا ضبط ڪرڻي پوندي آهي پر انهي جي پڇتاءَ جو احساس هرنئين موسم جو نوحوئي پوندو آهي.“ هن سوچيو.

انهي شام بيبيءَ جي جنم ڏينهن جي خوشي هئي. ڪيڪ ڪيس ڪٽڻو هو. گهر ۾ مهمان اچي چڪا هئا. پر هو دير سان موٽيو.

بيبي ڪيس ڏسي چمبڙي پئي. ڪيس منيون ڏنيون. ۽ ٻانهن ۾ پيڪوڙي ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ ٽيبل تي وچي ويٺو.

”ڪيڪ ته موجود آهي پر ڪينڊل ڪٿي؟“ هن سوال ڪيو.

”ڪو شرير ٻار ڪٽي ويو آهي.“

هو مطمئن نه ٿيو. اندر ۾ وهم ۽ خيال ڪٽڪندا رهيس، ”ڪٿي ڪيڪ اڳي ته نه ڪٽيو ويو؟

هاڻ رڳو رسم پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس ٽيبل تي آندو ويو آهي؟“

هو وهمن جي ڄار ۾ جڪڙجي ويو.

هن لاشعوري نگاهه سامهون مهمانن جي فئمليز ڏانهن اڇلائي. ڪنهن عورت جي منهن تي مرڪ ڏسي هو سمجهي نه سگهيو ته اها مٺي مرڪ آهي يا ٽنول؟

”پر آئون ڪڏهن ڪنهجي مرڪ سمجهي سگهيو آهيان؟“ هن سوچيو.

”زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙي مرڪ ڏسبي آهي جا رُڃ وانگر هوندي آهي جيڪا سچ جي رڻ ۾ رولي ڇڏيندي آهي.“

گهر واري سامهون مرڪيس پئي.

”آئون ته گهر واري جي مرڪ به نه سمجهي سگهيو آهيان. نه وري هوءَ مونکي!! هوءَ ورلي ڪو راز ڪو ڳجهه سليندي نه ته خاموش.“ سوچ جا دائرا ڦهلجي وڃن ٿا.

”بختاور وڏو پٽ پنهنجي گهر واريءَ آڏو جهڙو ميان منو.“ گهر ڀاتي ٿورا هوندا ته گهر ڪنهن براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن جيان هڪ آواز جيان پيو لڳندو. پر جڏهن ننهرون اچيو پهچن ته گهر ڄڻ ننڍڙيون ننڍڙيون FM STATIONS!! هر ڪنهنجي پنهنجي ٻولي. لڙ، آواز پڙاڏو!! “

”ابو ڪيڪ ڪٽيو.“

بيبيءَ جي مٺن ٻاتن ٻولن ڪيس خيالن مان ٻاهر ڇڪي آندو.

بيبي جي دل رکڻ لاءِ ڪيڪ ڪٽي گهر ڀاتين ۽ مهمانن کان پرتي نويڪلي ڪرسي تي وڃي ويهي رهيو.

هلڪي روشنيءَ ۾ گهر ڀاتي ۽ آيل مهمان ڪيس آسمان جي ستارن جهڙا پي لڳا. هن آسمان جي ستارن کي ڏٺو. ۽ پوءِ سوچيائين، ”دعوت ۾ آيل مهمان ستارن جو اولڙو آهن يا هنن جو اولڙو آسمان تي آهي؟“

پولار مان ڪو ڪڙندڙ تارو ڌرتيءَ تي ڪريو. ’آئون ڄڻ ڪڙندڙ تارو. ماڻهو نه ڄاڻ زندگيءَ جي آسمان تي ڪيترا پيرا ڪڙندو ٿو رهي؟‘

”هئپي برٿ ڊي...“ جو آواز پڙاڏو بڻجي پيو. ۽ سڄو هال ڦوڪڻن جي آواز سان ڀُري پيو.

”ڪئنڊل ٻارڻ کان سوا ڪيڪ ڪٽرايو ويو!! پڪ ڪيڪ منهنجي موٽڻ کان اڳ ڪٽيو ويو آهي؟“ هو وري سوچن جي ٻوڏار ۾ هليو ويو.

”مون ته چار وڏا ڪيڪ ۽ چئن جي عدد واريون چار وڏيون ميڻ بتيون موڪليون هيون؟“

”حد ڪري ڇڏيئه. گهر جو وڏو ٿي ڪري اوپرن وانگر ويٺو آهين. ڪيڪ ڪٽ.“ گهر واري جي آواز تي خيال ٽٽي پيس. ’گهر واري ڪيترين ئي ڳالهيون در گذر ڪريو ڇڏي ڪيس نه ٻڌائيندي آهي.‘

”ڪيڪ ڪٽ، هن ڪيس پليٽ ڏني ۽ ساڳي پير تي مهمانن ڏانهن موٽي وئي.“

ڪيڪ ڪيس بي سواد لڳو. ’ڪئنڊل ڪنهن ته ٻاري هوندي!! ڪنهن ته ڪيڪ ڪٽيو هوندو؟‘

”واپسي ۾ دير سوير ته ٿي ويندي آهي. ٿورو ته ترسن ها؟“ هو وري ٻوڏار ۾ هليو ويو،

”گهر ڀاتين ڪي هوئن به منهنجو ڪهڙو خيال يا احساس؟ ڪيڏانهن وڃڻو هوندن ته ڪار جي چاٻي ۽ پئسا گهرندا. پوءِ دير سان موٽندا. ننڊ ڦٽائيندا الڪي ۾ ننڊ وه ٿيو وڃي. ڪيڏانهن ڪنهن پارٽي ۾ وڃڻو هوندن ته تياري ۾ ڪلاڪ ڇنا.“ مڪڙي جي ڄار ۾ ڦاسي پيو،

”ماڻهو ته گهر کان دوستن ۾ خوش پر دوست؟ مڙئي ڪنهن چاهه ۾ دوستي جو ڳاڏو پيو گهلجي.“ ڪيس اهو دوست ياد پيو. جڏهن انهي وٽ ويندو آهي ته پهرين ڪال ڪندواٽس. يا ميسيج موڪليندو اٿس. پر گهر کان ٻاهر مس نڪرندو دوست هجن يا گهر ڀاتي. نياٽو ٿو پوي. دوست هڪ ذاتي ٻيا ادبي. ٽيان سياسي سڀ پنهون جا يار ڀائر ادبي سنگت جا اڳواڻ. هر ٻئي سال چونڊ ٿيندي ته فونن تي ڳالهائيندا. ميسيج ڪندا وڏا ڀاڪر وجهندا. پر چونڊن کان پوءِ سڃاڻيدا به ڪونه؟“

”ابو ڪيڪ کائو پليز.“

بيبي ويجهو ايندي وات ۾ ڪيڪ وڌس. ٻالڪ جي هجت ۽ مٺو ڳالهائڻ ڪيس موهي وڌو.

”عمر ته اها بي فڪري واري. وڏو ڀائي ٿيڻ به عذاب آهي. ننڍن سان ننڍو ٿي هلجي نه ته زندگي ڏاڍي ڏکي.“ هن سوچيو.

”ابو ڪيڪ سٺو آهي نه؟“ بيبيءَ سندس سوچ رنڊي ڇڏي.

”ڪيڪ کان وڌيڪ تون سٺي مٺي آهين.“ هن ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري چمي ڏني.

”ابو منهنجا به ڪيڪ ڪٽيا ويا.“

بيبيءَ بي سمجهي مان راز تان پردو کنيو هوئن به چوري جا پير نه هوندا آهن.

”ٻه ڪيڪ! پهرين ڪنهن ڪٽيو ڪئنڊل ڪنهن ٻاري؟“ هن اندر جي ڪوڙاڻ تي ضبط ڪري مٺي لهجي مان پڇيو.

”بابا سائين.“

”ڪهڙو بابا سائين؟“

”هلو توهان کي ڏيکاريان.“ بيبيءَ ڪيس هٿ مان ورتو. ٻارڙن جي گوڙ شور ۽ مهمانن جي وچان وچان ماءُ پيءَ جي بيڊ روم ۾ وٺي وئي. بيڊ جي ديوارن تي بيبي، بيبيءَ جي ماءُ پيءَ ۽ ناناڻي آکهه جا فوٽو سينگاريل هئا. بيڊ جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي گهر واري جو فوٽو نه ڏسي ڪيس ڏک ٿيو. اوپرائپ جو احساس مٿس ڇائنجڻ لڳو.

”ابو مونکي ڪوڙ GIFTS مليون آهن. وڏو بال، ٻار بي ڊال ۽ هوائي جهاز هوائي جهاز رموٽ ڪنٽرول تي بتيون ٻاري اڏامي.“ بيبيءَ چيو.

”بيبي تنهنجو هوائي جهاز مونکي ڪيڏاهن وٺي ويندو؟“ چپن تي نه چاهيندي به جملو اچي ويس.

”هوائي جهاز ته رانديڪو آهي. پر توهان ڪيڏاهن ويندؤ؟“

”پري تمام پري جتي هُو جو عالم هجي.“

بيبي گفٽ ۾ مليل رانديڪا ٿي ڏٺا. ڄڻ هن کي ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه آيو هجي.

’جنم ڏينهن جي ڪئنڊل ڪنهن ٻاري پهرين ڪنهن ڪيڪ ڪٽيو؟‘

بيبي الماري کولي تاڪ جي اندرين پاسي ٽنگيل فوٽو ڏانهن آڱريون کنيون.

’تنهنجي انهيءَ بابي سائين رڻ ٻاري ڇڏيو آهي.‘ هن ڄڻ پنهنجي ليکي ڳالهايو. اکين ۾ پاڻيات لهي آيس.

”ابو، رڻ ڇا هوندو آهي اهو به ڪئنڊل وانگر ٻرندو آهي؟“

”بيبي زندگي جي رڻ ۾ جڏهن منافقتون ٻٽا رويا ۽ معيار واچوڙن وانگر اٿندا آهن تڏهن احساسن جي ٻرندڙ ڪئنڊل زندگيءَ کي پنيٽ ڪري ڇڏيندي آهي.“

اکين ۾ پاڻيات ڪجهه وڌيڪ لهي آيس. ديوارن تي فريم ٿيل فوٽو ۽ خود بيبي ڪيس ڌنڌلي ڏسڻ ۾ آئي.

”ابو، توهان روئو پيا. توهان جي اکين ۾ لڙڪ ڄڻ ٻرندڙ ڪئنڊل؟“

بيبي ٽشو پيپر سان سندس لڙڪ صاف ڪيا. پوءِ مٿس پنڪڙين جهڙيون پتڪڙيون ٻانهون ورائي ڇڏيون. ■



## غزل

عنايت لغاري

دل پلي ويجهي رُخ مٿي ويجهو
ڏکيو آهي مگر پلي وٺبو
پنهنجي ڪمزوري سونهن ئي آهي
هِرڪِٽي دل کي ڇا جهلي جهلبو؟
پاڻ هرتو وڃي جا ڦاسي ٿي
اهڙي دل کي چئي به ڇا چئبو
بي رُخي تنهنجي ڏک ڏنو ڏاڍو
مڪُ مٺڻ تنهنجو ڪيئن سهي سگهبو
تو وِرهَه جي سزا ڏني جيڪا
تنهن وڇوڙي کي سوڪڙي رکبو
ڪجهه وئي گذري ڪجهه ڪٽي ويجهي
دل ’عنايت‘ کي هي ڏنو ڏُلبو.

# سنڌ ۽ سياست...



**انور شيخ**

ڪو وقت هيو ڪمدار ڪاري رنگ جا هوندا هئا. جيئن ٿُٻڻيءَ ۾ ڪاريهر وَڪوڙيل، تيئن هنن جي پٽڪن جا وَرَ بہ انگڙ ونگڙ هوندا هئا. ديسي شراب جا مَٽَ پي هيڊين اکين سان هارين جي نياڻين ۾ ميريون اکيون ۽ نڙين جا نشانا ورتل. هڪ هٿ ۾ پَنَ جي ٻيڙي تہ ٻئي ۾ نيٽ جو لڪڻ.

پوتارن جا صلاحڪار هاڻي وري نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ نروار ٿيا آهن. دنيا بدلجي رهي آهي. انسانَ ٻرانگهون پائي نواڻ ۽ ترقيءَ جي راهہ تي هلندي ڏسجن ٿا. ذهن ڪشادا ٿي رهيا آهن. عورت آزاد هوائن ۾ صاف سُرَها ساهہ کڻي رهي آهي. ۽ سنڌ جي سياست ۾ بہ تبديليون آيون آهن. وڏيري ٻنگي خان، سردار ڪرڙ خان ۽ پوتار پلي ڏني جي جاءِ تي سليم صاحب، عادل صاحب، محترم جهانگير تبسم صاحب ۽ ميڊم زهزاجبين صاحبہ جهڙا جديد نالا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

ڪمدار الهڏني ۽ رتي رهزن جي جاءِ تي سيڪريٽري ڪامي صاحب، مئنيجر A.D صاحب ۽ K.K P.S.O صاحب اچي نروار ٿيا آهن. اڳي ڪمدار شڪلين ۾ ڪارا ۽ ڪوجها هوندا هئا. هاڻي سيڪريٽري ۽ P.S.O سهڻا سيبتا، ٽائي ڪوٽ پاتل رنگ جا اڇا اجرا ڊائري هٿ ۾ انگلش جا جملا رٽيل، مَٽَ جي ديسي شراب بدران انگلش وسڪيءَ جا هيراڪ.

وڏيري مرحوم جانڻ خان جي جاءِ تي هاڻي سياست جي سيٽ تي محترم سليم صاحب جلوا افروز آهي. ويل ڊريڊ، ڪلٽو ملٽو ۽ منهن مهانڊي ۾ چلڪٽو جوان آهي. پر جڏهن ڪان هو زمين تان موٽيو آهي تہ آپي ۾ ئي ڪونهي. ڪاوڙ ۽ اڻچاتل ڪرودهن جي اندر کي تپائي رکيو آهي.

سوچي پيو، ”ههڙي ڪشمڪش ۽ چڪتاڻ جي وقت ۾ جيڪڏهن بابي مرحوم جو ڪمدار ڪِرڙ خان هجي ها تہ صلاح سٽي ڏئي ها. هي فل سوٽ پهريل ڪلين شيو، ڳٽن ڪي عورتن جيان لالڙي لڳايل منهنجو سيڪريٽري ڇا ڪرڙ خان جيان اهَلُ ٿي سگهي ٿو؟“

پوتار سليم صاحب ڇتي ٻڌ تر مان گذري رهيو هيو تہ ايتري ۾ سندس سيڪريٽري مسٽر K.K صاحب ڊائري هٿ ۾ جهلي اچي سلام ڪيو.

”خير تہ آهي سَر، ڪجهہ پريشان پيا لڳو؟“

”ها K.K، مون کي لڳي ٿو سياست هاڻي اسان جي هٿن مان نڪرندي پئي وڃي؟“

”خدا نہ ڪري سائين، ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو؟“

”دنيا بدلجي رهي آهي K.K، ماڻهو هاڻي اسان سان اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائن ٿا. منهنجي هارين جا ڇورا منهنجي سامهون ڪٽ تي ويهي ٿا رهن جن جا وڏا اسان جا بوٽ اگهندا هئا - اهي اسان جي برابري پيا ڪن. تون ٻڌاءِ ڇا هاڻي اهڙين حالتن ۾ اسان هنن کان ووٽ جي اميد ڪري سگهون ٿا؟“

”بلڪل ڪري سگهو ٿا سر.“

”اهو وري ڪيئن؟“

سيڪريٽري صوفا سيٽ تي ويهندي سامهون رکيل ڊريسنگ ٽيبل جي شيشي ۾ پنهنجي وارن جي سيٽنگ جو جائزو وٺندي چيو،

”توهان کي پنهنجي روايتي سياست ۾ ڪجهہ تبديليون آڻيون پونديون.“

”مثال طور؟“

”مثال طور پوتار وڏو مرحوم. اهڙن مونجهارن جي وقت قبائلي جهيڙا ڪرائي پنهنجي برادريءَ جو ووٽ مضبوط ڪندو هيو. توهان کي ياد هوندو، گذريل اليڪشن ۾ پاڻ حال حيات هئا تہ ڪوشش باوجود بہ راڄ ۾ جهيڙو نہ پيو ٿئي تہ پاڻ پنهنجا ماڻهو موڪلي پنهنجي ئي راڄ جا ماڻهو مارايا هئائين. ۽ چالاڪيءَ سان الزام ٻئي راڄ مٿان لڳايو هئائين ۽ پوءِ توهان ڏٺو ڪيئن نہ ممڻ متو هو. ۽ خالي ٿيندڙ اوطاق ڀرجڻ لڳي هئي؟“

”بلڪل مون کي ياد آهي.“ سليم صاحب King سائيز ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي غور سان K.K صاحب جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.

”پر هاڻي جيڪڏهن اسان راڄوٽا جهيڙا ڪرايون بہ تہ اسان جو راڄ تعداد ۾ هاڻي ايترو ڪونهي رهيو جو اليڪشن کٽي سگهون؟ ڪافي ماڻهو وڏي پوتار راڄوٽي جهيڙن ۾ مارائي ڇڏيا، ڪي وري جيلن ۾ آهن تہ ڪي لڏي ترُ ئي ڇڏي ويا آهن!!“

”هاڻي اسان کي ٿورو وڏي ڪئنواس تي وڙهڻو پوندو- راڄوٽن جهيڙن جي بجاءِ اسان کي قوم پرست سياست کي هاءِ جيڪ ڪرڻو پوندو.“

”اهو وري ڪيئن؟“ سليم صاحب سگريٽ دُکائيندي K.K کان پڇيو ۽ وري انٽر ڪام تي P.A کي وسڪي ۽ گلاس موڪلڻ جو چيائين. ڪمري ۾ سگريٽن جو دونهون چڪر ڪاٽڻ لڳو تہ K.K چوڻ شروع ڪيو،

”سنڌي نوجوان خاص طور پڙهيل ڳڙهيل نوجوان، قومپرست سياست ڏانهن مائل آهن. بي روزگاري، ڪراچي جهڙي شهر ۾ مٿانئن تعليم جي دروازن جي بندش. ۽ شهري سياست جي تعصبانہ رَوِش ڪين مچرائي ڇڏيو آهي. قومپرست قيادت وٽ اهڙي جذبي کي ميڙي مُٺ کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت ۽ ڏانءُ ڪونهي. نفسياتي طور ماڻهو دولت ۽ ٺَٽَ ٺانگر کان متاثر ٿئي ٿو. هو پاڻ دولت مند ٿيڻ ٿو چاهي يا ڪنهن دولتمند جي ويجهو رهڻ ٿو چاهي. ماڻهن ۽ ڪارڪنن جي اهڙن نفسياتي مونجهارن کي نظريي جي مظبوطي ۽ ڪمٽمينٽ ئي دور ڪري سگهي ٿي. جيڪا تربيت نہ قومپرست قيادت جي آهي. ۽ نہ ئي انهن جي ڪارڪنن جي!! پيٽا خوري ۽ قبضاگيري، نظريہ پرستيءَ کي نہ پر هَوَسَ پرستيءَ کي وڌايو آهي. تنهنڪري اوهان جيڪڏهن چاهيو تہ پوري قومپرست لڏي جي طاقت کي پنهنجي مٺ ۾ ڪري روايتي سياست کي ڇڏي جديد سياست جي ابتدا ڪري سگهو ٿا.“

شراب جي بوتل، گلاس ۽ برف جا ٽڪرا ٽيبل تي پنهنجي جاءِ والاري چڪا هئا. سليم صاحب سيڪريٽري K.Kصاحب جي ذهانت کان متاثر ٿي رهيو هو. K.K کي هم پيالا ٿيڻ جي صلاح ڪيائين گلاسن جي ٽڪراءَ کان پوءِ گفتگوءَ جو ٻيهر دور هليو.

”K.K سنڌ جي قوم پرست قيادت پاڻ اهو سڀ ڪجهہ ڇو نہ پئي ڪري؟“ پوتار سوال ڪيو.

K.K گلاس مان ڍُڪ ڀري جواب ڏنو،

”قومپرستن وٽ چڱو خاصو تعداد ڪارڪنن جو تہ آهي. پر اليڪشني سياست جا جيترا ڪيڏاري اوهان آهيو. هي اهڙا ڪونهن. قومپرست سياست تمام ڏکي ۽ گهڻ رخي جدوجهد واري ۽ قربانيون گهرندڙ آهي. گڏيل ليڊرشپ نہ هجڻ ڪري هو ٽڪرن ۾ ورهايل آهن تنهنڪري توهان جي شخصيت انهن ٽولين کي ڇڪي سگهي ٿي. ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ نوجوانن جو وڏو انگ توهان پنهنجو حمايتي ڪري سگهو ٿا. ۽ هونءَ بہ قومپرستن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ رنڊڪ وجهڻ اسان جي فرضن ۾ بہ شامل آهي. قومپرستي جو لاڙو ڏيکاري پنهنجي ڪڇَ ۾ ڪري ڪم اهو ئي ڪيو جيڪو ڪندا رهندا آهيو. ان سان اسان جا آقا بہ خوش ٿيندا ۽ ايندڙ حڪومت ۾ سٺي هنڌ Adjust بہ ڪري ڇڏيندا.“

”پوءِ ان جي شروعات ڪيئن ڪجي؟“

سليم صاحب ڳوريون ٿيندڙ اکين کي زور سان کوليندي چيو.

”سولو ڪم آهي سائين، سڀاڻي هڪ پريس ڪانفرنس ڪيو جنهن ۾ اهو چئو، ’اسان سنڌ جي مفادن تي سودو نہ ڪنداسين. ۽ سنڌ اسان جي امڙ آهي. ۽ پوءِ اڳتي بہ هر هنڌ بہ لفظ ٻيا ڳالهائڻ کان پوءِ وري چئو تہ سنڌ اسان جي امڙ آهي. سنڌ جي خلاف ڪمپرومائيز نہ ڪنداسين.‘ صرف ائين چوندا رهو. باقي پلي عملي طور انهن سڀني ڌرين سان تعلقات ساڳيا ئي رکو جيڪي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ گهرن ٿا.“

”واهہ يار واهہ، اڄ تہ ڪمدار ڪرڙ خان جون سڪون ٿو لاهين. K.K صاحب اڄ تہ مونجهارن مان ئي ڪڍي ڇڏيئي.“

نشي جي حاوي ٿيندڙ ڪيفيت ۾ سيڪريٽري K.K جا هلڪا ڳاڙها ڳٽا سليم صاحب جي ڌيان کي ورغلائن ٿا. هونءَ بہ سليم صاحب ۽ K.K جي جسمن جا انگ هڪ ٻئي کان اوپرا ڪونهن. سليم صاحب، K.K کي چيو،

”اڄ پهريان وارو تون وٺ.“

ٻئي ڏينهن سليم صاحب جي پريس ڪانفرنس کان پوءِ ڳاڙهن جهنڊن جي جٿن جا رُخ سليم صاحب جي بنگلي طرف هئا. ■

# نرالي بادشاهي...



حسيب ڪانهيو

هن کي شروع کان وٺي نشي کان ڏاڍي نفرت رهي. ڀنگ، چرس ۽ شراب ته ٺهيو پر ڪڏهن سگريٽ به نه دُکايو. پر ٻه ٽي سال اڳ جي ڳالهه آهي، 'هڪڙي غير سرڪاري آفيس ۾ سڄي عملي سميت صاحب جو پهريون ڏينهن هو. ان ڏينهن هُن پنهنجي سڄي ماتحت اسٽاف کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ سيني کي آفيس جي رولز ۽ ريگيوليشنز جي باري ۾ چڱي نموني سان آگاهه ڪيائين. ان موقعي تي هن سيني کي پنهنجي طبيعت جي باري ۾ به ٻُڌايو. چاڪاڻ ته هُن چاهيو پئي ته سندس ماتحت سيني آفيس وارن کي اهو اڳ ۾ ئي معلوم هجڻ گهرجي ته کيس ڇا سُٺو ۽ ڇا خراب لڳندو آهي؟ کيس ڪهڙين ڳالهين تي ڪاوڙ ايندي آهي؟ وغيره وغيره ته جيئن اڳتي هلي هروڀرو ڪو مسئلو نه ٿيئي. سڄي ميٽنگ دوران، سيئي صاحب جون ڳالهيون ٻڌندا رهيا ۽ تائيد ۾، 'ٺيڪ آ، ٺيڪ آ سر.' چوندا رهيا پر صاحب جڏهن ڳالهائي بس ڪيو ته سڄي اسٽاف منجهان هڪڙو پٽيوالو اٿي بيٺو ۽ وراڻيائين، 'سر، مون تي اوهان هڪڙي مهرباني ڪجو.' هُن هٿ ٻڌي عرض ڪيو.

"ڪهڙي مهرباني؟" صاحب کانئس پڇيو.

"سر، ڳالهه هي آهي ته." هُو چوندي چوندي چُپ ٿي ويو.

"ٻُڌاءِ ڳالهه؟"

"سر ڳالهه هي آهي ته... سر اوهان ناراض نه ٿجو پليز."

عبدالغفور جو انداز ڏاڍو ڪِل جهڙو هو، ٻين سيني کي سندس انداز تي کل ٿي آئي. پر هُو سيئي اخلاقيات جي بنياد تي پنهنجي کل تي ضبط ڪيو ويٺا هئا. اهو جڏهن صاحب محسوس ڪيو ته پوءِ هِن ٻين سيني کي پنهنجي پنهنجي ڊيسڪ ڏي موڪلي ڇڏيو ۽ عبدالغفور کي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو.

عبدالغفور جڏهن هن جي آفيس روم ۾ اڪيلو رهجي ويو ته صاحب کيس پنهنجي سامهون ويجهو ڪري ويهاريو ۽ پڇيائينس، "ڇا پئي چيئي؟ هاڻي ٻُڌاءِ."

"سر، ڳالهه هي آهي ته مون کي آهي ٿورو چلم جو نياڳ! سو اوهان کي اهو عرض ڪرڻ پئي چاهيم ته جڏهن آئون نشي ۾ هجان تڏهن مهرباني ڪري مون سان بحش (بحث) نه ڪجو."

صاحب کي هُن جي ڳالهه تي ۽ حُجت تي ڏاڍي حيرت ٿي، پر هِن نڪو 'هان' نڪو 'هُون' هي ماٺ ئي رهيو.

صاحب جي ماٺ هُن ۾ ڪجهه وڌيڪ همت پيدا ڪئي ۽ هُن ڳالهائڻ شروع ڪيو، 'سر، مون اهو پئي عرض ڪيو ته، آئون سُلفي جو موالي آهيان. سو سائين منهنجو دماغ ڪڏهن عرش تي ته ڪڏهن فرش تي رهندو آهي، انڪري اوهان کي اهو عرض پئي ڪيم ته سر آئون جڏهن نشي ۾ هجان تڏهن مهرباني ڪري مون سان بحش نه ڪجو.'

"ڇو ڀلا؟" صاحب تعجب وچان پڇيس.

"سر، اصل ۾ نشو اهڙي شيءِ آهي جو بس آئون اوهان کي ڇا ٻُڌايان." هُن وراڻيو، "سر موالي چوندا آهن، پيءَ چرس ته گهُم عرش." هن چيو، "سو بس سر، چرس پيئڻ کان پوءِ منهنجو مٿو ون ٿائوزنڊ جي رفتار سان ڊوڙندو آهي ۽ دونهين سان گڏ اصل وڃي ستين آسمان تي پهچندو آهي."

صاحب اچرج وچان ٻُڌندو رهيو ۽ هُو ڳالهائيندو رهيو، "سر سُلفي کان پوءِ آئون زمين تي نه رهندو آهيان. ستين آسمان تي هليو ويندو آهيان. ۽ پوءِ اوهان پاڻ ئي سوچيو ته اوهان جڏهن ستين آسمان کان ٻيهي هيٺ هِن دنيا ڏي نهاريندا ته اوهان کي هي سڀ ماڻهو ته ڪيڙا ماڪوڙا ئي نظر ايندا نه! سر پوءِ اوهان پاڻ ئي سوچيو ڀلا اوهان کي ڪيڙن ماڪوڙن منجهان ڀلا ڪهڙي خبر پوندي ته هنن مان آفيسر ڪهڙو آهي؟ نوڪر ڪهڙو آهي؟ پوءِ سائين اوهان جي لاءِ ته سڀ جا سڀ مڙيئي ساڳي جا ساڳيا برابر پيا ڏسبا نه سر."

عبدالغفور جي ڳالهائڻ جو انداز ئي منفرد هو، اٽپڙهيل هوندي به صاحب کي 'سر' چئي مخاطب پئي ٿيو. هي ٽڪ ٻڌي ڏانهنس ڏسندو رهيو ۽ ٻُڌندو رهيو، هُو ڳالهائيندو رهيو، "سو سر، آئون به سُلفي جو سوٽو هڻي جڏهن نه ستين آسمان تان ٻيهي هيٺ هن زمين ڏي اک ڪندو آهيان؛ تڏهن مون کي هي سمورا ماڻهو ڪيڙا ماڪوڙا نظر ايندا آهن! گاڏين بنگلن ۽ پيئسن جي دستين تي منهنجي اک ئي نه ٻُڏندي آهي سر. اهڙو هوش خطا ٿي ويندو آهي جو ڇا ٻُڌايان اوهان کي سر. اميرن ۽ غريبن جي به ڪا سُڃاڻ نه رهندي آهي مون کي. سر اوهان کي خبر ناهي. سُلفي ۾ اهڙو ته ڪو نياڳو نشو آهي جو بس سُلفي کان پوءِ مون کي ائين لڳندو آهي جيڪڏهن آئون چاهيان ته هِن دنيا کي سُلفي جي هڪ ئي سوٽي سان اڏائي ڇڏيان."

عبدالغفور ڳالهائيندي ڳالهائيندي ذري گهٽ ستين آسمان تي هليو ويو، پر وري ڪنهن پل هڪدم عرش تان هيٺ فرش تي لهي آيو ۽ ٽڏو ٿيندي هٿ ٻڌي عرض ڪيائين، "سوري سر، سو بس مون ان لاءِ ئي اوهان کي اهو پئي عرض ڪيو ته، مهرباني ڪري نشي ۾ مون کي بخش ڪري ڇڏجو باقي ٻي اوهان کي ڪا به شڪايت ڪانه ملندي منهنجي. آئون ٻيو سڄو سارو اصل او ڪي آهيان سر." هُن هٿ جي آڱوٺي کي صاحب ڏانهن سڌو ڪندي چيو، "هنڊريڊ پرسنٽ فٽ."

صاحب ذاتي طور تي ڏاڍو خوش طبع ماڻهو آهي. کلمک ماڻهو کيس ڏاڍا وڻندا آهن، پر صاحب جو اهو اصول آهي ته هِي آفيس ۾ فقط آفيسر ئي رهندو آهي، چاڪاڻ ته آفيسر جو رويو سخت هئڻ لازمي هوندو آهي، نه ته ٻي صورت ۾ اسٽاف چوڙ ۾ نه رهندو آهي، هر ڪنهن جي حجت ٿي ويندي آهي. سختي آفيسري جي مجبوري آهي، بس انڪري آفيس ۾ هي نرمي هرگز نه رکندو آهي. آفيس ۾ هي ڏاڍو سخت هوندو آهي. عبدالغفور جون ڳالهيون ٻڌندي ٻُڌندي توڙي جو صاحب کي دل ئي دل ۾ ڏاڍي کل به اچي رهي هئي، کيس عبدالغفور وڻي رهيو هو پر هي ڪو ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ نه ويٺا هئا، هي آفيس ۾ هئا سو هن دل جي کل، دل ۾ ئي دٻائي رکي ۽ ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي. هن پنهنجي چهري تي شوخي جو ماسڪ مضبوطي سان چاڙهي رکيو.

عبدالغفور جي ڳالهه ٻُڌي کيس چيائين، "پوءِ تون اهو نشو ڇڏي ڇو ڪونه ٿو ڏين؟"

"سر، سچ ٻُڌايان ته نشو بادشاهي آهي." عبدالغفور چيو، "سر، پلي آئون اهڙي حال ۾ آهيان، پلي منهنجي حالت فقيرن جهڙي آهي پر چلم دُکائڻ کان پوءِ بادشاهه ٿي پوندو آهيان مان سر." هُن چيو، "سر، نشو اهڙي شيءِ آ جو فقير کي به امير بڻايو ڇڏي. نوڪر به بادشاهه ٿيو پوي." هُن ڏاڍي طاقتور انداز ۾ چيو، "سر، چرس جي سوٽي کان پوءِ مون کي ائين لڳندو آهي، جيئن آئون بادشاهه آهيان ۽ باقي سڀ منهنجا غلام آهن. نشو چيز ئي اهڙي آهي سر."

عبدالغفور جڏهن اهو چيو ته چرس جي سُوٽي کان پوءِ مونکي ائين لڳندو آهي، جيئن آئون بادشاهه آهيان ۽ باقي سڀ منهنجا غلام آهن، ته صاحب جي اندر جي الفت به الرجي ۾ بدلجي ويئي. هن اهو محسوس ڪيو ته ظاهر آهي ته نشي جي حالت ۾ عبدالغفور مون کي به پنهنجو غلام ئي سمجهندو هوندو، سو هن کي سندس اها ڳالهه هرگز نه وڻي! هن مُنهن ڪوجهو ڪندي چيس، "في الحال وڃ. ۽ وڃي چانهه ڪٽي اچ، مون کي رپورٽ ڏسڻي آهي. دير ٿي وئي ڪافي."

"ييس سر." عبدالغفور صفا سادو هو سو صاحب جي چهري جو ڪروڌ پرکي نه سگهيو. هُن ڏانهنس اسٽائل سان ڏنو ۽ هٿ سان چُٽڪي وڄائي وراڻيو، "اجهو اونلي فائي منٽس ۾ ڪٽي ٿو اچان سر." ۽ هليو ويو.

صاحب جڏهن آفيس جي پهرين ڏينهن سڄي اسٽاف کي پاڻ وٽ گهُرائي آفيس جي رولز ۽ ريگيوليشنز جي باري ۽ پنهنجي طبيعت جي باري ۾ آگاهه ڪيو هو ته سيني کي اهو ٻُڌايو هئائين ته، آفيس ۾ وقت جي پابندي تمام لازمي آهي. کيس وقت جي پابندي نه ڪندڙ هرگز به پسند نه هوندا. جيڪو به وقت جي پابندي نه ڪندو، اهو اِهو ڄاڻي وٺي ته پوءِ آفيس ۾ يا اهو رهندو يا صاحب. صاحب جي انهي ڳالهه کي سيني هينئين سان هنڊايو هو، ۽ هرڪو وقت تي آفيس پُهچي ويندو هو. پر ڪجهه ئي ڏينهن ۾ صاحب کي اهو اندازو ٿي ويو ته اها ئي اها ڳالهه هئي، جنهن عبدالغفور کي پريشان ڪيو هو ۽ هُن کيس پهرئين ئي ڏينهن اٿي بيهي عرض ڪيو هو ته، "سر، اوهان مهرباني ڪري مون کي نشي جي حالت ۾ بخش ڪري ڇڏجو." چاڪاڻ ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ صاحب اهو محسوس ڪيو هو ته ٻيا ته سيئي

وقت تي آفيس پُڄي ويندا هئا پر عبدالغفور جو ڪو هڪڙو ٽائيم نه هوندو هو. هُو ڪڏهن ته صُبح سوير، سيني کان اڳ ۾ اچي ويندو هو ته ڪنهن ڏينهن وري سيني کان پوءِ پنهنجي مرضي سان پيو ايندو هو.

صاحب کي عبدالغفور جي اها ڳالهه هڪ ته هونئن به پسند نه هئي پر تنهن هوندي به ڪيس بخش ڪٽي ڪري ڇڏي ها پر مسئلو هي هو جو صاحب اهو ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن هُو هُن تي سختي نه ڪندو ته پيو سمورو اسٽاف سندس پهرئين ڏينهن واري ڳالهه کي هوائي توائي سمجهي ويهندو: اهڙي طرح سندس جي ڪا ويليو ئي نه رهندي، سو عبدالغفور جي انهي ڳالهه صاحب کي ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو. صاحب پاڻ ڪيس گهڻو ئي سمجهايو ته ائين نه ڪندو ڪر، پر هُن تي ڪنهن ڳالهه جو ڪو اثر ئي نه ٿيو. هُن جي عادت اهائي ساڳي رهي، ڪنهن مهل صُبح سوير، ته ڪنهن ڏينهن وري سيني کان پوءِ پنهنجي مرضي سان.

نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو عبدالغفور جي انهي عادت تي صاحب جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي پيو. ان ڏينهن عبدالغفور آفيس ٽائيم کان ڪجهه دير ڪري آيو. صاحب اڳ ۾ ئي مٿس تپيو ويٺو هيو، سو جيئن ئي گهڙي جا ڪانٽا آفيس ٽائيم کان اڳتي وڌڻ لڳا، تيئن ئي صاحب جو رت ويتر گرم ٿيڻ لڳو. هُو جيئن ئي آيو ته ڏاڍو پُر جوش پئي لڳو ۽ ايندي ئي صاحب کي سلام ڪيائين، "سلاماليڪم اينڊ گُڊ مارننگ سر."

صاحب سندس سوال جو ڪو به جواب نه ڏنو ۽ ڪيس سامهون ويهڻ جو اشارو ڪيائين. صاحب اهو به محسوس ڪيو ته سندس سلام جي جواب نه ڏيڻ جو به هُن تي ڪو به اثر ڪو نه ٿيو. هُن کي گهڙيون سندس جواب جو انتظار ڪيو پر پوءِ بنا ڪنهن افسوس جي واپس دروازي ڏانهن وڃڻ لڳو. صاحب ڪيس واپس ويندي ڏسي پُٺيان پُڪاريو، "عبدالغفور."

صاحب جي سڏ تي عبدالغفور جا قدم اتي ئي رُڪجي ويا. هُن جهٽڪي سان پُٺتي منهن ڪيو ۽ ڪڙڪي سان وراڻيو، "ييس سر."

صاحب ڏانهنس تلخ نگاهه سان ڏٺو ۽ ڪيس سامهون ويهڻ لاءِ اکين سان اشارو ڪيائين. هُن پوءِ به صاحب جي ڪاوڙ جو ڪو به نوٽس نه ورتو ۽ اشاري تي بنا ڪُڇڪي جي سامهون واري ڪرسي تي بالمر ٻڌجي ويهي رهيو. صاحب کي هُن جي بي خوفي تي ويتر ڪاوڙ آئي. هن ڪيس ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو، "عبدالغفور، مون تو کي پهرين به ڪيئي ڀيرا سمجهايو آهي ته آفيس وقت تي ايندو ڪر، مون کي ٽائيم جي پابندي ڪپي. پر تون اها ڳالهه سمجهين ئي نٿو ڇو؟"

"اوهان کي به خبر آهي ته آئون روز صُبح سوير سانوڻ فقير جي اوتاري تي ويندو آهيان، اتي چار چلمون دُڪائيندو آهيان، پوءِ ئي مست ٿي هتي آفيس ايندو آهيان، سو ظاهر آهي ته دير ته ٿيندي نه. باقي ها، جنهن ڏينهن سانوڻ فقير جي اوتاري تي سُڃ هوندي آهي، ان ڏينهن ته اوهان ته سيني کان اڳ ۾ آئون ئي اچي پُڄندو آهيان! اوهان کي خبر ناهي ڇا؟"

هُن جي انداز مان ئي صاحب کي اندازو ٿي ويو ته اڄ هُو چرس جا سُوٽا هڻي آيو آهي، پر صاحب کي اڄ مٿس سخت ڪاوڙ هئي، هُن جي لهجي تي ويتر خار اچڻ لڳس. اڄ عبدالغفور نشي ۾ هو ۽ صاحب ڪاوڙ ۾ هو، صاحب کي ڪاوڙ ڏاڍي هئي، سو عبدالغفور جڏهن سامهون ورنديون ڏنيون ته صاحب جو رهندو بلڊ پريشر اڃا به وڌي ويو. "آفيسر سان ائين ڳالهائبو آهي؟"

"ته پوءِ ڪيئن ڳالهائبو آهي ڀيو؟" عبدالغفور تي ذرو به صاحب جي حيثيت هستي جو اثر نه ٿيو.

"تميز سان ڳالهائبو آهي." صاحب چيس، "آفيسر آهيان تنهنجو."

"آفيسر جي مٿي تي سڱ هوندا آهن ڇا؟" عبدالغفور هڪ اک پوري وراڻيو، "انسان سڀ برابر آهن."

صاحب، آفيسر ٿي هُن جي سامهون ڪاوڙ منجهان ٽڙڪي رهيو هئس پر هُو پٽيوالو هوندي سندس اڳيان بلڪل بي خوف ٿي ويٺو هو ۽ ڪيس سڌيون ٻُڌائي رهيو هو. هُن جي بي خوفي مان صاحب کي اهو صاف نظر اچي رهيو هو ته ڇڻ هُو عبدالغفور جي سامهون ڪو ڪيڙو ماڪوڙو ئي آهي. هُن جي مٿس ٽڪو به اک نه پئي ٻُڌي. اهو محسوس ٿيندي ئي صاحب دل ۾ سوچيو، هِن جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي جو ايڏي اِنگهه ٿو ڪري! ٽڪي جو پٽيوالو آهي. پاڏي تي لڏو هوندس. صُبح هوندس ته شام نه هوندس. مُشڪل سان ئي ته هتي پٽيوالي ملي هوندس. آئون ڪيس نوڪري مان ڪڍڻ جي رڳو ڳالهه ڪندو مانس ته پاڻهي ئي مٿي مان سڄي هوا نڪري ويندس. منٽ ۾ عرش تان فرش تي لهي ايندو. آسمان مان ڦهڪو ڪري منهنجي پيرن ۾ ڪِري پوندو ۽ منٿون ڪندو. اهو ئي سوچي صاحب عبدالَغفور کي چيو، "مون کي تو جهڙي نوڪر جي ڪا به ضرورت ڪانهي. تون وڃين سگهين ٿو هميشه جي لاءِ." صاحب ڪاوڙ منجهان ڳالهائيندي ڳالهائيندي پنهنجي ڪُرسي تان اٿي بيٺو ۽ ڪيس چيائين، "آئون تو کي نوڪري مان ڪڍي ٿو ڇڏيان. نڪري وڃ آفيس منجهان."

عبدالغفور تي صاحب جي انهي ڳالهه جو به ڪو اثر نه ٿيو، هُو ڪجهه گهڙيون وڏي اطمينان سان صاحب کي ڪاوڙ منجهان ٽڙڪندي ڦڙڪندي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ صاحب جي ڪاوڙ جڏهن پڳهر ٻڌجي سندس نرڙ تي ظاهر ٿيڻ لڳي، تڏهن عبدالغفور آرام سان پنهنجي ڪُرسي تان مٿي اُٿيو ۽ اکيون صاحب جي اکين ۾ ملائي وراڻيو، "هاڻي ته اوهان ۾ ۽ مون ۾ ڪو به فرق نه رهيو آهي. هاڻي ته آئون اوهان کي 'سر، سر.' به نه ڪندس!"

هُن ائين چيو ۽ ٽوال ڇنڊي ڪلهن تي رکي مُرڪندو مُرڪندو ٻاهر هليو ويو. صاحب ڪيس ڏسندو رهيو پر هُن ڪيس پُٺتي مُڙي به نه ڏٺو. صاحب کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ هُو سندس مُنهن تي ٿُڪي ويو هجي. صاحب گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر آخر تائين هُن کي جهُڪائي نه سگهيو.

صاحب کي پنهنجي هار تي دل ئي دل ۾ ڏاڍي شرمندگي ٿي. هي حيرت ۾ پئجي ويو ته آخر نشي ۾ اهڙي ڪهڙي شيءِ آهي جو پينگيي کي به بادشاهه بڻايو ٿي ڇڏي؟

ٻئي ڏينهن صُبح سوير صاحب به آفيس کان پهرين سانوڻ فقير جي اوتاري تي ويو ۽ چرس جا زور دار سوٽا هنيائين.

haseebkanhio@yahoo.com

# غزل



## اداسي جکراڻي

تنهائيءَ جو درد ٻٽي، تو وٽ پهتو آهيان
احساسن جا لاش ڪٽي، تو وٽ پهتو آهيان
مُرڪ مري وئي خواب سڙي ويا، روح رتورت آ
غم جي پن ڇڻ منجهه ڇٽي، تو وٽ پُهتو آهيان
ٿهڪ اڏاري آٿت ڏي ڪا، دل کي چين ملي
تون ڪٺ سگهندين زخم ڳٽي، تو وٽ پهتو آهيان
پيئرا پيئرا گل ٽڙيل ها، ڪيت به ڀڪيل ها
مُند به تو بن ڪين وٽي، تو وٽ پهتو آهيان
وک، وک تي ايذاءُ ڏنا تو، وک، وک گهاءُ ڏنئي
پوءِ به تو لئه گيت ڪٽي، تو وٽ پهتو آهيان
صبح اڳي ئي تڙپائي ويو، شام روئاري روز
خنجر خنجر سانجهه هٽي، تو وٽ پهتو آهيان
ڪيئن 'اداسي' روڪيان ها، مان ٽڙندڙ سُڏڪن کي
تنهنجي آئي ياد گهٽي، تو وٽ پهتو آهيان.

# نثري نظم

## ياسمين بلوچ

### خوابن جو شهزادو...

توکي ڪيئن ٻڌايان؟
اڄڪلهه ڇڻ ٽياس تي
ٽنگيل آهيان
جيءُ جهريل ۽
اکين ۾ لڙڪ آهن.
ذهن تي روز لڳن ٿا هٿوڙا،
فيصلي جي قوت ناهي
ڪاڏي وڃان؟
توکي ڪيئن ٻڌايان؟
توسان گڏ جيڪو چشمائي صحافي دوست
ايندو آهي
اهو اڄڪلهه منجهن
خوابن ۾ اچڻ لڳو آهي. ■

# انڙلاڪ...



شوڪت لوهار

املتاس جي وڻ تي ويٺل ڪويل جي درد پريل دانهن سان موسم رباب ٻڌجي چڪي هئي. فوٽو اسٽيٽ مشين جي پاسي ۾ هڪ ننڍڙو هوٽل نما دڪان هو، جتان اسين سڀ ڪلاس جي ڪڙاڻ ۽ ليڪچرن جي هاڻ تي ڄميل بار کي هڪ سڄي يا تيز مٺي 'اڏڪٽ' سان ڌوئيندا هئاسين. ان سمي ڪيمپس ۾ ڏاڍو رونشو مٿل هو. هر ڏسا هر سمت ڏاڍي سندر ۽ دلفريب لڳي رهي هئي. هر طرف خوبصورت ڇوڪريون چنچلتا ۾ دنيا جهان کان بي نياز هيون. وڏو ڇهڇٽو مٿل هو. ويتر آسمان به ڄامشوري جي هن ڪوهه ڪافي روپ تي مهربان ٿي پيو هو ۽ دل تريءَ تي ڪٽي هلندڙ جوانن مٿان پنهنجي قرب جي ڪارن ڪڪرن جي ڇانوَ ڪري ڇڏي هئي. ڪنهن ڪنهن سمي رڪي رڪي گجگوڙ ڪويل جي آواز کي جهڪو جهڪو پئي ڪيو. هوائن جي لهرن تي ڪئين حسينائن جون پوتيون اڏري رهيون هيون. جڏهن ڇاتين تان پوتيون هيٺ سرڪيون پئي ته ايئن پئي لڳو ڄڻ جيئريون پوئڪيون ڇاتين جي جاءِ تي ڦٿڪي رهيون هيون. ڄڻ ڪيرٽرا اکيون مهٽي ننڊ مان سجاڳ ٿيو هجي. منهنجو ڪلاس ميٽ ساحل به مون سان گڏ هو. اسين ٻئي آءِ بي اي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندا هئاسين. اڄ عشق ۽ محبت جي اظهار جو عالمي ڏينهن يعني ويلنٽائين ڊي هيو. هونئن ته عاشقن کي ڪنهن ڏينهن جي ڪوليءَ ۾ بند نٿو ڪري سگهجي، پوءِ به اڄوڪي ڏينهن جي نسبت سان هر ڪو ڪجهه سرس تيار ٿي ڪيمپس پهتو هو. ۽ بازار عشق ۾ اڄ ڪهڙي يوسف کي نيلام ٿيڻو هو اها خبر ڪنهن کي به ڪونه هئي. مان ۽ منهنجو دوست ساحل شرارت کي نظر ۾ رکندي هاسٽل تان ايندي مهل گلاب جا به وڏا تازا گل پٽي آيا هئاسين. ڪيمپس ۾ گهمي رهيا هئاسين. موسم جي مدهوشي ڄامشوري جي مدمست هوائن ويتر ڪيتريون ئي نيريون، سايون، گلابي، ساڙهيون اوڍائي ڇڏيون هيون. حسناڪين سان ڀرپور انهن ساعتن ۾ ڪنهن جل پري جي نينڊ نهار تي دل ڪنل ڪڪڙ جيان پئي ڦٿڪي ۽ اکيون انبور ٻڌجي دل ٽوٽا ڪندڙ سنڌو جيان ڊيلٽا تائين ور وڪڙ ڪائيندڙ جسمن سان ٻڪجي پئي ويون. انهن دلفريب لمحن ۾ مون ساحل کي چيو، "يار، هي ڪهڙا ڪم ٿو ڪرائين اسان فقيرن کان. پاڻ ڪنهن کي گل آفر ڪنداسين جو پٽرايا ٿئي؟ هتي پنهنجو نه ڪو اوهي نه وارث. ايئن نه ٿئي جو ڪنهن ڇوڪريءَ کان پنهنجو پٽڪو ڌوڙ ڪرائي ويهي رهون."

"ڪا ڳالهه ناهي پيارا، اهو عاشق ئي ڇا ڇٽبو جيڪو سرعام رسوا نه ٿيو هجي؟ اڙي منڙا وري به ڪجهه ساعتون ڪنهن اپسرا جي سائي ۾ ته گذرنديون نه." ساحل شرارت جي فل موڊ ۾ هو. "واهه واهه معنيٰ مان پادر ڪاوان ۽ تون تماشو ڏسندين؟"

"نه نه، ڪجهه به ناهي."

"ته پوءِ؟"

"بس سائين، ٻانهون ٻڌيوسين. هاڻي تون گل کي ٻٽو ڪري پنهنجي هٿ ۾ رک. صفا ساهه ٿو وڃنين؟"

ساحل ڇوڪريون کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جي مامري ۾ آدم سمت کان به ڪجهه وڌيڪ ڄاڻ رکندو هو، شڪل صورت ۾ به تمام سهڻو ۽ گفتگو اهڙي ڄڻ ڪوڙڪي. اڄوڪي ڏينهن ۽ موسم جي الهڙ جواني جو اثر هو شايد جو اسٽيفن ڪووي جي واٽ تي هلندي سيني شاگردن پڙهڻ کان نپ جواب ڏئي ڇڏيو هو. مون کي منهنجي ڪلاس جي هڪ مارڪ ٽيلي ٻڌايو، "سر نياز جي ڪلاس کان پوءِ ڪنهن به شاگرد وڌيڪ ڪلاس ڪونه ورتو ۽ سيئي نابري واريون بيٺا هئا ڄڻ ڪنهن فيڪٽري ورڪرز جي يونين پنهنجي اجرت ۾ اضافو نه ٿيڻ تائين ڪم ڪرڻ کان نابري واري هجي، هر ڪو اها ڊمانڊ ڪري رهيو هو، 'وارو ڪيو پوائنٽ ڪيڊرايو ۽ المنظر تي هلو.'"
انهي وچ ۾ پٺيان سڏ ٿيو.

"Excuse Me"

"قمر؟"

منهنجي دل جي وائلن تيز وڄڻ لڳي.

"جي." مون پٺيان مڙي ڏٺو. امبر بيٺي هئي. ڪيس پيلي رنگ جو گج پاتل هو. اکين جا ٻئي ڪٽورا نيڻ ڪجل جي سنهڙين ڌارائن سان ايئن لڳي رهيا هئا ڄڻ ڪنهن لوهار به ترارون هينئر هينئر سراڻ تان لاٿيون هجن. هن جي جسم جي خوشبو بلو ليبل ۽ ڊينل ڊزائر کان گهڻو اڳتي نڪري وئي هئي. هن جي مٺڙين چپ تي تر هو، جيڪو ڪنهن کي به موهڻ لاءِ ڪافي آهي. امبر منهنجي يعني اسان جي ڪلاس فيلو هئي. ڪلاس فيلو ڇا ڪلاس جي سونهن راڻي ئي ته هئي. ڏاڍي سنجيده، ڪمپوزڊ، ٿوري ٿوري چالاڪ، قدڪاٺ، هاڻي، بت ۾ هڪ اپسرا جو ڏيک ڏيندي هئي. هڪ به دفعا اڳ ۾ منهنجي دل هن سان ڳالهائڻ ۽ وچڙڻ لاءِ ڏاڍو تڙپي هئي، پوءِ پنهنجي دل کي ڊيل ڪارنيگي جا ڪوڙا سچا دليل ڏئي چپ ڪرايو هوم، "پٽ، چپ ڪري هل ايئن نه ٿئي جو وتين هاسٽل کان ڪيمپس تائين پنا ميڙيندو."

"ڪيڏانهن پيا وڃون؟" هن پنهنجي واتان هي جملو ڇا اڪليو ڄڻ ڏاڙهون چيرجي ڇٽي پيو، "ڪيڏانهن به نه." مون پاڻ کي مڪمل شرافت جي ڪمبل ۾ ويڙهي ڇڏيو. "اڄ شايد باقي ڪلاس ڪونه ٿيندا سو روم تي واپس ويندا سين."

"۽ هي گلاب جو گل؟" امبر گلاب جي گل ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو. "هي بس ايئن ئي واس وٺڻ لاءِ هاسٽل تان منهنجي دوست ساحل پٽيو سو مونکي ڏيئي ڇڏيائين." مان لچارو ٿيڻ لڳس. "ڪنهن کي ڏيندؤ؟" هن ٻيو سوال اڇليو. "مار پويس ساحل الائي ڪيڏانهن مري ويو. هاڻي مان ٿيان ٿو بيعزتو." مون دل ۾ چيو. منهنجي دل نچڻ لڳي مون کي امبر جي اڄوڪي ويجهڙائپ ڪهڻ لڳي ۽ من مندر ۾ گهنڊ وڄڻ شروع ٿي ويا، موقعي جو فائدو وٺندي پنهنجي سموري عزت هڪ ئي چال ۾ داءَ تي لڳائڻ جو فيصلو ڪيم، ڏڪندڙ دل سان چيم، "جي قبول پوي ته هي گلاب توهان لاءِ آهي." مون ڏڪندڙ هٿن ۽ ڌڙڪندڙ دل سان گلاب جو گل امبر جي نازڪ پشميني هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو. "امبر پارٽ هجيو." مون ڦاهي چڙهندڙ قيدي جيان پنهنجي آخري خواهش بيان ڪئي، امبر مرڪيو ۽ "Its Okay" چيائين مون اکيون جهڪايون ۽ ساحل کي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ئي هاسٽل تي هليو آيس. بقايا ڏينهن عجيب ڪيفيت جي وات جو گرهه ٿي گذاريم. سڄي رات هورا ڪورا ۾ پاسا ورائيندي گذري، ساحل ڪهڙي محل آيو مون کي ڪا به خبر ڪونه پئي، مون کي ملڪ جهان جي ڇا ان مهل پنهنجي به خبر ڪونه هئي ته هي مون ۾ ڪهڙيون عجيب ڪيفيتون برپا ٿي رهيون آهن؟ هي مون سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ پنهنجي روم جي هر ڪنڊ ۾ هر ڏسا ۾ امبر کي پاتم، هن جي هٿ ۾ گلاب هو ۽ هوءَ مهڪي رهي هئي. ڪيئي ڀيرا ڪتاب کوليم پڙهڻ جو بهانو ڪيم. پر هر جملي هر لفظ هر نقطي ۾ امبر جي وجود کي نروار ٿيندي ڏٺم. عجيب مرگهه ترشنا جي ترورن ۾ وڪوڙيل رهيس، پٽڪڙا پٽڪڙا درد، مٺا مٺا سور هئا پيار جا. ٻي ڏينهن تيار ٿي ڊپارٽمينٽ پهتس. سامهون امبر بيٺي هئي. مون کي ڏسي مون ڏانهن وڌي آئي ۽ مون کي چيائين، "سينٽرل لائيبريري هلون؟ مون کي اتان ڪجهه ڪتاب گهربل آهن."

"انڌو گهري هڪ اک، جي راهون ئي روشن ٿي پون ته ٻيو ڇا کپي؟" رستي ۾ هلندي هن مون کان منهنجو نمبر ورتو ۽ مون کي چيائين، "ڏسو قمر، مون توهان جي شرافت ۽ سادگي کي ڏٺو آهي، اوهان سيني کان مختلف آهيو، پڙهڻ لکڻ سان چاهه رکندڙ ۽ ٻين جيان ڇيڳرا ۽ دل ڦيڪ ناهيو، پر جي توهان ٻي ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڳالهايو ته پوءِ مون سان ڪڏهن به نه ڳالهائجو." محبت جي ٽريولنگ گائيڊ تان ڪجهه اصولن جون ٻيڙيون پيرن ۾ پارايون ويون، مون هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ۽ ها جڏهن مان فون ڪيان يا مسڊ ڪال ڏيان تڏهن مون کي فون ڪجو. خبردار جو ايئن نمبر ڊائل ڪيو اٿوَ. منهنجي فيملي سخت آهي مون کان موبائيل ڦرجي ويندو."

"جي جي، اوهان فڪر نه ڪيو جيئن چاهينديون ايئن ئي ٿيندو." مون اڄي پني تي ڄڻ سائين ڪري ڏني ته اڄ کانپوءِ منهنجي هر شي جي مالڪ تون ئي آهين. ڪتاب ورتائين ڪتاب وٺڻ کانپوءِ امبر سلائيس پيتي ۽ مان چانهه. ايئن ئي ڏسندي ڏسندي اوهان، توهان، تون مون کي جنم ڏئي ڇڏيو. آسمانن جي قد جيڏا وعدا ڪياسين، سمنڊن جي گهرائين جيڏا قسم کنياسين. امبر جي اکين ۾ پاڻ لاءِ ايترو پيار ڏسي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي پنهنجي قسمت تي رشڪ ٿيندو هو ۽ حيرتن جا ڪيئي ڪاڪ محل لتاڙي ويندو هئس. امبر جنهن جي نيڻ ڪٽورن جو مڌ پيئڻ لاءِ هر نوجوان صرف اشارن جو محتاج هو. هن جو مون کي انتخاب ڪرڻ مون لاءِ ڄڻ ڪو وڏو اعزاز هو، لاٽري ئي ته نڪري پئي هئي منهنجي، امبر جي محبت جي صورت ۾. ڪلاس ۾ جهجو تعداد هيو ڇوڪرين جو پر امبر حسن ۽ پنهنجي Behave جي ڪري سيني کان مختلف هئي.

"پيارا، تون ته وئين هاڻ ڪم کان. اسان توکي هاڻ پنهنجي لسٽ مان خارج ٿا ڪريون." رات جو ساحل مونکي سينٽرل ڪينٽين تي ماني کارائيندي چرچو هنيو.

"نه نه منڙا اهڙي ڳالهه ناهي."

"نهيو نهيو مجنون صاحب، هاڻ گهڻو سيريس ٿيڻ جي ضرورت نه آهي." ساحل ٽوڪيو.

"نه يار، مان امبر کي پنهنجي دل جي گهراين سان چاهيان ٿو، هوءَ منهنجي زندگي آهي، هوءَ منهنجي جياپي جو ڪارڻ آهي، هن مون سان ۽ مان ان سان جيئڻ مرڻ جا قسم کنيا آهن، پڙهائي پوري ٿيندي ئي اسين ٻئي هڪ ٿي وينداسين."

مون ساحل کي وضاحت ڪئي، "يار، تنهنجي مرضي تون ته الائي ڪهڙي زماني جون ڳالهيون پيو ڪرين، هي ڏاڍو فاسٽ پيرڊ آهي ان ۾ تو جهڙا سلو عاشق ماڻهو گهٽ

۾ گهٽ مون کي تہ سمجھ ۾ ڪونہ ٿا اچن.

ساحل برياني کائيندي چيو، ”هوءَ مون سان انتهائي سچي آهي، هوءَ مون کي تمام گهڻو چاهي ٿي.“ مون هن کي چيو.

”يار، اسين تہ آهيون پونئرا، هڪ گل تي ويهڻ پنهنجي فطرت جي ئي خلاف آهي. جيستائين مختلف گلن جو واس نہ وٺون نشا ئي نہ ٿين. ڇوڪرين کي بہ ڪپڙن جيان مٽائڻ گهرجي. سڄو وقت هڪ ماڻهو سان گهٽ ۾ گهٽ مون کان تہ افورڊ ڪونہ ٿيندو ڊيئر.“ ساحل پنهنجي دل ڦينڪ طبيعت بابت ٻڌايو. هو هڪ ڪاموري جو پٽ هو ۽ يونيورسٽي لائين کي صرف ۽ صرف انجوائيمينٽ تائين محدود رکندو هو. آخري ڏينهن ۾ الائي ڪهڙي طرح استادن کان پاسنگ مارڪس وٺي ايندو هو. مون کي رات جو امبر Text ڪيو، ”سڀاڻي پنهنجو پهريون ڪلاس دير سان آهي سو آئون سنڌيالاجي وٽ لهنديس ۽ تون اتي اچجان.“ مون دل ئي دل ۾ الله جا ٿورا مڃيا جو منهنجون دعائون اگهجي رهيون هيون، سڄي رات پاسا ورائيندي گذري، ڪڏهن ڪهڙا خيال تہ ڪڏهن ڪهڙا خيال، بس خيالن جي هڪ نيري ندي هئي جنهن ۾ آئون پنهنجي ٻيڙي هلائي رهيو هوس، دل ۾ هڪ عجيب سڪون ۽ مٺڙي درد جي ڪيفيت هئي. صبح تي آئون تيار ٿي بليو جينز ۽ ريڊ ٽي شرٽ پهري ڪينٽين تان ناشتو ڪري سينٽرل لائيبريري تان ٿيندو سنڌيالاجي ڏانهن وڌڻ لڳس، لورز پوائنٽ وٽ هڪ جوڙي کي ڏٺم ۽ دل ئي دل ۾ دعا ڪيم تہ شال خوش هجن. اڳتي وڌي علامہ آءِ آءِ قاضي جي مزار تان دعا گهرندو سنڌيالاجي وڃي پهتس. مون کان اڳ ۾ امبر هڪ املتاس جي وڻ هيٺان نهيل بئنچ تي ويٺي هئي. مون کي ايئن لڳو ڄڻ يوناني ديوي ايفروڊائيٽ ٻيو جنم ورتو هجي. طوطائي رنگ جي وڳي ۾ ملبوس امبر مونکي ان وقت ڏاڍي وڻي رهي هئي. هن جي وشال ڇهري تي ڦهليل مرڪ سان مٿئين چَپ مٿان ڪارو تِرُ بس غضب ڪري رهيو هو. امبر جي مدمست جواني ڏسي مون کي سمجھ ۾ آيو، ’خدا هيءَ ڪائنات ڪيتري نہ حسين ٺاهي آهي، گل، ٻوٽا، هوائون پر جيڪڏهن انسان جهڙي مخلوق نہ خلقي ها تہ هي سڀ ڪجھ تڇ هو، انسان ۾ عورت جي تخليق واقعي خدا جي خدائي تي يقين لاءِ هڪ اڻ مٽ ثبوت ئي تہ هئي.“

”ڇو ايڏي دير؟ آئون هتي اڪيلي ويٺي آهيان.“ امبر شڪايت جو دفتر کوليو.

”Sorry مني رستي ۾ هڪ دوست ملي ويو هو ان جو مائٽ ڪو لمس ۾ زيرعلاج آهي ان کي رت گهربل هو سو وري هڪ ٻئي دوست کي ان جي Arrangement لاءِ فون ڪيم ان ڪري ٿورڙي دير ٿي وئي.“

”نهيو نهيو هاڻي، هي وٺ ڪاءُ.“ امبر پاڻ سان آندل ننڍڙو ٽفن باڪس وڌايو. هن ۾ ڇا آهي؟ ”هن ۾ اسپيگيٽي آهي. ڪاءُ خاص تو لاءِ ٺاهي آهي. هاسٽل جي جيل جهڙي مينيو واري ماني ڪائي ڪائي صفا ڪانگ ٿي ويو آهين.“

”مان تہ ناشتو ڪري آيو آهيان.“ مون چيو. ”ها، خبر آهي تنهنجي ناشتي جي اڌ ڪٽ ۽ هڪ ڪيڪ.“

امبر جي پنهنجي لاءِ سڪ ۽ اڪير ڏسي حيران ٿي ويس، ”مٺڙي هتي ڪي ڪي اهڙا شاگرد بہ آهن جيڪي ڦاهو ڪٽ ۽ ڪيڪ بہ افورڊ ڪونہ ٿا ڪري سگهن، پوءِ بہ هو پڙهن ٿا، انهن جي همت کي سلام آهي.“

مون امبر کان اسپيگيٽي وٺندي چيو، ”ها ائين تہ آهي پنجئي آڱريون برابر ڪونهن، ڪو غريب آهي تہ ڪو امير.“

مون اسپيگيٽي کاڌي ۽ بہ ڪولڊ ڊرنڪس گهرايون، ”تون مون کي ڇڏي تہ ڪونہ ويندين قمر!“ امبر سوال ڪيو.

منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي، ”نہ مٺڙي، ايئن ڪيئن ٿيندو، هاڻ جيئڻ مرڻ بس تو سان آهي، آئون توکي ڇڏيان تہ ڪافر ٿي مران.“ مون امبر کي يقين ڏياريو.

جهٽ گهڙي ماٺ وچ ۾ اچي ويهي رهي. امبر اکيون مٿي کنيون سندس اکيون پريل هيون ”ڇو مٺي، ڇا ٿيو؟“ مون پڇيو.

“I love u Qamar”

“I love u too”

امبر پنهنجا نرم هٿ منهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيا. مون اپ ۾ نهاري هن جو هٿ زور سان پنهنجي هٿ ۾ جهليو. هاڻ هي هٿ قيامت تائين قابو آهي. امبر جي ويجهڙائپ ۽ ان جي جسم مان ايندڙ مارڪوئس اسپري جي خوشبو مون کي هڪ رنگين دنيا ۾ اماڻي ڇڏيو. خوشبوئن جي درياءُ ۾ ترندي واپس ان وقت ٿيس جڏهن اوچتو امبر مون کي Kiss ڪري هٿ سان ڇهنڊڙي هنئي. امبر اڄ مونکي موڪيءَ جيان پروڪو پياري مدهوش ڪري ڇڏيو. پريان وڻن تي وينل پکين جي ٻولڻ ۾ تيزي اچي وئي. آئون امبر جو سڊول جسم ۽ مخروطي هٿ، ويٺي جي بناوٽ ڏسي دنگ رهجي ويس. امبر هڪ پيرو وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي منهنجي هٿ کي چمي ڏني.

”قمر.“

”جي.“

”آئون اڪيلائي ۾ توسان ملڻ چاهيان ٿي، توکي پنهنجو ڪرڻ چاهيان ٿي، تولاءِ سانديل پيار توکي ڏيڻ چاهيان ٿي.“

امبر جي مد مست اکين ۾ مون کي سمنڊ ڇوليون هڻندي نظر آيو، ”تون ڪيڏو Cute آهين نہ؟“

وقت کي پر لڳي ويا. پوائنٽ جو ٽائيم ٿي ويو. خبر ئي نہ پئي. ”مني ضرور اڪيلائي ۾ بہ ملي وٺبو، آئون پاڻ ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ آهيان، موقعو ملي تہ گهر وارن سان تو بابت ڳالهايان.“

مون امبر جي تڙپ کي محسوس ڪندي چيو، ”ها اهو تہ ٺيڪ آهي پر مان شادي کان اڳ ۾ بہ توسان ملڻ چاهيان ٿي، توکي ۽ تنهنجي پيار کي دريافت ڪرڻ چاهيان ٿي، ٻڌو اٿم تہ شادي ڪانپوءِ ماڻهو ۾ تبديلي اچي ويندي آهي، آن لاءِ آءُ في الحال تہ شادي جي حق ۾ بہ ناهيان.“

”اوڪي Don‘t Worry “

”ملي ٿا وٺون، ڪٿي ٻاهر ريسٽورينٽ ۾“

”يار تون بہ!!“ امبر ڦڪائپ جو اظهار ڪيو.

’صورت جو ڪيڏو سهڻو آهين. پر جذبن جي آڳ جي ذرو بہ سيڪ ڪونہ اٿئي؟‘ امبر دل ئي دل ۾ پاڻ سان ڳالهايو.

”ٺيڪ آهي سڀاڻي ڪيمپس ۾ ۽ ها هي ٽفن ضرور کڻي اچجان. نہ تہ وري ٻي واري ڪجھ نہ ملندئي.“

”ها ها ها...“

Okay Bye

هٿ هوا ۾ لڏندا امبر ۽ منهنجي وقتي جدائي جو اعلان ڪرڻ لڳا، واپس اچي مون کي امبر جي پيار ۽ پريت جي خوبصورت خيالن ورايو. مون امبر سان گهاريل هنن مٺڙ ساعتن ۾ پاڻ کي هوائن ۾ اڏرندڙ اچن ڪکرن جيان پائنيو. ان وقت ڄامشوري کي ٿڌڙين هوائن پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو هو. بوگن ويلا جي رنگريزي ۽ املتاس تي ڪويلن جي ٻولي دل جي دري تي امبر جي يادن جا ڏيپ روشن ڪري ڇڏيا هئا. سينٽرل لائبريري جي ريفرنس سيڪشن مان هڪ ڪتاب جي ڪجھ چيپٽرز کي فوٽو ڪاپي ڪرائڻو هو، اوڏانهن هليو ويس.

”قمر.“

”جي.“

” ادا آئون نازش آهيان.“

نازش سائيڪالاجي ڊپارٽمينٽ جي سيڪنڊ ايئر جي شاگردياڻي، مان ۽ ساحل. ”اوھ ها ياد آيو“

مون فوٽو ڪاپي واري کان پنا وٺندي چيو، ”ڇا حال آهن؟ ڪيئن آهيو اوهان، ٺيڪ تہ آهيو نہ اوهان ڇو ايڏا پريشان ٿا ڏسجو؟ خير تہ آهي.“ مون يڪ ساهي سڀ سوال پڇي ورتا.

”نہ ياءُ هونئن تہ سڀ ٺيڪ آهي“

”پر ساحل...“

”ڇا ٿيو ساحل کي؟“ ساحل جو نمبر بند پيو وڃي. هن مون کي اڄ ٽائيم ڏنو هو، آئون ان کي اڄ شام پنهنجي مائٽن سان ملائڻ واري هئس، پر خبر ناهي تہ هو ڪٿي رهجي ويو آهي؟ اوهان جو روم ميٽ آهي اوهان کي ڪا خبر چار؟ Please منهنجي مدد ڪيو. نازش جي ساحل لاءِ پريشاني مون کي پريشان ڪري ڇڏيو،

”گهبرايو نہ، ملي ويندو. ڪٿي ڪو ڪم ٿي پيو هوندس.“

ان وقت آنڌارو آهستي آهستي ڪنهن ڪنل پکي جيان ڪينٽين جي سائي ڇپر جي شام تي ٻولاٽيون ڪائي رهيو هو.

سامهون ڪيترائي شاگرد بحث مباحثي، ڪچهري، ٻوڳ ٺڪاءَ ۾ رڌل هئا. ”يار، ڪٿي هئين تون؟“ مون ساحل کان پڇيو.

”اتي ئي بابا، اسين آهيون من موجي سو جتي موڊ ٿيو اتي پڙاءُ وجي هڻندا آهيون.“

”پوءِ بہ؟“ اڄڪلھ هڪ نئين اسائينمينٽ تي ڪم پيو ڪريان ڏسون ٿا ڇا ٿو ٿئي؟“

”يار، پهرين پراڻين اسائينمينٽ کي تہ منهن ڏي.“ مون چيو.

”ڇا ٿيو؟ يار هو نازش ملي هئي تو لاءِ ڏاڍو ٿي پڇيائين، ڏاڍي پريشان ٿي ڏٺي.“

”ها ها ها...“ ساحل ڇانھ پيئندي وڏا ٽهڪ ڏنا.

”يار، هوءَ چري آهي، هوءَ بہ تو وانگر مون سان دل اڙائي ويٺي آهي، چئي ٿي مون سان محبت ٿي وئي اٿس ها ها محبت.“

”يار، تون تہ جان آهين توسان ڪهڙو لڪ لڪاءُ. يار نازش تہ هاڻ ڳچي ۾ پئجي وئي آهي، چئي ٿي تہ مائٽن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ مون کي انهن سان ملائڻ چاهي ٿي. شادي جا خواب پئي ڏسي. ها ها ها...“

ساحل جي مڪاري ٽهڪن جي تيزاب ۾ مون کي نازش جهڙي معصوم ڇوڪري ڳرندي نظر آئي. مون کي ان وقت شيڪسپيئر جي ڳالھ ياد آئي، ” Smile smile and be villian“ ڪلو ڪلو ۽ مرون ٻڌجي وڃو.

”يار، هڪ بہ دفعا ٽيسٽ ڪيو اٿمانس ٽيسٽ ايڏو سٺو ڪونہ اٿس، ڦڪي آهي، او بلڪل هن ڇانھ جيان. ها ها ها...“

ساحل جي ٽهڪن ۾ الاهي طنز هئي، ”يار، هي آهي تہ تنهنجو ذاتي معاملو پر هڪ دوست جي حيثيت ۾ مان ايترو چوندس تہ ڪنهن جي زندگي تباھ ڪرڻ سٺي ڳالھ ڪانهي، نازش سٺي ڇوڪري آهي، تون ان سان شادي ڪري ڇڏ هوءَ توکي ڪوڙ سارو پيار ڏيندي، جيڪڏهن

تون ان کي ڇڏي ڏيندين ته باقي ان وٽ ڇا بچندو. يار انهن ڇوڪرين وٽ سواءِ عزت جي ٻيو هوندو ئي ڇا آهي؟ اسان جي سماج ۾ هونئن به عورت کهڙي حالت ۾ آهي پاڻ انهي کان چڱي ريت واقف آهين.“ مون چانهه پيئندي کيس سمجهايو.

”اڙي يار مجنون، تون آهين نه، سيني ڇوڪرين جا ڳوڙها اگهڻ لاءِ. ڪٿي نازش جا به اگهجانءِ. آئون هاڻ ان مان هونئن به تنگ آهيان، روئڻي آهي، مون ته سندس باب بند ڪري ڇڏيو. اڙي ميان زندگي چار ڏن ڪي چانڊني هي، گهم ڦر عيش ڪر ماما. شادي جهڙين ڪوڙڪين ۾ ڦاسڻ جون ڳالهيون ڇڏ، ڇوڪريون آهن رس ملايون، ٽيسٽ وٽ ۽ اڳتي هل.“ ساحل مون تي طنز ڪئي، ساحل جي ڇوڪرين بابت سوچ تي مون کي حيرانگي ڪونه ٿي، جو اسان وٽ ڪجهه قصور نازش جهڙين ڇوڪرين جو به آهي، ساحل ته انهن کي جڳهه جڳهه تي ملندا رهندا، انهن کي سوچي سمجهي قدم کڻڻ گهرجي.“

ها پر يار دل جي ڪاروبار ۾ ڪهڙو فائدو ڪهڙو نقصان. اهو ڪنهن ڄاتو آهي؟ هي ته بس هجڻ نه هجڻ جي هڪڙي مني اذيت آهي. منهنجي دل ڏڪيو. ڳوٺ مان فون آئي ته وڏو ادا آيو آهي دبئي مان. مان سومر تي وڃي ڳوٺ پهتس. منهنجي پڙهائي ۽ گهر جي ضرورتن کي ادا وڏي پورو پئي ڪيو. هو اسان لاءِ ڇپر ڇانو هو. هو اسان سيني لاءِ هڪ اتساهه هو. ٻاهر رهڻ جي ڪري روشن خيال ۽ هر نئين ڳالهه کي پسند ڪندڙ. سوچيو هئم، ’امبر جي باري ۾ ادا سان ڳالهائيندس. پر پوءِ همت نه ساري سگهيم. ۽ موقعي جو انتظار ڪيم. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ادا ڪراچي ۾ ڪنهن ڪنسٽرڪشن ڪمپني کي جوائن ڪري ورتو. هو هڪ سٺو آرڪيٽيڪٽ هو. انهي وچ ۾ ادا حيدرآباد ۾ هڪ فليٽ به وٺي ڇڏيو. مان پنهنجو سامان کڻي فليٽ منتقل ٿي ويس. ادا وڏي جا مهيني ۾ هڪ ٻه ڪراچي جا چڪر لڳندا هئا، جنهن لاءِ هو ڳوٺ مان ايندي يا ويندي فليٽ تي قيام ڪندو هو. ۽ مون کي ٻه خرچي پاڻي ڪرائي ڇڏيندو هو. آئون ڪڏهن فليٽ تي ته ڪڏهن هاسٽل تي بس امبر جي من موهيندڙ مورت کي اکين ۾ سمويو جي رهيو هئس. ڪيمپس جا ڏينهڙا ايئن گذري رهيا هئا جيئن اس تي رکيل برف ڳرندي آهي. اصل خبر تڏهن پئي جو آخري سيمسٽر ۾ اڃي پهتاسين. ايم بي اي جي ڊگري ڪانپوءِ ادا جو خيال هو ته هو مون کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ٻاهر موڪليندو. انهن ئي ڏينهن ۾ امبر مون سان ضد ڪيو هو ته مان ساڻس اڪيلائي ۾ ملان. گهڻائي ٽال مٽول ڪيا هئم. پر منهنجي امبر جي اڳيان هڪ به نه هلي. نيٺ هڪ ڏينهن امبر جي سونهن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئم. هن کي فليٽ تي وٺي آيو هئم. امبر جي پريل ڇاتين ۽ ڪٽورين اکين منهنجي اصولن ۽ پابندين کي سونامي بڻجي ٻوڙي ڇڏيو. شام تائين امبر سان پيار ڪيو هئم. آسمان تي وڄ ڪڙڪي هئي. آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڀرجي ويو هو. منهنجا هٿ امبر جي نرم نرم هٿن ۾ هئا. ڪيتري دير تائين اسان جي چپن ۽ زبان ساڪر راند ڪيڏي هئي. ٻيڙي جا ٻئي چپو منهنجي هٿن ۾ هئا. ٻيڙي جيڪا ٿڌي هوا جي جهوٽن ۽ ميرانجهڙي پاڻي تي لڏي ۽ لمي رهي هئي. ٻيڙي... اسان ٻنهي جي جسمن جي ٻيڙي. شام جو هوش آيو. هر شي ڪمري ۾ وکريل هئي. اسان جي ڪپڙن سان گڏ اسان جو شرم ۽ حياءُ پڻ. امبر وهنجي آئي هئي هن جي چهري تي هڪ عجيب رونق ڇانيل هئي. هن جي اکين ۾ هڪ نشو هو. هن جي چال ۾ تبديلي اچي وئي هئي. امبر مون کي هڪ آخري چمي ڏئي الائي ڪيڏانهن غائب ٿي وئي هئي نه ڄاڻ. ڪيتري دير پنڊ پهڻ ٿيو ويٺو هئس. اندر ۾ هڪ عجيب احساس ٿي رهيو هو، ”ڇوڪرين وٽ باقي هوندو ئي ڇاهي سواءِ...“

ساحل کي چيل منهنجا لفظ مون کي ئي چُڀي رهيا هئا. فليٽ هڪ عجيب موسيقي جي ساز ۾ تبديل ٿي رهيو هو. هر طرف ڪان بانسرين ۽ گٽار جا آواز اچي رهيا هئا. گهڻن ئي ڏينهن تائين آئون امبر سان اکيون ملائي نه سگهيو هئس. هڪ ڏينهن هوءَ مون کي ڪيمسٽري جي لان ۾ وٺي وئي هئي، جتي ويهاري ان پاڻ سان آندل اسپيگيٽي کارائي هئي.

”امبر مون کي معاف ڪجانءِ يار.“

”ڇو ڇا ٿيو؟“

”مٺي! ان ڏينهن فليٽ تي...“

”ڇڏ نه هاڻي بور ڇو ٿو ڪرين.“

”نه يار واقعي.“ مون کي خبر ناهي ڇو اندران ايئن محسوس ٿي رهيو آهي ڄڻ اڌوهي منهنجي اندر کي کائي رهي هجي.

”منهنجي جان، تون مون کي سٺو لڳين ٿو آئون تو کي وٽان ٿي ڳالهه ختم. آئون ته تو کان اهو پڇان ٿي ته وري ڪڏهن ملون؟“

”نه مٺي، هاڻ پاڻ ايئن نه ملنداسين شادي ڪنداسين.“

”ڇا؟“

اسپيگيٽي کائيندي هن جو هٿ رڪجي ويو. وري ڪجهه سوچي ها يار اها به ڪري وٺنداسين. ڪهڙي تڪڙ آهي. هونئن به منهنجو تو کان سواءِ ٻيو آهي ئي ڪير؟“ امبر پنهنجي واچ ۾ ٽائيم ڏٺو ۽ چيائين، ”اڙي يار قمر مون کي سيمينار لائيبريري کي ڪتاب واپس ڪرڻا آهن. هل نه ته لائيبريري بند ٿي ويندي. وري هي بار ڪير کڻندو؟“

”جانان، ڪتابن کي بار نه سمجهندي ڪر. ڪتاب ماڻهن جي زندگين جي ولوڙ هوندا آهن.“

”اڙي يار جڏهن ايدم سمٽ جون ڳالهيون سمجهه ۾ ڪونه آيون ته اهي فلسفيانه ڳالهيون ڪنهن جهاز جيان منهنجي مٿان گذري وينديون.“

”اٽ نه پليز.“ امبر جي پنهنجائپ ڏسي چپن تي مرڪ پکڙجي وئي. ۽ ايئن ٻئي آءِ بي ڊپارٽمينٽ طرف وڌڻ لڳاسين.

گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ سوچيم، ’ڳوٺان چڪر لڳائي اچان.‘

ساحل کي چيم، ’يار دل چئي ٿي ته ڳوٺ مان ٿي اچان.‘

”ها پلي.“

”يار ساحل، هي منهنجي فليٽ جي هڪ چاٻي تون پاڻ وٽ رک جيستائين آئون نه اچان فليٽ تي رهجان، جو اتي منهنجو پي سي ۽ ادا وڏي جو ڪجهه قيمتي سامان پيل آهي.“

”اوڪي ڊيئر.“

”...“

”ٻيو ڪو حڪم؟“

ساحل ڪرسي تي ويٺي پنهنجي ٽچ اسڪرين موبائيل ۾ ڪي Apps پئي ڏٺا، ”آئون جيئن ئي واپس ايندس ته تو کي اطلاع ڪندس.“

”حاضر مٺا.“ ساحل بنا ڏسڻ جي هائوڪار ڪئي.

مون امبر کي ٻڌايو، ”آئون سياڻي واري ڪوچ ۾ ڳوٺ ويندس، جنهن تي هن گهڻو ئي احتجاج ڪيو ته في الحال نه وڃ، امتحان کان پوءِ وڃجانءِ پر مون کيس چيو ته آئون هڪ ٻن ڏينهن ۾ اچي ويندس ۽ پوءِ امتحان جي تياري ڪري وٺنداسين.“

هوءَ به ڪنونس ٿي وئي، آئون صبح جو تيار ٿي ڪوچ اڏي تي پهتس. بڪنگ ڪرايم. گاڏي ۾ ڪجهه دير هئي. پنهنجي پسنديده اخبار ڊان ورتم. پاڻي جي بوتل ۽ هڪ ماري بسڪيٽن جو ڊٻو، ڪجهه ئي دير ۾ ڪوچ اچي وئي. پنهنجي مقرر سيٽ تي وڃي ويٺم. ڪوچ ۾ ڪا Violent مووي هلي رهي هئي. ڊرائيور کي آواز گهٽائڻ لاءِ چيم ۽ اخبار پڙهڻ ۾ محو ٿي ويم. ٿوري دير ڪانپوءِ امبر جو ميسج آيو،

”ڪٿي آهين؟“

”ڪوچ ۾ ويٺو آهيان. بس ٿوري دير ۾ هلڻ واري آهي.“ جواب ڏنم.

جهٽ رکي وري امبر جي ڪال آئي.

”ڪٿي آهين.“

”اڙي مٺي، ٻڌايم ته ڪوچ ۾ آهيان بس هاڻ نڪرڻ تي آهي. ڇو ٿي مون لاءِ ايتري پريشان ٿين. دلجاءِ ڪر آئون خيريت سان آهيان. گهر پهچي پوءِ ٻڌائيندس.“

”قمر الائي ڇو اڄ تنهنجي ياد پئي اچي.“

”اڙي يار، آئون اچي ويندس. تون مون کي گهڻو ياد نه ڪر. نوٽس ناهي وٽ ها ها ها. پڳلي ايترو پريشان ٿيو آهي ڇا؟ چڱو هاڻ بند ٿو ڪريان بس ڪوچ نڪري ٿي. اوڪي باءِ- آءِ لو يو.“

”آءِ لو يو ٿو.“

ڪال ڊسڪنيڪٽ مس ڪيم ته مٿان ادا وڏي جي ڪال اچي وئي، ”ڪٿي ڪامريڊ؟“ ادا پيار مان ڪامريڊ سڏيندو آهي.

”ڪوچ ۾ ويٺو آهيان ڳوٺ پيو وڃان؟“

”مان ڪراچي مان ٿوري دير ۾ نڪران ٿو. پوءِ حيدرآباد اچي فليٽ تي آرام ڪندس ۽ شام گڏ هلنداسين. پنهنجي گاڏي تي.“

”پر ادا، آئون ته ٽڪيٽ به...“

”اڙي ڪامريڊ، ڪڏهن اسان جي به ٻڌندا ڪريو.“

”ٺيڪ آهي.“

”اوڪي ملون ٿا ٿوري دير ۾.“

ڪال ڊسڪنيٽ ٿي وئي. نه چاهيندي به ڪوچ تان لهڻو پيو. جو ادا جو حڪم هو. رڪشا ڪرائي پلازا وٽ پهتم. پاڇي وارن جا هوڪا، ماڻهن جي پيهه پيهان. ننڍڙو بيگ کڻي پلازا جي وڏي عمارت کي ڏسي ان جي ڏاڪڻين تي چڙهڻ شروع ڪيم. ڏاڪڻيون هيون جو ختم ئي نه ٿي ٿيون. اٺين فلور تي فليٽ هو. موڊ آف هو. پر ادا وڏو هو ان ڪري ان جي هر ڳالهه حرف آخر ڪري مڃڻي پئي.

پنجين فلور تي پهچي ورتل پاڻي جي بوتل کولي پاڻي پيتم. وري هلڻ شروع ڪيم. چاٻي انٽرلاڪ ۾ هڻين جيئن ئي دروازو کوليم ته پاڻ تي، پنهنجي وجود تي، هن ڪائنات کي ذريون ذريون ٿيندي هوا ۾ اڏندي پانيم. اکيون ٻاهر نڪري آيون. جسم کي ڪنهن گرم سگري تي رجندي پانيم. آسمان ڦاٽي پيو هو. ڌرتي ڄڻ ڪيڏانهن اڏامي هلي وئي هئي. منهنجي مٿي ۾ ڄڻ ڪنهن زور سان اسٽيل جو ڪوڪو ٺوڪيو هجي. منهنجي نڪ ۾ خبر ناهي ڪٿان ڪنهن زور سان مترڪي جو ڏڪ هنيو هجي. اکين اڳيان سڀ منظر ڪنهن فلم جيان ريورس ٿيڻ لڳا هئا. يونيورسٽي، هاسٽل، ڪيمپس، املتاس جا وڏا وڻ، سنڌيالاجي ميوزيم جا سيئي بوتا، سينٽرل لائيبريري جون ڏاڪڻيون، ڪيمسٽري لان، اهي سيئي شيون ٽوٽا ٽوٽا ٿي هوا ۾ اڏامي رهيون هيون.

سامهون امبر بنا ڪپڙن جي اها راند پئي ڪئي جيڪا ڪجهه ڏينهن اڳ مون سان ساڳي جاءِ تي ڪئي هئائين. پر هن دفعي رانديگر تبديل هو، منهنجي جاءِ تي منهنجو دوست، منهنجو روم ميٽ ساحل سندس پاڪرن ۾ پريل هو. ■

# ڪاڏڙ...



منظور ڪلهوڙو

”پُورا، بُتُ تو پچي، اصل رڳ رڳ پئي تڙپي.“ ”جيءُ تو جلي.“

”...“

”پُورا.“

”جيءُ ڪيان بابي ڪي.“

”ڪو بلو ڪر پُورا منهنجو. اصل مرڻ تو مرڻ.“

”مرن تنهنجا دشمن بابا، ڇو اڇي هيانءُ لاٿو اٿؤَ. ٻه ٽي ڏينهن صبر ته ڪيو نه.“

”نصيبان لڳي پئي آهي ڪم ڪي، ٿوري مهلت ڏيوس. پاڻهي ٽي مومل ماري اچي اوهان جي پيرن ۾ ڦِٽو ڪري.“

”پر پُورا، ڏاڍي دير ڪئي اٿائين. مون کان انتظار نه ٿو پُڄي، صبر ڪري ڪري سُڪي ساڻو ٿي پيو آهيان.“

”ڇڏيو بابا، ڪهڙو صبر ڪيو اٿؤَ. اڳئين هفتي ته ربوءَ جي ڏيءَ ڪي ڏٺو اٿؤَ. اچي ڪٽي آسمان مٿي ٽي ڪنيو اٿؤَ.“ پُوري هجت ۾ مشڪندي چئي ڏنو.

”ڪاڏي ويندي پوتار، پنهنجي ڳوٺ جي ڇوري آ. پاڻهي ٽي نصيبان ڦيرائي گهيرائي اوهان جي آڏو ٽي آڻي.“

”پر پُورا، منهنجو ته جيءُ ٿو جلي نه. گهڙيءَ گهڙيءَ اکين جي آڏو آ، واسينگ وانگر وراڪا ڏئي مون ڪي هر هر ٽي ڏنگي. ڇا ڪيان؟ ڏاڍي ڪوشش ٿو ڪيان. پر دماغ تان لهي ئي نه ٿي.“

”...“

”پُورا، ايڏو ته قابو ڪيو اٿائين، جو پڇ ئي نه. دماغ ته نهيو پر دل به قيد ڪري ڇڏي اٿائين. ڇا ته ڇوري آ؟“

”...“

”اصل باهه آ باهه.“

”مان ته چوانءِ ٿو وڃ وڃي ربوءَ ڪي وني آ ته سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايانس ته ربو اها باهه تنهنجي گهر ڪي ساڙي ڀَسم ڪري ڇڏيندي. اها باهه مون ڪي ڏي، جيڪا منهنجي جسم ڪي جلائي جلائي اصل پچائي ڇڏي.“

”وڃ پورا وڃ، وڃي ربوءَ ڪي وني آ ته راضي ٿو ڪيانس، اڙي اها ٻَني لکي ڏيانس جيڪا ڪُڙمت تي ٿو ڪري... پوءِ به جي نه مڃيائين ته مڇون پٽي هٿن ۾ ٿو ڏيانس.“

”بابلا، ڪاڏي ويندو رَبُو، ربوءَ جو ڪهڙو حال آ، راڄ آ اوهان جو. مان ته چوانءِ ٿو صبر ڪريو ته جيئن ربوءَ ڪي چوڻ جي نوبت ئي نه اچي.“

”بس پورا شل توڪي ڪا ڪَهَل پوي.“

”بابلا، اڄ ڇا ٿي ويو اٿؤَ. مان ڪير ٿيندو آهيان اوهان تي ڪَهَل ڪرڻ وارو؟ ائين چئي مون ڪي شرمندو نه ڪيو بابلا. بس هاڻي دير نه آهي، وري به اڄ وڃي ٿو نصيبان ڪي ڪڙڪايان ته وارو ڪر نصيبان، دير ڪري ڇڏي اٿئي. پوتار اصل هٿن مان ٿو وڃي.“

”ها پُورا، اڄ وڃ نصيبان ڏي. وڃي منهنجو حال ٻڌائينس ته ڪيڏو هيٺو ٿي پيو آهيان. ان ڇوريءَ اصل منهنجو جيءَ جلائي ڇڏيو آهي. چوينس صفا اباڻڪو ٿي پيو آهيان.“

”بس پوتار، اڄ ته منهنجا وڻ ئي وڃائي ڇڏيا اٿؤَ.“

”سڄي زندگي ولايت ۾ گذاري اٿؤَ. لنڊن ته منڊمن جي منڊلين سان سَٽي پئي آهي. امي گورا گورا سڊول بت ۽ نور جهڙا چهرا ضرور ڇُميا هوندؤ. پوءِ به ربوءَ جي ان خسيس ڇوريءَ لاءِ اچي اباڻڪا ٿيا آهيو؟“

”توڪي ڪهڙي خبر پُورا، هيري جو قدر جوهري ئي ڄاڻي. اڙي، لنڊن جا اهي سنگ مر مري بت رڳو ڏسڻ ۾ ئي چڱا اٿي. باقي هٿ لاهڻ ڪان پوءِ اهي ڦيڪا ۽ ٻُهَ جا پريل گاڏا لڳندءِ.“

”جائي ٿو چوين پوتار.“

”ها پورا، سچ ٿو چوانءِ. مان به سٽن ڪنڊن جون سٽئي چمڙيون پٽيون آهن، پر جيڪا پنهنجي نه چمڙيءَ آ ان چمڙيءَ جو جواب ئي نه آهي.“

”برو بر پوتار، برو بر سچ ٿا چؤُ.“

”پر پوتار، رئيس وڏو ته لنڊن جي معشوقڙين جي ڏاڍي ساراهه ڪندو آهي. چوندو آهي ته لنڊن دنيا جي جنت آهي جنهن ۾ قسمين قسمين حورون پيون ٿيون هر وقت وندرائين.“

رئيس گلاس ڪٽي ووڊڪا جو وڏو پيگ ٺاهي پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيو. ساڄو هٿ پنهنجي شهپرن تي ڦيرائيندي ۽ کٻو هٿ پنهنجي سٿرن طرف وڌائي ڇڏيائين. اکيون ڳاڙهيون ۽ ٽاندا ٿي پيس. چهري ۾ جوت اچي ويس. تصور ۾ ربوءَ جي ڏيءُ جو جرڪندڙ چهرو، سنهڙو بدن، ڊگهو قد، وڏيون ڪجليون اکيون اکين جي اڳيان پئي ڦريس.

”پورا، پوءِ ڇا ٿو چوين؟ نيٺ ڪڏهن ٿو مهراڻ جي موجن جو سير ڪرائين؟“

”بابلا، ڇيم نه ته هاڻي ڏينهن پري نه آهن. اجهو پڪي دام ۾ ڦاٿو. پوءِ جيئن چاهيو تيئن ڪائوس. وٽيؤَ ته ٻُوڙ چاڙهيو، وٽيؤَ ته ٽاندن تي پچائي ڪباب ڪري ڪائوس.“

”هئي ڙي هئي پورا، اندر ئي ٺاري ڇڏيئي. تون به وڏو آڙيڪاپ آهين.“

”بس بابلا، اوهان جي ڪرم جي نظر آ نه ته پُورو ۽...“

”نُورَ مني جو قسم آ پورا، ڇُوري ناهي ڪا گڏهِ آهي. ايڏي ڪوشش ڪئي اٿم. پر مجال آ جو مڃي. رڳو گڏهه وانگر اٿون ٽي هٽي. هاڻي ته اصل گارين ٽي لهي آئي آهي. ڳالهايانس ٽي ته اصل منهن ئي پَٽي ٽي وڃي. مان پلا ڇا ڪيان؟ پرائي ڌيءُ آهي. آخر نه مڃيندي ته مان ڇا ڪندي مانس.“

”...“

”مون ڪي ته هاڻي پُورا ڊپ ٿو ٿئي ته ڪٿي ڪول نه ڪري وڃهي.“

”نه نه. نصيبان، ڪول نه ڪندي. جي ڪيائين به ته رئيس جو نالو ٻُڌي ٺَپ ئي نري ويندن. تون ڊپ نه ڪر.“

”پورا، ڇُوري شهر ۾ رهي آ، اتي پڙهي آ، اها ٻين ڳوٺ وارين ڇورين وانگر ناهي جو رئيس جو نالو ٻُڌي منهنجي ٻُچڪر تي پٽيان هلي ايندي.“

”ڪاڏي ويندي نصيبان تون رڳو ماڻهس سان سُرُ ملاءِ، پوءِ تون ويٺي ڏس.“

”مُئا ماڻهس ته مون سان سنئين منهن نه ٿي ڳالهائي، اهڙيون ڇڙٻون ٿي ڏئي جو دل ته چوي ٿي ڇُوريءَ ڪي ڇڏي ماڻهس ڪي رئيس وٽ وٺي وڃان.“

”ڪجهه اسان جو به خيال ڪَرِ نصيبان. رئيس ٽُڪَ به نه هٽي ربوءَ جي زال ڪي... باقي مان حاضر آهيان.“

”...“

”وڃي ڍنڍ ۾ پُؤ. منهنجو مٿو نه چَٽ. مون کان اهو ڪم زور آ. اها ڏيهه جي پهاڄ ڪو نه مڃيندي. مان ٽي وڃي رئيس ڪي جباب ڏيان.“

”متان ڇري ٿي آهين نصيبان، رئيس ان ڇُوريءَ ٽي چٽي ڪٽي جيان پيو گگان ڳاڙي. جي نه ٿو جواب ڏنس ته اهڙو حشر ڪندءِ جو ستئي پيڙهيون ياد ڪندئي.“

”رب تنهنجي پاڙ پٽي پُورا، اهو سڄو ڪيو ڏريو تنهنجو آ، نه تون رئيس ڪي ربوءَ جي ڏيءُ ڏيکارين ها ۽ نه رئيس ائين انڌو ٿئي ها. هاڻي پاڻ به پئين جنجال ۾ ۽ مون ڪي به وڌئي عذاب ۾.“

”تڏهن ته چوانءِ ٿو نصيبان، همٿ نه هار وارو ڪر. ڇوريءَ ڪي ريهي ريبي تيار ڪر.“

”پاڙن پٽيا، ڪيئن مڃايانس؟ توڪي ڪهڙي خبر ته مان ڇاڇا نه ڪيو آهي. پر گُهوڙي مڃي ئي نه ٿي. ۽ تون رڳو ٿو مون ڪي پٽيون پڙهائين. مان پلا ڇا ڪيان؟ تون به ڪجهه ڪر. باقي پاءَ تيل جو مڇن ڪي هنيون وتين ٿو ڳوٺ ۾ گهمندو. مان وڃي ٿي رئيس ڪي تنهنجي دانهن ڏيانءِ. نه ته تون به ربوءَ ڪي راضي ڪر پوءِ ڏسان ته ماڻهس ۽ ڇوري ڪيئن ٿيون گاريون ڏين ۽ انڪار ڪن.“

”ڏاهي ٿي نصيبان، متان ائين ڪرين، رئيس وٽ اصل پلجي به نه وڃجاءِ. چڱو مان ربوءَ سان سُورُ سليان ٿو. پوءِ الله پلي ڪندو.“

”ها مُئا، ائين ڪر نه، تون به ته ڪک پچي ٻيٺو ڪر. اچي مون اڪيلي گگدام ڪي ڦاسايو اٿئي.“

”مارَ پوئي نصيبان، تون ۽ گگدام. نيا ڳي ڏند ڪائي چپن ڪي وڃي لڳي آهين، سڄي ڳوٺ ۽ تَرَ جون مايون ’ڪوٺ‘ تي چاڙهيون اٿئي. پوءِ به تون گگدام آهين؟“

”چڱو هاڻي تَرُ مُئا، هل هتان ته مان گهڙي ڪن ڪان پوءِ وڃان ٽي وري ربوءَ وارن ڏي.“

”اڄوڪو ڏينهن تَرس نصيبان، اڄ ربوءَ سان ڳالهه ڇُوريان. ڏسان ته ڇا ٿو چوي، پوءِ تون وڃجاءِ.“

”چڱو پُورا.“

”ها ڏوتي سچ ٿو چوانءِ.“

”ائين ڪر پُورا، باقي رئيس علي نواز ته رئيس

وڏي ڪان بہ ڪم تيائي ڏنو آهي. اصل جنهن تي نظر پويس ٿي، چوي ٿو حاضر ڪر. ان ڪي شهر زال ڏي موڪل پورا نہ تہ پيريءَ ۾ پادر ڪارائيندو. هاڻي اڳيون وقت ناهي رهيو. زمانو بدلجي ويو آهي.“

”دل نہ لاهہ نصيبان، دور تنهنجي ۽ منهنجي لاءِ بدليو آهي. رئيس لاءِ سڀ دور ساڳيا آهن. جتي تو جهڙيون ڏوتيون ۽ تيرنهن تاليون هجن اتي دورن جي پيٽي آ؟“

”علي نواز اڄ چيف منسٽر پاڻ سيڙجي روبرو تنهنجون شڪايتون ڪري ويو آهي. بابا اسيمبليءَ جي فلور تي اهڙيءَ ريت چتو ڳرو ۽ واضح موقف نہ رکبو آهي. پنهنجي پارٽي پاليسي کي مدنظر رکي ڳالهائبو آهي.“ رئيس اڪبر خان شهر واري بنگلي تي پٽ ڪي سياسي ڳُر سمجهائيندي چيو.

”پر، بابا سائين...“

”علي نواز مون کي ڳالهہ پوري ڪرڻ ڏي. تنهنجي پارلياماني سياست جا شروعاتي سال آهن. جيڪڏهن تنهنجا اهي رويا رهيا تہ پارٽي ۾ دوستن جون همدرديون وڃائي علائقي ۾ سياسي طور اڪيلا ٿي ويندا سين ۽ مان اهو هرگز ٿيڻ نہ ڏيندس.“

”...“

”مون تہ سوچيو هو تہ تون لنڊن مان پڙهي آيو آهين. پنهنجي ذاتي حيثيت، خانداني پسمنظر، واسطن ۽ ذهانت آڌار وزارتون ماڻيندي. مان تو ڪان گهٽ پڙهيل هجڻ جي باوجود پنج دفعا وزير رهيو آهيان ۽ تو اڄڻ سان ئي ڌرتي تپائي ڏني آهي؟“

”بابا سائين، ان بل پاس ٿيڻ سان اسان کي يعني اسان جي ڌرتيءَ عوام کي ڪربن روپين جو نقصان ٿيندو.“

”علي نواز، اسان جو نقصان نہ ٿيندو.“ رئيس اڪبر رڙ ڪندي چيو.

”سنڌ اسان...“

”مان چيو نہ علي نواز اسان جوان معاملي سان ڪجهہ بہ نہ وڃي. صدين ڪان ونئي ايئن ٿيندو آيو آهي.“

”پر بابا سائين...“

”علي نواز، ڏاهو ٿي. بس اهو منهنجو فيصلو آهي تہ اسيمبليءَ ۾ تون ان بل جي مخالفت نہ ڪندين. اسلم خان هن کي سمجهاءِ.“

رئيس اڪبر اهي لفظ چئي ڪاوڙ ۾ اٿي پنهنجي ڪمري اندر هليو ويو.

ڏنڊ جو ريسٽ هائوس ساون چهچ ڳهاٽن وڻن جي جهڳٽي سان چوڌاري ڍڪيل هو. ريسٽ هائوس جي مٿئين منزل تي رئيس علي نواز کي آئي اڌ ڪلاڪ گذري ويو هو. پر هن ڳوٺ کان ڏنڊ طرف ايندي نہ سفر دوران پوري سان هڪ لفظ ڳالهايو هو ۽ نہ وري ريسٽ هائوس ۾ اچي اڌ ڪلاڪ کان ڪجهہ ڳالهايو هو.

”رئيس علي نواز سگريٽ مٿان سگريٽ پي رهيو هو. سندس ساڄي هٿ ۾ آمريڪن پسٽل جهليل هو. پورو سندس پيرن ۾ ويٺل هو جيڪو بار بار رئيس جو چهرو تہ تڪي رهيو هو پر رئيس علي نواز خان سان اکيون اکين ۾ ملائي ڏسڻ جي سگهہ ساري نہ پئي سگهيو.

”پورا.“

”جي ڪيان بابي کي.“

”ربوءَ جي چوريءَ سان منهنجي ڪنهن فلم پرائي؟“

”ڪهڙي فلم بابا؟“

”اڙي ڪهڙي فلم؟ اڄان اهي ناٽ نہ تو ڇڏين. تو ڪان سواءِ اهو بيو ڪير تو تي سگهي جيڪو ڳوٺ واري بنگلي ۾ اچي ايئن ڪري هليو وڃي.“

”پر، بابا...“

”چپ ڪر حرام خور، صرف ايترو ٻڌاءِ تہ تو فلم ڪنهن جي چوڻ تي پرائي؟ بابا سائين، يا اسلم خان جي چوڻ تي؟“

رئيس پوري تي پسٽل سڌو ڪيو. پورو ڪنبڻ لڳو. ٻانهون ٻڌي رئيس جي پيرن تي ڪري پيو. اکين مان ڳوڙها نار جيان وهڻ لڳس. پوري جو آواز ڳرو ٿي پيو.

”بابلا...“

”چپ ڪر حرام خور.“

اوچتو فون جي گهنٽي وڳي.

”تو کي چيو هو، نہ منهنجي موبائيل فون بند ڪري ڇڏ.“

”بابلا موبائيل بند آ، ڏنڊ جي فون پئي وڄي.“

پوري رئيس جي پيرن تان ڪنڌ ڪڍندي چيو.

”هتي ڪير فون ڪندو؟ تو کي جهليو هوم نہ تہ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجانءِ تہ ڏنڊ تي پيو وڃان.“

فون جي گهنٽي مسلسل وڄي وڄي بند ٿي وئي ۽ وري ٿوري ساهيءَ کان پوءِ وري مسلسل وڄڻ لڳي.

”اٿ فون کڻ.“

”جي بابلا.“

”هلو سائين ڪير؟“

”صاحب وڏا، سلام سائين جي بادشاهيءَ جو خير.“

”ها ها سائين، ها آهي پوتار.“

”بابلا، صاحب وڏي، طفيل خان جي فون آهي.“

پوري جو چهرو ٻهڪي پيو.

رئيس علي نواز خان پوري کي نفرت وچان چتائي ڏسي رهيو هو. رسيور ونئي ساڄي ڪن تي رکي ڳالهايو.

”جي طفيل صاحب.“

”رئيس، ڳوٺ ڇڏي ڏنڊ تي هليا آيا؟“

”بس ايئن طفيل صاحب...“

”رئيس فلم لاءِ معذرت ۽ ها ڪالهہ واري ’گدجاڻي‘ ۾ اختيار ڪيل رويي لاءِ معذرت. اها معذرت سيني پاران آئون پيو وٺان. اهو مون اڪيلي جو نہ پر سيني جو ’گڏيل‘ فيصلو هو.“

”...“

”سائين سمجهو پيا نہ.“

”ها طفيل صاحب.“ علي نواز خان بيزارگي ۽ شرمندگي محسوس ڪندي جواب ڏنو.

پوري جي خاص پارٽ هجيؤ. اوهان جو بہ ’بچو‘ آ ۽ اسان جو بہ ’خاص ماڻهو‘ آ.“

”خاص ماڻهو؟“

”ها رئيس پورو اسان جو خاص ماڻهو آهي. ڏاڍيءَ ڪم جو بندو اٿؤ. اوهان کي ’سچي‘ عمر ڪم ۾ ايندو.“

علي نواز خان پوري کي حيرت وچان چتائي ڏٺو.

پورو رئيس اڳيان ٻانهون ٻڌي مشڪي پيو.

”رئيس، اڄ اسيمبليءَ ۾ بل پاس ٿي ويو. اوهان جي غير حاضري سرڪار ۽ سي.ايم صاحب کي خوش ڪري ’ڇڏيو‘ آهي. باقي اسان تہ اوهان جا پراڻا خادم آهيون. اوهان کي اهو ’بدهائيندي‘ خوشي پيو محسوس ڪريان تہ اوهان جا ’ڏاڏا سائين‘ جنهن جي پنيان اوهان تي نالو رکيل آهي، اهي لاهور ۾ اچي منهنجي والد صاحب وٽ رهندا هئا ۽ بابا ڪان جيڪا بہ خدمت ٿيندي هئي اها خوشيءَ سان ڪندا هئا. اوهان جا والد صاحب ’رئيس وڏو‘ بابا قطب علي خان جي ان ڪري ’ڏاڏي‘ عزت ڪندا هئا. اڄ آئون بہ اوهان جي اها خدمت ڪندي خوشي محسوس ڪندس.“

”ڪهڙي خدمت طفيل صاحب؟“

”تورو صبر ڪيو رئيس...“

”ڪالهہ واري ’گدجاڻي‘ ۾ مون اوهان جي خاندان جو اهو فائيل ’ڏنو‘ جيڪو اسان جي ... جو نهيل نہ آهي. سمجهو ٿا نہ رئيس؟“

”ها طفيل صاحب.“

”ان فائيل ۾ اوهان جا ’پڙڏاڏا‘ خانبهادر عاشق علي خان مرحوم ’باهبي‘ پرزيڊينسي جا ’وڏا‘ حامي ۽ خيرخواهہ هئا. اوهان جي، ’ڏاڏا سائين‘ ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ’ڏنو‘ هو. اوهان جي والد...“

”طفيل صاحب ڪم جي ڳالهہ ڪريو، آئون پنهنجي خاندان جي سياسي تاريخ ڄاڻان ٿو.“

”جي جي رئيس، آئون ’ڄاڻان‘ ٿو، اوهان بخوبي ’ڄاڻو‘ ٿا، پر پيغام پهچائڻ بہ تہ منهنجي لاءِ فرض آهي نہ...“

”...“

”سمجهو پيا نہ رئيس...“

”جي.“

”تہ پوءِ موڪلاڻي نہ آهي. ريسٽ هائوس جي ’باهرين‘ دروازي تي ’ببلي‘ اوهان جو انتظار پئي ڪري. سمجهو پيا نہ رئيس...“

صاحب وڏي جو وڏو زوردار ٽهڪ رئيس جي سماعتن سان ٽڪرايو ۽ لائين ڊسڪنيڪٽ ٿي وئي.

”پورا.“

”جي بابلا.“

”وڃ ٻاهران مهمان کي اندر وٺي آ.“

رئيس وري سگريٽ ڌُکايو. صوفي تان اٿي چهل قدمي ڪندي ڊگها ڊگها ڪش هڻڻ لڳو.

دروازو کليو. ببلي جهڪي رئيس کي سلام ڪيو.

رئيس مانائتو جواب ڏئي پنهنجو عقابي نظرون ببليءَ جي چهري تي کُپائيندي بيني بيني ان جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. ڪنڌاري ڏاڙهن تي رئيس جون نظرون ٽڪي بيهي رهيون تہ ان دوران ببليءَ جو ڪمري ۾ آواز ٻُريو.

”رئيس وڏا، ويهڻ لاءِ نہ چوندا ڇا؟“

”اچو، اچو ويهو.“

رئيس جي ساڄي هٿ ۾ سگريٽ ۽ کٻو هٿ سترن طرف هليو ويو.

”بابلا ملڪ جي نمبرون اداڪارا ۽ ڊانسر اٿؤ. طفيل صاحب خاص الخاص اوهان لاءِ پورو هفتو بڪ ڪيو



# رت جي چمڪندڙ ليڪ...

نائله صدف

**فجر** جي نماز پڙهڻ ڪانپوءِ، نندي گهر جي مختصر آڳر ۾ ويٺي سوچن جي اجهاڳ سمنڊ ۾ گوتا کائي رهي هيس. سامهون، پڃري ۾ ڳاڙهي ڳاني وارو طوطو شور ڪري رهيو هو، ’بي بي چُوري... بي بي چوري ...‘

طوطي جي شور مجبور ڪيو. ۽ مان اٿي، ڪيس پنهنجي پوڙهي ۽ ڏڪندڙ هٿن سان چُوري ٺاهي هٿن سان کارائڻ لڳيس. ۽ پوءِ منهنجو خيال، آڳر ۾ ٽپندڙ-ڪڏندڙ ٻين پکين ڏانهن به ويو.

”مون جن کي پنهنجي ڪک مان جنميو. طوطن به ائين ئي وجود ورتو هوندو.“

آئون جيئن فجر جي نماز کان واندي ٿيندي هئس ته اهي پکي، پنهنجون ننڍيون ننڍيون سرمائي اکيون مهٽي جاڳي پوندا هئا. ۽ پوءِ اهي چري پُري منهن ڌوئي اچي پنهنجي پنهنجي مقرر جاين تي براجمان ٿي ويهندا هئا. ۽ آئون جيئن ئي بورچيخاني ۾ گهڙندي هئس ته اهي به منهنجي پويان اچي رڌڻي ۾ مُڇُ تي ويهندا ها. پنج ڌيئرون، هڪ پٽ ۽ ڇهون مون وارو مرهيات مڙسالو به.

منهنجو ڌيان منوءَ ڏانهن. مونکي هن جي هيٺ لهڻ جو اوسيئڙو!! ڇمن جي پويان ته بنهه ڇتو هو. ڪتري ڪتري هيٺ ڪوڙ لڳائي ڇڏيندو هو. منهنجي ڌيئن پارو ۽ نازيا جيان- پارو لنڊا بازار جي دڪاندار سان پرڻيل آهي. ۽ ڪيس ٻه ٻار آهن. نازو، راولپنڊي ۾ پرڻيل آهي. ۽ سندس گهر وارو خشڪ ميوي جو ڌنڌوڙي آهي. اها به ٻچڙيوال آهي... پر مان ته ماءُ آهيان. سندن ٻاروتڻ اڄ به اکين آڏو ڦيريون پيو پائي.

صبح جو اٿڻ سان ئي ڄمون چونڊڻ کي لڳي ويندي. ۽ جهول ڀري خوش پيون ٿينديون. وڏي ڌيئڙي، جنهن کي نازو ’آپي‘ ڪري سڏيندي هئي. رڙ ڪندي چيو، ’امان، انگوڙين ڄمن سان جهوليون ڀري ڇڏيون آهن. رنگ نه لهندو!!‘

”وات پٽيو چا پئي ڏسين. هٽين ٻوٽ واريون لپاٽون.“ ۽ پوءِ هوءَ گلن جهڙي نازڪ ڇهري تي چماٽ وهائي ڪيندي.

چماٽ جي آواز تي منهنجي هيئن ۾ ڪنبڙي وٺيو وجي، ”ندوري، ويچاريءَ جو ڳتو ئي ڳاڙهو ڪري ڇڏيئي. هل پري ٿي.“ ان وقت ته پارو هٽيو وجي. پر پوءِ ساڳيا لاٽو، ساڳيا ڇُڳهه. وڏي جو ٿي- هاءِ، پر هاءِ ته اها به ڏور هلي ويئي. پر سال، فالج جو حملو ٿيس. هڪ ڌيءَ ڇڏي اوڏانهن پلاٽي، جتان اڄ تائين ڪو به ناهي موٽيو. مڙسنهس، نياڻي ڪٽي الائي ڪيڏانهن مُنهن ڪري هليو ويو.

ياد آهي ان ڏينهن ڄمون جي وڻ هيٺيان هن جو مڙهه رکيل هو. ڄمونءَ جي هڪ شاخ تي منو اداس اداس ويٺو هو. جڏهن هن جو لوڙهه لٽڻ لاءِ کنيو ويو ته رڙين، ڪوڪن ۽ ماتم جي صدائن ۾، منوءَ جو آواز به شامل هو، ’آپي... آپي...!!‘

ڪيترن ڏينهن تائين منو، آپي هل... اي... وئي... ئي...‘ چوندي، لڙڪ لاڙيندو رهيو. پر آپي ڪٿان اچي ها؟

”امان، ڪويت ۾ درزين جون جايون نڪتيون آهن... مان به وڃڻ چاهيان ٿو؟“

ان وقت چمڪيلي صبح هئي. منهنجي وڏي پٽ چيو، ”پگهار به سٺي چون ٿا. ۽ رهڻ-کهڻ جو به جوڳو بندوبست آهي.“

”...“

”امان، ڪيڏيون جوابداريون آهن. صبا جي شادي، فواد جي پڙهائي. هن تنگدستي ۾ ته ڊٺل گهر جي ڪري پيل ڀڳڙڪي به نه ٿا لڳرائي سگهون.“ پٽ ائين ڳالهائيندو رهيو، ڄڻ ڪويت وڃڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. ۽ مونکي رڳو ڄاڻ ڪرائي رهيو هو.

وڏو ٻاٽس ۽ فواد، جيڪو هاڻي انجنيئر آهي. صبا جي ڏولي ڪلهن تي کڻي آڳر ۾ آيا.

”الا منو، صبا به پنهنجي گهر-وَر واري ٿي ويئي.“ ڪراڙي، ڌيءَ جي ڏوليءَ ڏانهن ڏسندي منوءَ کي چيو.

پوڙهي جي اکين ۾ ڏک گاڏڙ خوشيءَ جا جذبا رقص ڪري رهيا ها.

منو، پنهنجي ڏکي ۽ سنهي چنهب سان سائي مرچ ۾ ٺونگو هڻندي خوشيءَ جو اظهار ڪيو، ’صبا...صبا...‘

وڏو پٽ، ڪويت هليو ويو.

صبا جي شادي به رويتي انداز ۽ وڏي شان سان ٿي ويئي. فواد به انجنيئر جي وڏي عهدي تي فائز آهي. پر ڪنڊر نما گهر، ساڳيو ئي آهي.

ٽپالي، ڪليل دروازي مان آڳر ۾ هليو آيو، ”چاچي، تنهنجي پٽ جي چٺي آئي آهي.“

”ابا، پڙهي ٻڌاءِ.“ پوڙهي غم گاڏڙ خوشيءَ مان چيو.

”چاچي، لکيو اٿائين، ’جي جي امان، تنهنجا سڀ اولاڏ ۽ الڪا لهي چڪا. مان هتي خوش ۽ آباد آهيان. مون به شادي ڪري ورتي آهي. لاهور ۾ هاڻ وڏي گهر اڏائڻ جي گهرج ناهي. هر مهيني گهر جي خرچ پکي جي رقم توڏي ايندي رهندي. ڳڻتي نه ڪجانءِ. خط لکندو رهندس. اميد ته فواد تنهنجو خيال رکندو هوندو. ! تنهنجو پٽ...“

مون ڪنوار ڏانهن ڪويت ۾، شاديءَ جو جوڙو ۽ ڳهڻا اماڻيا. پر هن هڪ ڀيرو به لاهور اچڻ جي نه ڪئي. ۽ نه ئي ڪڏهن خط لکيو. ها، باقي پٽ ڄايس ته انجي تصوير سو اماڻي ڏنائين. مون پوٽي جو فوٽو آڏو واري پٽ تي سجائي رکيو آهي... پر منهنجو آڳر جهڙوڪ خالي خالي... مان ۽ منو هيڪلا آهيون. ■



## وائي

ساٿي محبوب زنگيجو

موبائيل جي رنگ
ڏس سک آٽي پاڻ سان.
تو جا آهي نپائي
واسينگن جي ونگ
موبائيل جي رنگ
ڏک سک آٽي پاڻ سان.
تون جي منهنجو ساٿ ڏين
دنيا جو مان ڪنگ
موبائيل جي رنگ
ڏک سک آٽي پاڻ سان.
ساٿي تنهنجي هوند ڪٿان
نيٽن جي پولنگ
موبائيل جي رنگ
ڏک سک آٽي پاڻ سان.

الماڙي ۾ تنهنجو
رکيل تحريرون
ٿهڪن منهنجي حال تي
منهنجي بيچيني ڏسي
ٽنگيل تصويرون
ٿهڪن منهنجي حال تي
ڪفر جي فتويٰ ڏيئي
اپيون شمشيرون
ٿهڪن منهنجي حال تي
پاڇن پويان ٿيون ٻوڙن
منهنجو تقديرون
ٿهڪن منهنجي حال تي

ميڙي چوندي ڳنڍ ۾
سيئي پنهنجا سور
نڪتم پنهنجو پاڻ سان
توءِ پڇاڻان روح ۾
پورب آندا پور
نڪتم پنهنجو پاڻ سان
مون کان منهنجا سُک سيئي
ڏور اچان کي ڏور
نڪتم پنهنجو پاڻ سان
شهر لٽاڙيم ايترا
رستا سڀ معذور
نڪتم پنهنجو پاڻ سان. ■




**جنهن** ڏينهن منور سراج پنهنجي ڪاٻي اک جو خواب ماڻڻ لاءِ ڪراچيءَ پئي ويو، ان ڏينهن آئون حيدر آباد ۾ هئس. خبر ناهي الائي ڇو ڪيس ڪال ڪئي هئم. موت ۾ ڇيو هئائين، ”يار، دعا ڪجاءِ آئون ڪراچي پيو وڃان اک جو آپريشن ڪرائڻ لاءِ.“ سندس لفظن مان خوشي جهلڪا ڏئي رهي هئي، پر سندس ناول، ڪاٻي اک جو خواب، پڙهڻ کانپوءِ خبر پئي اٿم ته اُها هڪ اُداس خوشي ئي هوندي. جنهن جي پٺيءَ ۾ ڪٻ هوندو. حقيقت ۾ اِها اسان جي اجتمائي خوشي آهي، جنهن جي ڪڏهن به ڇيله سڌي نه ٿي سگهي آهي. جنهن خوشيءَ ۾ نفرت، ظلم، دهشت ۽ سڙيل رت جي بوءِ گاڏڙ خوشبو آهي ۽ اُن بوءِ جي ڪري هر انسان هڪڙي خوفائتي ڏک ۾ ورتل آهي. جنهن جا پير ائين چٽا لڳل آهن جيئن چور جا پير ڪنهن ڏاڳي واري زمين تي چٽا لڳل هوندا آهن ۽ ماهر پيري پير ڏسي چور سڃاڻي ماٿ تي ويندو آهي. چور جو نالو ناهي ٻڌائيندو، ڇو ته سندس جيئدان داءَ تي لڳل هوندو آهي. اسان جو جيئدان به اجتماعي طور تي داءَ تي لڳل آهي. اسان مليل نقصان برداشت ڪري وٺندا آهيون. ڇو ته ٻي صورت ۾ ان ڪان وڌيڪ نقصان واري امڪان کي به رد نه ٿو ڪري سگهجي. هاڻ چور مُئو ڪتو مُئو وارو محاورو تبديل ٿي، ٻاڳيو مُئو ڪتو مُئو واري ڳالهه آهي.

ناول، ’ڪاٻي اک جو خواب‘، اهڙن سوين امڪانن جا پيرا کڻي ٿو جن جو واسطو اسان جي اجتماعي پيڙائن ۽ ٻوڳنائن سان آهي. مون کي هي ڪتاب سمنڊ جي سفر جهڙوتو لڳي جنهن جي شروعات، هڪ اُداس ڪناري ڪان ٿئي ٿي ۽ پوءِ ايندڙ هر صفحي تي اجان به وڌيڪ اداسين جي گهراين ڏانهن لهبو ٿو وڃجي. هن سفر جي شروعات هڪ اهڙي شرعات آهي جنهن ۾ ڪا گهٽي گپاگيهه نظرڪانه ٿي اچي. پر، جيئن جيئن اڳتي وڌجي ٿو، تيئن تيئن گهراين ۾ لهبو ٿو وڃجي. ڪيترائي اهڙا موڙ اچن ٿا جڏهن ناول پنهنجي نقطهٔ عروج تي پهچي وڃي ٿو. هن ناول ۾ هڪ اهڙو راڻو آهي جيڪو ڪڏهن به پنهنجي مومل ماڻي نه سگهيو آهي جي ماڻي به اٿس ته نه ماڻڻ جهڙي.

هي اُهو ئي راڻو آهي جيڪو پنهنجي وجود ۽ آس پاس جي سيني شين جي ڊپ ۾ ورتل آهي. هي خوف اُهو خوف آهي جيڪو اسانجي اجتماعي رڳن ۾ رت وانگي سفر پيو ڪري. موت جو خوف، بيماريءَ جو خوف، حادثن جو خوف، ڇيلاٽن جي ڏنگن جو خوف، ننڊ اچي ته به ڊپ، جي نه اچي پوءِ به پريشاني!! جيئڻ به مجبوري ته مرڻ به مهڻو. پيار جيڪو هر خوف کي نيست و نابود ڪري ٿو ڇڏي. پر اسان وٽ خوف جي ڪا اهڙي ته نوعيت جُڙي پئي آهي جو محبوبا جي سامهون اچڻ لاءِ به سو بار سوچڻو ٿو پوي. ڪڏهن بدصورتي پئي رستو روڪي، ته ڪڏهن غربت. الائي ته ڪيترن ۽ ڪهڙن رنگن جو خوف آهي جيڪواسان جي سماج کي سوڙهو ڪيو بيٺو آهي.

وجودي ڏارا جي ٽريٽمينٽ سان لکيل هن ناول ۾ مون کي جيڪي شيون وڌيڪ نمايان نظر آيون آهن. انهن ۾ڪردارن جي ويڳاڻپ، اڪيلائي، خوف ۾ مبتلا هجڻ، مجبوري ۽ لاچاري نمايان آهن. انکان پوءِ لکڻ جو خوبصورت ڏانءُ، جملن جون تزترڪيبون ۽ ترتيبون، واقعن جي تُز اُٿت، تشبيهن ۽ استغارن جو شاعرانه استعمال، جنهن به پهلوءَ کي کنيو ويو آهي ان کي عروج تي پهچايو ويو آهي. جن جا ڪجهه مثال به ڏئي سگهجن ٿا. هن ڪائنات جي تخليق ۾ اچڻ واري بيگ بين ٿيوري واري شاندار منظرنگاري. دنيا ۽ ملڪ اندر هلندڙ دهشت گرديءَجي تاريخ کي تمام ٿورڙن لفظن۾ وائکو ڪرڻ. هڪڙو ورڪنگ ڪلاس جو ماڻهو پيدا ٿيڻ ڪان وٺي پڙهڻ جي شرعات ڪرڻ تائين، پوءِ نوڪري ملڻ ڪان وٺي شادي ڪري پنهنجو گهر ٺاهڻ تائين، ڪهڙين مصيبتن کي منهن ٿو ڏئي، ان جو احاطو انتهائي مفصل ۽ ادبي ٽريٽمنٽ سان ڪيو ويو آهي. ان ڪان پوءِ ورهاڱي ڪان پوءِ ٿيندڙ قتل غارت جو واقعو جيڪو راجا واري ريل تي پيش ٿو اچي. ان جي منظر نگاري. ان ئي واقعي مان بچي ويلن جي اولاد مان هڪ فيملي اسان جي ڳوٺ ۾ به اڄ ڪان ويهه سال اڳ ۾ اچي ويٺي هئي ۽ سچ پڇو ته سندن مک تي اڃان به اهڙوئي خوف موجود آهي. ۽ آئون ان ڳالهه کي هي ناول پڙهڻ ڪان پوءِ اڃان به وڌيڪ محسوس ڪيان ٿو، اُهو چاچو مونکي اڃان به ڪڏهن ڪڏهن سانگهڙ شهر ۾ ملندو آهي ۽ آئون ڪيس ڪچهري ڪرڻ لاءِ چوندو به آهيان، پر هن کي هر وقت ڪا نه ڪا تڪڙ هوندي آهي. هن ناول جو گهڻو حصو راجا واري ريل حوالي ٿيل آهي، جيڪا راجستان جي راجا جي پٺيان ’راجا واري ريل‘ ٿي سڏجي. جيڪا راجستان ڪان ٿيندي سمورو ٿرپاڪر لتاڙي ميرپورخاص ڪان ٿيندي نوابشاهه پهچندي هئيءَ ۽ وري واپس ويندي هئي. حقيقت ۾ اِهو سمورو ٽريڪ هڪ الڳ ناول جو موضوع آهي .اتفاق سان اِن ريل تي هڪڙو پيرو منهنجو به سفر ڪيل آهي. جهول ڪان ڄام صاحب تائين. ان ڪان پوءِ آئون اڄ ڏينهن تائين وري ڪڏهن به ڄام صاحب نه وڃي سگهيو آهيان.

مون کي ڳالهه ڪرڻي آهي ناول ۾ موجود ان لمحي جي جنهن لمحي ۾ اُها سفيد وڳي واري ڇوڪري ريل جي دري ڪان ويٺل هوندي آهي ۽ ککرن مان مورجي پرن جو مينهن وسندو آهي. مورن جي پرن جو منهن وسڻ، پَکي جي پرن مان ٽوپي جو ٺهي پوڻ. مٿي مان وهندڙ رت جوڪمري مان نڪري ڪاريڊور تائين پهچڻ، ۽ اڳڻ ڪان ٿيندو گهر جي مين گيٽ جي هيٺان ڪان وهي گٽر جي ننڍين ننڍين نالين مان ٿيندو، مين نالي ۾ وڃي جانورن جي رت سان ملي هڪ ٿي وڃڻ ڪائنات جي هيڪڙائي جو اعتراف آهي. مورن جي پرن جووسندڙ مينهن ڏسڻ ڪان پوءِ راڻي کي گهر پهچندي ئي بخار اچي وڃڻ.

سچ پڇو ته هي ناول پڙهڻ ڪان پوءِ اسانجو ادب به هڪڙي بخار ۾ وڃي ويو آهي جنهن کي لاهڻ اسان جي اديبن کي لازمي ٿي پيو آهي.

” بهرحال ڪاٻي اک جو خواب. موت ۽ مايوسيءَ جي منهن زور موسم ۾ دل جي ڪنهن ڪنڊ منجهه قتل، ٽڙيل محبت ۽ زندگيءَ جو ننڍڙو گونج آهي. جيڪو قطعي به پلاسٽڪ جو نه آهي پر مان شيشي جي گلاس وانگر ٽڙڪي ٽٽي پيو آهيان. گلاس ۾ جو ڪجهه هو ڪاغذن تي هارجي پيو آهي. مان خالي خالي ٿي پيو آهيان. منهنجي زخمي مرڪ منهنجي چپن جا ڪنارا ٻوڙي ڇڏيا آهن. مان سوڳواري جي سطح تائين اُداس ٿي ويو آهيان ڄڻ منهنجي اندر ۾ پري ڪٿي ڪجهه ڪوئي مري ويو آهي.“


راڄن مگريو

مٿيون سٽون پڙهڻ ڪان پوءِ ائين ٿو لڳي منور پنهنجا خط پاڻ ڇپرائي پڙهڻ لاءِ ڏئي ڇڏيا آهن. ۽ هاڻ اندر ۾ اِهو محسوس ٿو ڪري ته هو اُگهاڙو ٿي پيو آهيءِ هن جا خواب تعبير ماڻي ماڻهن جي آڏو اچي ويا آهن. ۽ سندس زندگيءَ کي هڪ اهڙي آبلڪ جي ٽيڙي لڪير لڳي وئي آهي. جنهن کي سڌو ڪرڻ هاڻ هن جي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ■

## بلوچ صحبت علي

الفتون ۽ چاهتون گهٽجي ويون
زندگي جون رونقون سَٽجي ويون
مڪڙيون ناهن ٽِڙيون ڪنهن پيار جون
وقت ڪان ئي سي اڳي پَٽجي ويون
روز ٿي اوٿر اٿيا ڪيِ ظلم جا
من جي ٻَر ۾ حسرتون لُٽجي ويون
راهه تان شيشا هٽائڻ چاهيم
آڱريون منهنجون سيئي ڪٽجي ويون
هن پڳو آهي پرم جو پيار ۾
رت اوتيندي اکيون ڦٽجي ويون
يار ’صحبت‘ ٻي مزي ماحول ۾
دوستن جون دوستيون مٽجي ويون.

alisuhbat@yahoo.com



## نماڻو صديق مهيسر

چاهتن جي پناهه ۾ رکجان
مونکي پنهنجي نگاهه ۾ رکجان
ڪونه ٿيندس ڪڏهن جدا توکان
ڳالهه منهنجي ويساهه ۾ رکجان
ڏار ڇو ٿو ڪرين پرين مونکي
مونکي سانڍي تون ساهه ۾ رکجان
عاشقي پاڪ ناءُ آهي من
ڪين تنهن کي گناهه ۾ رکجان
پيار توسان ’نماڻي‘ جو بيحد
سونهن جي بارگاهه ۾ رکجان. ■



# پاڻ جهڙي جهان ۾

شيام ڪمار

اڄوڪي يگ جو ’مهذب انسان‘ پنهنجي چهري کي عجب، ڪلڻ هاب، ڪرپ ڏيارينڌڙ انيڪ نقابن هيٺ لڪائي پنهنجي اصليت ئي وڃائي چڪو آهي.

خاص طور دانشور، سياست، قلمڪار- ۽ رت جي رشتن سان سلهاڙيل جنس ان ڏک ۾ پيش پيش نظر ايندي اٿم. مهاندن جي انهن سوانگن جا بہ انيڪ نانءُ آهن: منافقت، ڪوڙ، ٺڳي، خود غرضي، لوڀ، مرتبي جي آرزو وغيره. هنن لاءِ ڌرتي قبر ۽ آسمان ڳڙڪائيندڙ اجگر جيان ٻڄندو نظر اچيم ٿو.

مٿي بيان ڪيل خواهشون يا بدرنگ ’دوئي‘ جي ڪک مان جنم وٺندا رهن ٿا ۽ ماڻهن جي تن من ۽ ذهن کي ڌتاري موهي منڊي ڪين تباهي جي کُنَ ڀيڙو ڪندا رهن ٿا.

نيڪي ۽ بدي بہ هڪ ئي جڙ مان ائين اڀن ٿين ٿيون جيئن ڪنهن ماڻهو، فرد جي اولاد نيڪ ۽ بد ٿيندي آهي. ساڳي ريت زندگي ۽ موت بہ هڪ ئي وڻ جا ميوا آهن. اهو سمورو تماشو ’دوئي‘ جي ڪک مان پيدا ٿيندو رهي ٿو. ’ان‘ جو من مان خاتمو ئي ماڻهو کي ’انسان‘ ۽ ’ديوتا‘ جو درجو بخشي ٿو.

انسان کي ’دوئي‘ (duality) ختم ڪري پنهنجي ’پاڇي‘ کان پيڇو ڇڏائڻ کپي ڇو جو نرڪ ۽ سرڳ جو واسو ان اندر ئي ٿئي ٿو. تن من ۽ دماغ جي ايڪا گرتا (integrity) ذريعي ئي اهڙو عمل يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

انيڪ سنگين ساٿين ۽ رت سان سلهاڙيل جُسن کي نوحؑ جي ٻيڙي جيان ڏسندو آهيان، ۽ انهن وجودن اندر بي انت خواهشن جون اٿندڙ موجون ’مهانَ ٻوڏ‘ جو منظر پيش ڪنديون ڏيکاربيون آهن. آتم وشواس ۽ دوئي جي خاتمي ذريعي ئي ان ٻوساٽيندڙ جنجال مان پار اُڪري سگهجي ٿو.

ڪوبہ ڪاريگر، فنڪار، سرجڻهار پنهنجي فن ۽ ڏنڌي جي ڏانوَ ۾ پڙُ ضرور ٿئي ٿو پر، گُهور اگيان ۾ گُتل ۽ سنئين دڳ تان ٿڙيل چرتر هيڻ پرش کي ’انسان‘ بڻائڻ جي فن کان بلڪل نپٽ هوندو آهي. دراصل سندس فن ۽ ڪاريگري ’محبت‘ ۽ ’فهم‘ پيدا ڪرڻ ۾ پوشيده هئڻ جڳائي. هيءُ خيال ڪيئلداس فاني، اياز ۽ پنهنجي زندگي بابت سوچيندي آيو اٿم.

اسلام کان اڳ واري ’اونداهي‘ سعودي عرب ۾ نياڻي جي پيدائش بعد سندس نرگهٽ تي ننهن ڏئي ماري يا زنده دفن ڪيو ويندو هو. سندس وجود غير مقدس ۽ اَشڀ ڄاتو ويندو هو. اسلام جي آمد کان پوءِ ان ڪُڌي، غير انساني رسم جو خاتمو آندو ويو.

پر، ڪن پل جي Survival لاءِ اڄوڪو مهذب انسان وڏيڪ بي ترس غير مهذب ڌاڪو ۽ وحشي بڻجي چڪو آهي. اهو ويچارو ٽري هندو جيڪو لڳ ڀڳ اسلامي دنيا کان اڳ واري ويچار ڌارا سان ملنڌڙ سوچ ۽ عمل وارو نظر آيو اٿم. ٽري هندو بہ ڇوڪرين جي پيدائش کي تحسين جي نگاهن سان ڪونہ ڏسندا آهن- ۽ نياڻي جي جم تي نہ مٺائي ورهائين ۽ نہ خوشي ئي ڪن. سندس ’آمد‘ کي اَشڀ ڄاڻندي روزانو واڇندڙ ’گيتا‘ جو پاٺ چاليهن ڏينهن تائين ترڪ ڪري گهر جي ماحول ۾ ڄڻ ماتمي رنگ اوتيو ويندو آهي. خاص طور مهيشوري ۽ لوهاڻي جات جا اڪثر خاندان ان غير انساني رسم ۽ سوچ جا پختا پوئلڳ آهن. اهو انڪشاف گيتا جي خودساختہ گياني پرش پي داس مهيشوري طرفان فخريہ انداز ۾ ڪيو ويو هو.

برهم چاريہ جيون تي، جنهن جو ذڪر ڪجهہ ’ماڻهن، فردن‘ جي حوالي سان ڪٿي ڪيو اٿم، ويچاريندي سوچيو اٿم تہ ان حالت جو سچو تعلق صرف ’دل ۽ دماغ‘ کي برهم چاريہ رکڻ سان ٿئي ٿو. تن جي تن کان وقتي يا هميشگي جي دوري مصنوعي هوندي آهي. اصل برهم چاريہ حالت ۾ عورت جو احترام ۽ هن جي تقدس جو خيال اهو سوچي نہ ڪرڻ جڳائي تہ هوءَ ’نسل جي واڌ‘ جي ذميدار آهي يا ’محبوبہ‘ ۽ ’ڌرم پتني‘ آهي بلڪ ڪيس مرد جي ’دوئي‘ (duality) ۾ رچيل ڳهنسڌڙ ۽ پو ڳٽائن پريل زندگي ۾ هڪجهڙي وندينڌڙ ساٿي بلڪ جاڙي هم نفس طور ڄاتو وڃي. مرد سندس ذات ۾ ’وحدت‘ پسي ٿو، ۽ عورت مرد جي ذات ۾ ’دوئي‘ کان آجڪائي جو وسيلو ڳولهي لهي ٿي. پر، اسانجي ’پر‘ ۾ اهڙي ’نرواڻي‘ ڪيفيت اڻلڀ آهي.

حقيقت ۾ دل اندر مندر، ۽ مندر اندر دل ٿئي ٿي ۽ انسان لاءِ اهڙي ڳولها کي اُتم سمجهڻ جڳائي. دل ذريعي ئي ڪرشن، ارجن جيان ٿيئي لوڪ پسي سگهجن ٿا.

’مرڻ لاءِ جيئڻ‘ جي تمنا کي فاني چئي سگهجي ٿو پر، ’جيئڻ لاءِ مرڻ‘ جي ويچار ۽ آرزو ۾ لافانيت ۽ ابديت آهي. اهڙي حالت ۾ وجود مٿان ڪنهن تبديلي جو اثر ڪونہ پئجي سگهندو.

بنيادي طور انسان جي وجود جي اڏاوت ۾ زمان ۽ مڪان جو وڏو ڪردار رهيو آهي. مهاتما بُڌ چواڻي، ’انهن ٻنهي سخت ٻنڌڻن کان آزادي کي ئي نرواڻ جي جوت ڪوٺي سگهجي ٿو. ’مڪان‘ اندر نہ صرف ڌرتي شامل آهي بلڪ سج چنڊ تارا گرهہ بہ ان جو اڻ ٽٽ حصو آهن جيڪي بي ترس وقت جي آغوش ۾ انسان جيان گولاٽيون ڪائيندا رهن ٿا- اهي سيئي هڪبئي لاءِ لازم ملزوم آهن؛ انهن کان آزادي ڇوٽڪاري جي راهہ تي آڻي ٿي- ۽ ان راهہ تي پهچڻ جو وسيلو انهن سيني پدارٿن سان ’بي غرض محبت‘ ۾ سمايل ٿئي ٿو. ان سموري ماندڻ ۾ صرف ’انسان‘ ئي ڪائنات جو لپائيندڙ مرڪز ۽ محور جو درجو رکي ٿو. باقي ٻيو سڀ شنڪر آچاريہ جي ’مايا‘ جهڙي حيثيت رکي ٿو. پر، اهڙي ’بي غرض محبت‘ ۾ جيڪڏهن جسماني سنگمر کي بہ بي غرض قرار ڏبو تہ سمورو وجود بي سوادي بي مزه ۽ ڦوڳ جيان ڀاسندو. آدم ۽ حوا جي ان اوائلي ’سواد‘ سببان تہ دنيا بلڪ ڪائنات اندر رنگارنگي ۽ خوشبو واسيل آهي.

بقول شخصي، ’اوائلي انسان گناهہ ۽ ثواب جي ٻن دروازن ذريعي جنت مان ترڄي ٻاهر هليو آيو هو، ۽ هينئر فهم ۽ شعور جي صرف هڪ دروازي وسيلي ان اندر ڀيهر داخل ٿيڻ جو ساهس رکي ٿو.‘ هن اندر ڏيان، گيان، پاڻ کي عمدگي سان اظهارڻ ۽ سرجڻ جي اُتم بلڪ الوهي خوبي آهي.

ٻئي هنڌ وري ’يهوديت واد‘ ۾ خدا کي قهار ۽ ساڙهہ جو تمنائي ڏيکاريو ويو آهي، ۽ انسان بہ سندس سچو نقل لڳي ٿو (جنهن جا بي مثل مثال مٿي ڏئي آيو آهيان). حالانڪ محبت ۽ سچ کان عاري پوائتي خدا ۾ ايمان آڻڻ اُتم انساني متن ۽ آدرشن جي سراسر خلاف ۽ برعڪس هئڻ جڳائي.

هتڙي هڪ ٻي ياد هِري آئي اٿم. ابوالهول شين جي خوشبو تي زنده رهي ٿو، هو انهن جي ماس ۽ رت کان بلڪل ونءُ ويندو آهي! ساڳي ريت وئشنو پنٿي بہ خوشبو جهٽڻ ۾ ويساهہ رکندا آهن. نواب اڪبر بگٽي ۽ آئون بہ ان لحاظ کان وئشنو پنٿي ٿي ويا هئاسون. ماس جي مختصر يا طويل ڏوري کي ’ويسر‘ چئي ان کي ننڊ يا آسائش سان تعبير ڪندا هئاسون.

پر، هتڙي پنهنجو وجود ’سروم دڪم دڪم‘ بڻجي چڪو آهي ڇو جو پنهنجا ’ويجها‘ آدمخور ۽ رت پياڪ بڻجي چڪا آهن- ٽمبڪٽو جي آدمخورن کان ٻہ قلم اڳتي.

لازوال ’فردوسي‘ پنهنجي شاهڪار رچنا ’شاهنامو‘ ورهين جي عرق ريزي ۽ نور نچوئي وجود ۾ آندو هو ۽ سلطان غزنوي ساڻس قول شڪني بلڪ ويساهہ گهاتي ڪندي هن ڀڳٽي شاعر جي اُجوري ۾ زمين ۽ آسمان جيڏي وڇوٽي پيدا ڪئي هئي. هن باظفر انسان سندس موڪليل اجورو واپس ڪندي ’شاهنامي‘ اندر هڪ ’هجوَنامي‘ جو اضافو ڪري ڇڏيو هو. تاريخ ۽ انساني ذهن شاهد آهي تہ اهو ’هجوَنامو‘ سلطان جي روح تي، تاقيامت، هڪ بدنما داغ جيان چهٽيل رهي ڪيس پيڙٽ ڪندو رهندو.

مونکي پختو وشواس آهي تہ منهنجو ’هجوَنامو‘ بہ انهن ٻنهي ’ڪوجهي آتمائن‘ مٿان ناسور جيان-زندگي جي آخري لمحن تائين- چهٽيل رهندو.

سلطان کي جڏهن پنهنجي انرٿ، فاش غلطي يا حماقت جو احساس ٿيو هو تہ هن انيڪ جتن ڪيا تہ ڪنهن صورت ان جو پرپائو ڪري سگهي. پر، وقت سندس انتظار ڪونہ ڪيو ۽ اوير ٿي چڪي هئي ۽ انت گهڙي تائين ان جي پو ڳٽا پو ڳيندو رهيو هو.

هر ڪرٽي پرٽي يا مڪافاتِ عمل ڌرتيءَ جي سيني تي ئي ٿيندو رهيو آهي- ۽ ٿيندو رهندو.

ايوڌيا جي راجا دسرٿ شڪار ڪرڻ دوران پيرسن، بيمار ۽ اکين کان جڏي ماءُ پيءُ جي آخري ۽ اڪيلي آسري سندن نوجوان پٽ سرون ڪمار کي، پَل ۾، تير هلائي ماري وڌو هو. هنن ٻنهي نيڪ روحن، دسرٿ جي معافي وٺڻ جي باوجود، ڪيس پاراتو ڏئي پراڻ تيا ڳيا هئا. دسرٿ ان ڪرٽي جي پرٽي جي نتيجي ۾ سموري ڄمار هن ڌرتي تي ئي پو ڳيندو رهيو ۽ پيرسني ۾ پنهنجي پٽن رامچندر لڇمڻ ۽ ننهن سيتا جي جدائي ۾ تڙقندي تڙقندي پراڻ تيا ڳيا هئائين. (هلندڙ)

## مارن مونڊي موڪليا




### سليم نور حسين، ڪراچي.

پهرين سراج صاحب جي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' بابت تاج بلوچ ۽ ناز سنائي صاحبان جي جوابي تبصرن ('سوجهرو' مئي ۽ جون 1913) جي حوالي سان ڪجهه ويچار:

(1) جنهن زماني ۾ (1964) سراج صاحب پنهنجو اهو ڪتاب ڇپايو هو، تنهن زماني ۾ آئون ماهوار 'نئين زندگي' ۾ مرحوم عبدالواحد سنڌيءَ جو 7 مئي 1963 کان 4 جولاءِ 1966 تائين نائب هوس. مسٽر سنائيءَ جي چوڻ موجب، پروفيسر علينواز جتوئيءَ ۽ سراج صاحب جي ان موضوع تي 'ڏي وٺ' نئين زندگيءَ جي مختلف پرچن ۾ ڇپي هئي ۽ مسٽر تاج بلوچ جي چوڻ موجب ان ئي دور ۾ سماهي مهراڻ ۽ ڪجهه ٻين پرچن ۽ اخبارن ۾ مرحوم ڊاڪٽر جتوئي، ڊاڪٽر بلوچ، الانا صاحب ۽ سراج صاحب جي وچ ۾ 'ڪر سوال وٺ جواب' وارو سِلسِلو به هليو هو. ۽ 'سراج صاحب جي ڪتاب وڏي ڪنٽراورسي پيدا ڪئي هئي.' هاڻ جي اها 'ڏي وٺ' ۽ ڪنٽرو ورسي هئي ته ضرور علمي سطح جي هوندي ۽ اهو 'ڪر سوال وٺ جواب' وارو سلسلو مهينن جا مهينا هليو هوندو ۽ لڳي ٿو ته ڪنهن نتيجي تي نه پهتو هوندو ڇو ته ان ۾ ٻهرو وٺندڙ چارئي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پنهنجي پنهنجي موقف تي قائم رهيا هوندا ۽ پر جي ڪنٽرو ورسيءَ جو بنياد پروفيسر جتوئيءَ جو اهو الزام هو ته سراج صاحب جو ڪتاب 'پروفيسر چٽگاٽيءَ جي سنڌي ٻولي ۽ ان جي نظريئي بابت انگريزي ڪتاب جو الٿو' آهي، سو پڻ ثابت نه ٿي سگهيو هوندو ڇو ته ان جي ثابتي لاءِ اصل ڪتاب جي سراج صاحب واري ڪتاب سان ڀيٽ ڳالهه صاف ڪري ڇڏي ها. هاڻي به ٿي سگهي ٿي بشرطيڪ پروفيسر چٽگاٽيءَ جو انگريزي ڪتاب سامهون اچي.

(2) مسٽر تاج بلوچ کي 'ذاتي طور ڄاڻ آهي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' سراج صاحب پريس مان ڪٽائي گم ڪرائي ڇڏيو هو.' ۽ مسٽر سنائيءَ ان ڪتاب جي 'پهرين پبلشر زيب ادبي مرڪز واري مرحوم احمد شيخ، جيڪو ساڻس گڏ جيل ۾ هو، تنهن کيس 'اتي ٻڌايو ته سراج صاحب ڪهڙيءَ طرح ان ڪتاب جون سموريون ڪاپيون ڪٽائي ويو. ماڻهو ان ڪتاب کي ڳوليندا رهيا.' هاڻ ٻنهي صاحبن جو چوڻ سچ آهي ته آئون سوچيان ٿو ته مون وٽ اِن ڪتاب جي ڪاپي ڪٿان آئي هئي جو آئون اِن ڪتاب جي گم ٿيڻ کان ست اٺ ورهيه پوءِ ان مان هڪ اڌ حوالو پنهنجي لئمبرڪ واري ڪتاب جي اُلٿي ۾ ڏيئي سگهيو هوس؟ پنهنجي ذاتي لائبريريءَ جا ڪتاب جي ڪڏهن وري سيٽ ڪيم ته اها ڪاپي ضرور لڀي پوندي.

هاڻ مٿين موضوع کان هٽيل ڪجهه تبصرا:

(1) ڊاڪٽر ثمرين شيخ جيڪي سينئر اديبن تي 'چورين جا احوال' شائع ڪرايا هئا، سي مون کان وسريا ڪونهن. ڊاڪٽر صاحبه منهنجي اِن رٿ کي ٺڏي ڇڏيو هو ته انهن احوال نه پر الزامن کي منهنجي ڏسيل يا پنهنجي مرضيءَ وارن مصنفن جي پئنل ۾ ثابت ڪري.

(2) جيڪڏهن مسٽر سنائي جي اها دعويٰ صحيح هوندي ته هو سائين جي.ايم. سيد کي سرباٽ ڪرڻ جي حد تائين ويجهو هو ته پوءِ مٿان مون کي سائين بابت پنهنجي سوچ تي نظرثاني ڪرڻي پوي. پر پهرين موقعو ملڻ تي سائين جي پوٽي محترم جلال محمود شاهه کان تصديق ڪبي.

(3) مسٽر سنائيءَ منهنجي ان سوال کي، ته س.م. لاهوتيءَ طرفان سائين جي.ايم. سيد ۽ قوم پرست تحريڪ تي مڙهيل الزامن جي اُپٽار ڪري، لنوائي ويو آهي.

(4) مسٽر سنائيءَ جو اهو چوڻ ته هن 'ڪنهن ڪردار کي لويو ناهي' تنهن جي حوالي سان کيس اپريل 2013ع واري 'سوجهرو' ۾ ڇپيل سندس پنهنجي خط جي اٺين ۽ پوءِ وارين پئرائن ڏانهن رجوع ڪرڻ جي صلاح ڏجي ٿي. هن پنهنجي جواب ۾ منهنجي ذات جو ذڪر به شايد ان مقصد سان ڪيو آهي. پر آئون سندس پاران منهنجي integrity، منهنجي سنڌ پرستيءَ جي حوالي سان ڪردار ڪي ۽ پڻ نسيم ڪرل تي لکيل ساروڻي جي حوالي سان بحث جو موضوع بڻائڻ جي ڪوشش ڪنهن جواب لائق ئي نٿو سمجهان.

(5) مونکي ڪيرت ٻاٻاڻي جو مضمون، نئين زندگيءَ جا سراج صاحب ۽ پروفيسر جتوئيءَ جي وچ ۾ ٿيل ڏي وٺ وارا پرچا ۽ سائين جي ايم. سيد جي ڪتاب 'اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ' ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان ٿيل لکپڙهه جي ڪا خاص تانگهه ڪانهي ڇو ته مون پاران سراج صاحب کي defend ڪرڻ سان ڪو فرق ناهي پوڻو ڇو ته جيڪا به ادبي ۽ علمي حيثيت آهي، سا مون کان بهتر ادبي ۽ علمي شخصيتون تسليم ڪري چڪيون آهن.

### ياسمين بلوچ، ڪنڌڪوٽ.

مئي 2013ع جو سوجهرو هٿن ۾ آهي، پرچو دير سان مليو، اجا مڪمل مطالعو نه ڪري سگهي آهيان. 'ٽچ مي پليز' ڪجهه شاعري، ۽ هڪ اڌ ڪهاڻيون پڙهي سگهي آهيان. هونئن ڪٽي خط نه به لکان ها. پر عزيز گل جيڪو ڪڏهن عزيز ڪوسو آهي ته ڪڏهن پاڻ کي بدين، ڪڏهن جهڏي ۽ ڪڏهن ڄامشوري جو ڄاڻائيندو آهي، ان ڄٽڪي شوخي سان چيو آهي ته اوهان ان جي شاعريءَ سان ناانصافي ڪئي آهي. 'توهان پاران اصلاح ڪيل غزل ۽ سندس غزل پڙهيا. پر پوءِ به اصلاح ڪيل غزل جو پاسو ڳرو هو. هن کي ته اجا خوش ٿيڻ کپي ها، جو اوهان ان جي شاعريءَ کي غور سان پڙهيو ۽ ان جي اصلاح ڪئي. نه ته اڄڪلهه اسان جا سينئر اديب اسان نون لکندڙن کي پڙهڻ ئي ڪونه ٿا. پر عزيز کي ڪهڙي خبر ته تاج بلوچ هڪڙي تاريخ آهي. تاج، جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ سان سچو ناهي، جيڪو پنهنجي شهر ۽ نالي سان به سهمت ناهي. اهو سنڌي ادب جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهندو؟ عقل ڪٿان ملي ته وٺي ڇڏي.

اپريل 2013 وارو سندس خط ته پڙهي ڏسو!! رومانٽڪ ٻوليءَ ۾، 'هالار ڊائجسٽ' جي مختلف پرچن ۾ ڇپيل نثري ٽڪرن کي ڳنڍي خط مڪمل ڪيائين پر ڪوڙ نيٺ ڪوڙ آهي. سچائي ظاهر ٿيڻي ئي آهي. بهرحال اهو ان جي پنهنجي ايمان تي ٿا ڇڏيون. هو پلي پرايا خيال چورائي. پر صاحب اڳتي لکي ٿو، 'سوجهرا، تون ان شخص سان ضرور ملجانءِ، جا هر مهيني توکي خريد ڪرڻ ٻهراڙي جي لاريءَ تي چڙهي شهر ويندي آهي. جيڪا ڪپڙا ڌوئيندي واٽر جي ڪپ تي به توکي پڙهندي آهي.'

پر تاج، اهو سراسر ڪوڙ آهي. اسان جي ٻهراڙي اجا ايتري ترقي نه ڪئي آهي. جو ڪپڙا ڌوئيندي به ڪتاب پڙهون. ۽ اهو به واٽر جي ڪناري تي.

تاج، ڪپڙا ڌوئڻ مهل ته، سهيليون گڏ هونديون آهن، جيڪي يوڳ ۽ چرچا ڪنديون رهنديون آهن هڪٻئي سان، ننڍڙن ٻارن جو شور هوندو آهي، جيڪي واٽر ۾ پيا ٽڙڳندا آهن. هي منهنجو ذاتي تجربو آهي ڇو ته اسان جي گهر ۾ پاڻي مٺو نه هئڻ ڪري، آئون اڪثر ڪپڙا واٽر تي يا شاخ تي ڌوئيندي آهيان.

تاج، ادب سان منهنجي بي انتها محبت هوندي به مون ڪڏهن ڌوڙ اڌاري کو ڪتاب يا رسالو خريد ڪرڻ هيرجي شهر نه وئي آهيان. ۽ نه ئي ڪڏهن لاٻارو ڪندي يا ڪپڙا ڌوئيندي ڪو ڪتاب پڙهيو آهي.

تاج، منهنجي صلاح آهي ته 'چڏ منڊي کي واريءَ ۾' توهان جو نظم، 'هن جي نالي' بهترين نظم آهي. الئه ڇو مون کي پنهنجي دل جو آواز محسوس ٿيو.

هر ڀيري ج.ع.منگهاڻي جي شاعري دل جي تارن کي ڇُهي ويندي آهي. خط ڊگهو ٿيندو ٿو وڃي. شايد ملئي به دير سان. پر هلائڻ جي ڪوشش ضرور ڪجانءِ. نظم موڪلي رهي آهيان. اصلاح ڪري هلائيندا ته احسانمند رهنديس.

اوهان خطن جا جواب لکي خط لکندڙن ۽ اسان سڀني پڙهندڙن کي لاجواب ۽ مطمئن ڪري ڇڏيندا آهيو. اوهان جو اهو انداز به متاثر ڪندڙ آهي. اوهان جي مطالعي، مشاهدي، ڄاڻ ۽ ادبي پورهئي تي اسان کي فخر آهي.

### ٻچن لال، ڪراچي.

جون جو 'سوجهرو' 31 مئي تي مليو. سرهائي ٿي.

'ٽچ مي پليز' تاج بلوچ جو عجيب اظهار آهي. شايد Astral ۾ اچي لکيو اٿس. 'شيخ اياز شاعر جي شخصيت ۽ شاعري' بابت ڄاڻ گهٽي مقدار ۾ سائين قربان علي بگٽي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحبان جي مضمونن مان ملي. ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ٿيو. ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي باري ۾ جيڪي ڪجهه ڀيڻ ج.ع.منگهاڻي، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، محترمه فريده شفيع، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ محترم ممتاز مهر لکيو آهي اهو هن جي زندگي جا ڪئي عڪس پسائي ٿو. ڀيڻ ج.ع.منگهاني جو غزل، 'تن ۽ من جون عادتون پنهنجي جڳهه' غضب جو آهي. عرض ڪندس ڀيڻ جو فوٽو ۽ پورو نالو رسالي ۾ سندس ايندڙ تخليق سان شايع ڪجو ته مهرباني. 'بدلو' حسيب ڪانهيي صاحب جي ڪهاڻي پلي ڏانوَ سان لکيل آهي. پر انيلا جهڙي خوبرو ۽ شريف ڇوڪري کي شيدي جي حوالي ڪري ڪهاڻي جو ڪنڌو ڀني وارو ڀڃي ڇڏيو. 'پاتم جهاتي جهان ۾' شيام ڪمار جي آتم ڪٿا قسط 27 پڙهي سچا Events آهن. مزو ڏين ٿا. نسرين الطاف جو غزل، غزل جي مزاج ۾ نواڻ جو بهترين مثال آهي. ٻيون لکڻيون اجان پڙهان پيو.

### عنايت لغاري، ڏڳاڻو بوزدار.

'ٽچ مي پليز' سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ته اهو سمجهي سگهجي ته چوڻ واري چوڻ ڇا چاهيو آهي؟ جيترو هَٽي ڏٽي، هِتان هُتان، اڳيان پويان سمجهي سگهبو آهي، اُن کي شطرنج جي راند ئي سمجهبو آهي. جا تاحال سمجهي نه سگهيو آهيان. پوءِ به هِن ماهه وارو، 'ٽچ مي پليز' مونکي ايئن لڳو ته تاج بلوچ ۾ نظرياتي تبديلي اچي رهي آهي. ۽ اهو فطري به آهي. ماڻهو پوري ڄمار هڪ سڪندڙ جي حيثيت رکي ٿو.

الانا صاحب، جي سخت تنقيد منڊيءَ تي ٽِڪ برابر آهي. ڏاڍي وضعداري ڏيکاري اٿس. الانا صاحب جو انداز وڻندڙ آهي. بگٽي صاحب جي تحرير به وقتائتي ۽ شاندار آهي.

شيخ اياز کي پاڻ ٻُڌائڻ جي بيماري نه هجي ها ۽ هو جيڏو قلمڪار هو، عاجزي اختيار ڪري ها ته هر گهر ۾ هن جو مداح هجي ها. شخصيتن ۾ عاجزي (نياز ۽ نوڙت) سونهن جو سبب بڻبي آهي. وڻ ۾ جيترو ميوو پرجي اچي ٿو، اوترو ئي هو اوچو ٿيڻ بدران نيچو ٿئي ٿو. ۽ مخلوق هن جي ثمرُ مان مستفيد ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر البدويءَ هيڏو وڏو پڙهيل ڳڙهيل!! ڪارنر پڙهي لڳو ته اسان معمول جيان ڪيڏو وڏو ماڻهو وڃائي ڇڏيو.

سعيد ميمڻ جون وايون وڻيون.

'ٽپي' ڪهاڻيءَ مان عبيد راشدي صاحب ڪهڙو ميسيج ڏيڻ چاهيو آهي؟ خطن وارو سلسلو ڏاڍو سگهارو لڳي ٿو. سچ ته سوجهرو کي سونهن بخشين ٿا. ■